# سنڌي ڊرامي جي تاريخ

(مختصر تحقيقي جائزو)



آفتاب حسين ڪوهارو



ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري ( گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944 )

# سنڌي ڊرامي جي تاريخ

## (مختصر تحقيقي جائزو)

آفتاب حسين ڪوھارو

*

آفتابِ ادب پبليڪيشن ڪوٽڙي
2012ع

*

سنڌ سلامت
ڪتاب گھر


ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊ من: امير عدنان 03337516944)

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** متعارف ڪرائڻ جو جيڪو سسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو **ٽيٽيهون (33)** ڪتاب **سنڌي ڊرامي جي تاريخ** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب سنڌي ڊرامي بابت مختصر پر جامع تحقيق تي مشتمل پياري دوست ۽ سنڌ سلامت جي رڪن محترم **آفتاب حسين ڪوهارو** صاحب جي ٿيسز آهي، جيڪا هن سنڌ يونيورسٽي جي ڊاڪٽر نور افروز خواجه جي رهنمائي ۾ تيار ڪئي آهي.

اسين ٿورائتا آهيون پنهنجي دوست آفتاب حسين ڪوهارو جا جنهن نہ صرف هن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي ڏني پر ان سان گڏ هي ڪتاب سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت بہ ڏني. اوهان سڀني دوستن، بزرگن ۽ ساٿين وٽان جي قيمتي مشورن، راين ، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
salamatsindh@gmail.com


ڪتب خانہ...وائس ايپ لائبريري (گروپ ايڊ من: امير عدنان 03337516944)

# ارپنا



پنهنجي جيجل امڙ،
پياري بابا سائين جي نانءُ،
جن جي
شفقت
۽
دعائن
سان اڄ
مان
هن منزل
تي پهتو آهيان.

آفتاب حسين ڪوهارو


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري ( گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944 )

# مھاڳ

ڊرامہ يوناني ٻوليءَ جو لفظ آھي، جنھن جي معنيٰ آھي عمل يا ائڪشن . ڊرامہ نقالي آھي، ڊرامہ جي شروعات يونان کان ٿي. سنڌ ۾ پھريون ڊرامو امام بخش خادم جو لکيل "ھيررانجھو" ليکيو ويندو آھي. ڊرامہ جو پنھنجو ھڪ فني سٽاءُ ٿئي ٿو جنھن ۾ پلاٽ، مرڪزي ڪھاڻي، ڪردارنگاري، ٻولي، منظرنگاري، سيرت نگاري ۽ فني جزا شامل آھن. ڊرامن جا ڪيترائي قسم پڻ ٿيندا آھن.

آفتاب حسين ڪوھاري (ايم اي آنرز) سنڌي شعبي، سنڌيونيورسٽي ڄامشورو مان ڪئي اٿس. ھي تمام ذھين شاگرد آھي. ادب سان تمام گھڻو چاھہ اٿس. تنھن ڪري ڪيس تحقيقي ڪم ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيو ۽ پاڻ تحقيقي ڪم ڪرڻ جو اظھار ڪيائين تہ مون ڪيس پنھنجي رھنمائي ۾ ("سنڌي ڊرامہ جي تاريخ" مختصر تحقيقي جائزو) موضوع چونڊ ڪري ڏنو. سنڌي ادب ۾ "ڊرامہ جي تاريخ" تي تمام گھٽ ڪتاب لکيل آھن. جنھن ۾ ڊرامہ جي فن تي "چار مقالا"، منگھارام ملڪاڻي "سنڌي نثر جي تاريخ"، مير محمد نظاماڻي "سنڌي ڊرامہ" غلام حيدر صديقي "ننڍي کنڊ ۾ ڊرامہ جي تاريخ" لکيل آھن. سنڌ ۾ پروفيسر ڊاڪٽر مرزا حبيب الله ۽ ڀارت ۾ ڊاڪٽر پريم پرڪاش سنڌي ناٽڪ نويسيءَ تي ٿيسزون لکيون آھن.

آفتاب ڊرامہ بابت مواد جي کوٽ کي مد نظر رکي ھي تحقيقي موضوع چونڊ ڪندي ھن ڪتاب لاءِ چار باب لکيا اٿس، جنھن ۾ ڊرامہ جي وصف، ڊرامہ جا فني جزا، ڊرامہ جا قسم ۽ سنڌي ڊرامہ جي ارتقائي تاريخ، اسٽيج تي پيش ٿيل سنڌي ڊرامہ جو مختصر ذڪر ڪيو اٿس. 1947ع کان سنڌي ڊرامہ جي مختصر تاريخ لکي اٿس، تنھن بعد ھن ريڊيو ۽ ٽي وي ڊرامن جو مختصر جائزو پيش ڪيل آھي. ڊرامہ نگارن ۽ انھن جي موضوعن بابت بہ گھڻو مواد شامل ڪيو اٿس، ھن ڪتاب اندر سنڌي ڊرامن ۾ سنڌي سماج جي مسئلن تي، سنڌ جي ماڻھن جي سياسي، معاشي، نفسياتي مسئلن بابت لکيل ۽ پيش ٿيل ڊرامن جو تحقيقي جائزو ڪيل آھي.

انشاءَالله ھو آئنده اھو سڄو مواد ترتيب ڏيئي ناھي ڪتابي صورت ۾ ٻئي حصي طور پڻ رھيل مواد جي کوٽ لاءِ پوراءُ ڪندو.

دعا آھي تہ مالڪ کيس ھن نيڪ ڪم ۾ سندس مددگار ٿئي تہ جيئن ھي نوجوان ادبي کيتر ۾ پنھنجو نالو روشن ڪري سگھي.

**پروفيسر، ڊاڪٽر نور افروز خواجہ**
ڊين فيڪلٽي آف آرٽس
سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، سنڌ.


ڪتب خانہ... وٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

# پنهنجي پاران

سنڌي ادبي ڪيتر ۾ سنڌي ڊرامي تي اڳ پيش ٿيل، لکيل يا تحقيق ٿيل ڊرامي جا ڪجهه مشهور ڪتاب لکجي پڌرا ٿي چڪا آهن. جن مان سنڌ ۾ ”سنڌي نثر جي تاريخ“ منگهارام ملڪاڻي ، ”سنڌي ڊرامه“ پروفيسر ڊاڪٽر حبيب الله مرزا. ”ادبي اصول“ غلام محمد شاهواڻي. ”ادبي گل“ موهن لعل ’پريمي‘ ، ”چار مقالا“ محمد اسماعيل عرساڻي. ”سنڌي ناٽڪ جي تاريخ“ ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور. ”ڊراما“ آغا سليم. ”ادب ۽ روايتون“ قاضي خادم. ”شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو“ پروفيسر ڊاڪٽر انور ’فگار‘ هڪڙو. ”نئدي ڪنڌ ۾ ڊرامي جي تاريخ“ غلام حيدر صديقي ۽ هندستان مان پريم پرڪاش ”سنڌي ناٽڪ جي اوسر“ (تحقيقي مقالو) انهن ليکڪن پنهنجي علمي سگهه آهر ڊرامي جي تاريخي نوعيت کي اجاگر ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي، ۽ انهن پنهنجي علمي ادارڪ سان سنڌي ڊرامي جي تاريخ کي پنهنجي وسعت آهر تحقيقي ريج ڏنو آئن. انهن محققن ۽ ليکڪن جي صلاحيتن کي سندن علمي ۽ ادبي ڪاوشن لاءِ جيترو به ساراهجي اهو تمام گهٽ آهي، سندن ڪتابن مان مليل مواد کي جانچڻ ۽ پرکڻ کان پوءِ ئي آئون هي تحقيقي ڪم پورو ڪري چڪو آهيان ۽ سندن ئي ڪتابن مان ورتل مدد جي مدنظر هن ڪتاب جو پهريون حصو مڪمل ٿي چڪو آهي ۽ اڳتي ان سلسلي کي پڻ جاري رکڻ جي ڪوشش ڪندس.

”ڊرامه“ تاريخي ڏند ڪٿائن جي روايتن جي آڌار تي ارتقا پذير ٿيندي نظر اچي ٿو. اهڙيءَ ريت جڏهن يوناني دؤر ۾ ”ڊرامه“ جي ارتقا ٿي تنهن وقت ۾ پيش ٿيندڙ ڊرامن جو اصل مقصد مذهبي تعليم کي اجاگر ڪرڻ هو ۽ ان تمثيلي قصن کي هر عام ۽ خاص تائين پهچائڻو هيو. تنهن وقت جي يوناني ڊرامه نويس نه فقط مذهبي رنگ کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ان سان تمثيلي قصن کي پڻ اجاگر ڪرڻ جو موقعو پيدا ٿيو. جنهن وسيلي مذهبي تعليم اجان به پختي طور تي عوام ۾ مقبول ٿي ٿئي. پر مسلسل اهڙي قسم جي موضوعن مان جلد ئي ماڻهو ٿڪجڻ لڳا ۽ ڪنهن مسيحائي قصن بجاءِ نئين موضوع کي جانچڻ لڳا.

انساني معاشرو مسئلن جي ڳنڀيرتا ۾ جڪڙجندو ٿي ويو ۽ پراڻا موضوع آهسته آهسته پيش ٿيندڙ ڊرامن مان خارج ٿيندا ويا ۽ انهن ۾ نون موضوعن طور پيش ٿيندڙ معاشرتي مسئلن کي جاءِ وناءي وئي، پوءِ جلد ئي اهڙن معاشرتي مسئلن جي عڪاسي سان گڏوگڏ تنهن وقت جي موضوعن کان پوءِ جلد ئي ڊرامه نويسن ڪائنات جي حسناڪي، فطرتي حسناڪي، ظاهري سونهن، قدرتي ڳجهن کي سمجهڻ جي لائق بڻيو. مطلب ته تاريخ جي مطالعي سميت ڪائنات جي هر شيءَ کي نروار ڪرڻ وارا اهم موضوع ”ڊرامه“ جو بنياد بڻجي هن صنف کي جنم ڏنو.

جهڙيءَ ريت يونان ۾ سڀ کان اول شاعريءَ جي شروعات ٿي ۽ تنهن بعد نثر ۽ نظم جي گاڏڙ صورت ۾ هن صنف ”ڊرامه“ جنم ورتو. ۽ يونان جي اسٽيج يا ٿيٽر تي ڪري ڏيکارڻ واري عمل

طور ڪيڏيو ٿي ويو. يونان جي تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو تہ تنهن وقت جي چارڻن جي ٽولين جيڪي جهنگن ۽ چراگاهن ۾ سڄو ڏينهن ٻڪريون چاريندا هئا، تن پنهنجي تمثيلي قصن کي هٿي ڏني ۽ اهڙي ريت زبان در زبان بدّل ڏند ڪٿائي قصن تي پنهنجي خيالن وسيلي سندن مذهبي ۽ فطرتي شعور مان شاعري تخليق ڪندا هئا ۽ هڪٻئي سان ميل جول وقت پاڻ ۾ ويهي هڪ ٻئي سان پيا سليندا رهندا هئا ۽ ٻين کي بہ پيا ٻڌندا ۽ ٻڌائيندا هئا، اهڙي قسم جا نظم ۽ ڏرمي قصا سندن وسيلي مذهبي توڙي عام ماڻهن جي پهچ تائين پهتا تہ سندن ڪجهہ مرتبو وڌيو ۽ ائين اڳتي هلي تنهن وقت جي ڳاڙڻ قسم شاعري پڻ ڊرامہ طور جنم ورتو.

ڊرامہ جو اصل مقصد انسان ۽ ڪائنات جو پاڻ ۾ ٽڪرار (Conflict) سمجهيو ويندو هو. جهڙوڪ ان سماج ۾ رهندڙ ڪنهن سماجي برائي ۾ جڪڙجي ڪو گناهہ ڪندو هو تہ اهو اخلاقي سرشتي سان منسوب ڪيو ويندو هو. تنهن جو اصل مقصد حق، سچائي ۽ انصاف جي فتح کي نروار ڪرڻ ئي هوندو هو. اهڙين ڏندڪٿائي قصن کي بيان ڪرڻ لاءِ هو هڪ ٽڪري تي ٻيهي ڪري اهڙي ڏرمي قسم جا قصا ورجائيندا هئا ۽ پوءِ آهستہ آهستہ ان کي ڊرامائي صورت ۾ پيش ڪرڻ لڳا. اهڙي ريت سمجهڻ کپي تہ ڊرامو ميلاپ آهي، رقص، نغمي، ڀڳتي، شعر، سرود، ڏند ڪٿا ۽ داستاني قصن جو. اڳتي هلي اسڪائلس ان ۾ ترميم آڻي ڳائيندڙن جي ٽولي کي ينتي ڏکيو ۽ ان ۾ نوان لاڙا پيدا ڪيا، جهڙوڪ: ٿيئٽر تي اچڻ وقت ائڪٽرن کان پلاٽ پڙهڻ وارو ڪم ونڻ لاءِ انهن کي ٿيئٽر تي اچڻ وقت مختلف تاثر ڏيندڙ ماسڪ پهرايا ويندا هئا جنهن سان ڏسندڙ انهن اداڪارن جي پيش ڪيل ڪردارن کي ان ڏک يا خوشي واري ماسڪ وسيلي سڃاڻي سگهي ۽ پيش ٿيندڙ قصي کي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي.

ائين هلندي هلندي ڏند ڪٿائي قصن اڳتي هلي سماجي اوٽاين کي نروار ڪرڻ شروع ڪيو ۽ آڳاٽي ڏند ڪٿائن کي مسخ ڪرڻ سان گڏوگڏ هاڻي انسانيت جي پرچار ڪرڻ جهڙا لاڙا ڊرامہ ۾ شامل ٿيڻ لڳا. جن جا موضوع اڪثر ڪري ڏوهہ ۽ سزا تي منحصر هوندا هئا. تنهن بعد سوفوڪليز جهڙي انسان کي ان دور جو عظيم انسان سمجهيو ويندو هو جنهن ان فن کي وڌيڪ اهم مقام تي آڻي ٻيهاريو ۽ سندس ڊرامن ۾ پيش ٿيندڙ فلسفو ۽ فڪر آڳاٽن (چارڻن واري وقت) جي ڊرامن جي نوعيت کان بنهہ مختلف ۽ جدت سان همڪنار رهيو. سندس ڊرامن جا موضوع گهڻو ڪري محبت، امن، ڀائيچاري ۽ انسانيت جهڙي عنصر تي ٻڌل هوندا هئا.

پاڻ انساني ڪمزورين کي پڻ نندڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. هن کان پوءِ جنهن ڊرامہ نويس جو ذڪر ملي ٿو اهو آهي يوريپائيڊز هي انسان آڳاٽين ڏند ڪٿائن کان خفا هو ۽ اهڙين ڏند ڪٿائن جي بنهہ نہ مڃڻ واري فڪر سان منسلڪ هو. سندس ڊرامن ۾ غلاماڻي نوعيت کان انڪاري ٿو ڏسجي. اهڙي ريت هي سلسلو وڌندو وڌندو افلاطون جهڙي ڏاهي انسان جي مطالعي هيٺ پڻ رهيو پر ان کي وڌيڪ اتساهہ ارسطو جهڙي عالم ڏنو جنهن هن صنف ”ڊرامہ“ کي عروج ڪمال تائين پهچايو. ارسطو ڊرامہ جي عنصرن ۽ قسمن جو تعين ڪيو ۽ ان جي لاءِ اصول مقرر ڪيا ۽ فني ٻيهڪ جوڙي، جنهن کان پوءِ ڊرامو پنهنجي اصل نوع ۾ لکجڻ، ادا ٿيڻ ۽ ڏسجڻ لڳو. اهي اصول هيٺين باب ۾ شامل ڪيا ويا آهن.


ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ڊرامہ انساني زندگي جي عڪاسي ڪندڙ ادبي صنف آهي. جيڪا نہ فقط نثر پر نظم جي گڏيل شڪل ۾ پڻ ادا ڪيو ويو هو. جهڙي ريت شاعريءَ لفظن وسيلي انسان جي اندر جي اظهار جو ذريعو آهي، اهڙيءَ ريت ڊرامو پڻ گفتگو، رومانويت نقالي ۽ عملن جي اظهار سان انسان جي ٻاهرين دنيا کي نروار ڪرڻ ۾ اهميت رکي ٿو ۽ ان پيش ڪيل انداز مان ئي جنم وٺي ٿو. تنهن کان سواءِ ارتقائي پسمنظر ۾ ڊرامو فقط مذهبي ۽ ثقافتي نقطن تي آڌاريل هيو پر اڳتي هلي ان جي ترقي ۽ نشونما تي جنهن سبب اهو عام فهم انسان جي زندگيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ مسئلن جي عڪاسي پڻ ڪرڻ لڳو ۽ سماج ۾ تبديلي جي شعوري لاٽ جو ٻارڻ بڻيو.

هندستان ۾ پڻ ڊرامہ (ناٽڪ) جي تاريخ تمام آڳاٽي آهي، هتي ڊرامہ جي بدران ڪتب ايندڙ لفظ ”ناٽڪ“ يا (کيل) هو. منجهن ڌرمي اثرن سبب هندو پنهنجا ڌرمي ٿهوارن جي ڏهاڙن يا جشن بهاران جي آمد تي ڪٺ پتيلن جا کيل پڻ رچايا ويندا هئا تنهن کان علاوه اهي ناچ، ڀڳت، سانگ ۽ رام ليلائن ۽ نوٽنڪي جهڙن اثرن تحت ميلا ملهايا ويندا هئا.. اهڙيءَ ريت هندستان جي ڊرامائي تاريخ مان بہ پتو پوي ٿو تہ ڊرامہ (ناٽڪ) کي اوائلي طور مذهبي لاڙن ۽ راڄ شاهي جي هٿن هيٺ ڪيڏيو ويو هو. ان دور جو ناٽڪ هندستان جي ٻن مشهور ٻولين ۾ ملي ٿو جنهن مان هڪ ٻولي سنسڪرت ۽ ٻئي ٻولي کي پراڪرت جي نالي سان ڄاتو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت هندستان ۾ مليل ويدن جو پڻ تمام گهڻو اثر رهيو جيڪو سندس ڌرمي ڪتاب پڻ ڪوٺيو ويندو آهي. هن ڪتاب ۾ چار ويدن جو تفصيلي ذڪر پڻ ملي ٿو.

انهن ويدن جا نالا هن ريت آهن. 1. رگ ويد، 2. يجر ويد، 3. اٿر ويد، ۽ 4. سام ويد. يونانين ۽ هندستان جي پيش ڪيل ڊرامن کان پوءِ يورپ جي تاريخ ۾ جديد ڊرامہ جي ڪلا کي تمام گهڻي حد تائين هٿي وٺرائي وئي جنهن ۾ ان دور جي ڊرامہ نويسن منجهان مارلو وڪٽر هيوگو، شيڪسپيئر، وڊز ويٿ، موليئر، ابسن ۽ برنارڊشا پنهنجي علمي ۽ فلسفياڻي ڄاڻ سان ڊرامہ تي تمام گهڻو ڪم ڪيو. ڊرامہ جي ڪهاڻي پيش ٿيڻ ڊرامہ جي مقصد جو پوراءُ نہ ٿي ڪري بلڪ ان ڪهاڻي ۾ ڪردارن جي شڪل کي چٽيو ويندو آهي تہ آخر انهن ڪردارن ڪهاڻي سان انصاف ڪيو ڪي نہ. جهڙوڪ: ڪنهن ماڻهو کي ڪردار ڏنو وڃي ڪنجوس ماڻهو جو تہ اهو وتي خلق ۾ خير خيراتون ڪندو مطلب تہ جيڪر ڪنجوس جو ڪردار ادا ڪرڻو آهي تہ ان کي ڪردار ۾ پڻ ڪنجوس جوئي جامو پارايو وڃي نہ ڪي ان کي سخاوت واري ڪم ۾ پڻ استعمال ڪيو وڃي، ٻيو تہ ڪهاڻي ڪهڙي قسم جي هجڻ گهرجي، ڪردار ان سان ڪيتري قدر ٺهڪندڙ ۽ نياءُ جوڳا ٿيندا، لفظن جي اگهاڙپ کان بچڻ لاءِ اخلاقي ۽ تمام سهنجا لفظن جو استعمال ڪارگر ڪيئن بڻائجي جيئن انهن لفظن سان ڏسندڙن جي جذبن کي اتساهہ ملي. خيال ڪهڙي ريت پيش ڪجي جو اهي خيال فقط مقرر ڪيل ڪردار سان بلڪل ٺهڪي بيهن ۽ سندن پيشڪي جو انداز ۽ گفتگو جو عمل ۽ سندن جذبات جي ادائگي جو ڌيان ڪيئن هجڻ گهرجي، يا سندس ڊرامہ ۾ ڪيس مليل ڪردار ئي سندس سوچن جو محور هجڻ گهرجي، جيئن ڊرامو ڏسندڙ ڪهاڻي کي پنهنجي جيون چرتر سمجهندي ان ڊرامہ جو مک ڪردار (هيرو) پاڻ کي سمجهڻ

شروع ڪري ڏئي. انهن سيني فنن مان اهڙي تہ جهلڪ پسائجي جو ڊراموڏسندڙ اهي سڀ ڪيفيتون پنهنجي ئي ذات ۾ جذب ڪري وٺي.

اهڙي ريت ڊرامي جي موسيقي بہ ايتري تہ وڻندڙ ۽ دل لڀائيندڙ هجي جو ڪردار ان تي نهڪي بيهن ۽ ڏسندڙن مان سُرور ماڻي سگهن ۽ ان ريت ڊرامي جي پڇاڙي بہ اختتام پذير ٿيندي ڏسندڙ کي دکدائڪ ٻڌائي وڃي.ڊرامي جي جزن جو اصل مقصد ڊرامي رچيندڙ يا لکندڙ لاءِ جيڪي حدون مقرر ٿيل آهن. انهن جو جائزو وٺڻ هوندو آهي. ان کان علاوه انهن حدن جو اصل ڪم ڪهڙو آهي ۽ انهن جا ڪم ڪهڙا مقرر ڪيا ويا آهن تنهن جي مختصر جاڻ اسان مٿي پڙهي چڪا آهيون ۽ ان سان گڏوگڏ ڪجھ جاڻ هيٺ پيش ڪجي ٿي تہ: مٿين نقطن مان تي آذاريل ڪو ڊرامو جيڪو لکيو ويندو آهي يا رچايو ويندو آهي تنهن ڏس ۾ اسان کي ڊراما نويس جي لکيل ڪهاڻي يا رچندڙ ڊرامي جي علمي، عملي ۽ عقلي لياقتن جي پروڙ پوي ٿي ۽ ان سان گڏوگڏ ڊرامائي فن جي مکيہ جزن جي بہ خبر پئي تہ ڊرامو ڪهڙن مکيہ جزن تي مشتمل هجي ٿو ۽ ڊرامہ لکڻ لاءِ اهي مکيہ جز ڪهڙي سببن جي ڪري استعمال ڪيا ويندا آهن ۽ ڊراما نويس کي ڪهڙين ڳالهين جو خيال رکڻو پوندو آهي. سندس لکت معاشري لاءِ ڪيتري قدرمفيد ثابت ٿئي ٿي. ڊرامہ نويس پنهنجي سماج مان ڪهڙي قسم جي ڪهاڻي جي چونڊ ڪري ٿو ۽ ان جي حل جا ڪهڙا نمونا چٽي ٿو. سندس ڪهاڻي جي بيهڪ جي آڌار سان ان ڊرامہ ۾ ڪهڙا موڙ آڻي بيهاري ٿو.

جنهن سان ڏسندڙ ان ڊرامہ ۾ محو ٿي وڃي ۽ مسلسل ڏسندڙ ان قصي يا ڪهاڻي جي بيهڪ کان مسلسل متاثر ٿيندا وڃن ۽ ان ڊرامہ جي پڇاڙي تائين بغير ڪنهن جهجهڪ جي ان کي ڏسي پورو ڪن. اهڙي ريت اڳتي هلي ان ڪهاڻي جي مونجهاري جو وقت اچي ٿو جهڙي ريت ٻن ماڻهن ۾ جهيڳڙو ٿي پوي ٿو پر ان کان پهرين اهو ثابت ٿيندي ڏيکاريو ويندو آهي تہ اهو جهيڳڙو ڪهڙي ڪارڻ ٿيو ۽ ان جا اصل سبب ڪهڙا هئا. اهڙي نوعيت کي اڳواٽ ڪجھ پيش ڪيو ويندو آهي يا ان جهيڙي جو سبب ڪڏهن ڪڏهن پڇاڙي ۾ پڻ پيش ٿيندو آهي. پوءِ اڳتي هلي ان کي سلجهائڻ واري نوعيت طرف ڊرامو ويندو آهي. آهستي آهستي اهو قصو پنهنجي حقيقي سماجي عڪس، مطلب سچائي جي برائي مٿان فتح واري لاڙي. يا صحيح کي غلط مٿان فوقيت حاصل ٿيندي ويندي آهي. آخر ۾ ان قصي جو نتيجو ڪهڙو نڪتو ان پيش ٿيندڙ غلط ڪردار ڪهڙا ڪم ڪيا ۽ انهن ڪهڙا رُخ اختيار ڪندي، پنهنجي لالچ ۽ لوڀ وسيلي ڪيترا نقصان ڪيا. يا جانيون ورتيون. ان جي سچي پروڙ اسان کي آهستي آهستي سلجهائيندي نظر ايندي تہ هڪ بهتر ڊرامہ جي لاءِ مٿين اصولن موجب جزن کي ورهايو ويندو آهي. جنهن سبب ڪا بہ ڪهاڻي بهتر کان بهتر سماجي، ثقافتي ۽ سياسي مفهوم جي نمائندگي ڪندي نظر اچي ٿي ۽ ان جي افاديت جو درس پڻ ان ۾ سهٽي نموني سان شامل ڪيوويندو آهي تہ جيئن ڏسندڙ ان سان پنهنجي سماجي ڪاروهنوار مان تجربو حاصل ڪري سگهي ۽ ان کي برن ڪمن مان ڪهڙا نقصان ٿيندا ان جو اندازو ڪيس پڻ ٿي سگهي ۽ چڱن ڪمن مان ڪيس ڇا هڙ حاصل ٿيندي ان جو سلو بہ سندس اڳيان تري اچي بيهي رهي ٿو.


ڪتب خانہ...وانس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ارسطو جي مقرر ڪيل ڊرامي جي قسمن ۾ ٻہ قسم وڏي اهميت وارا آهن. جن جي وسيلي ڊرامي جي ڏسندڙن کي ڪنهن ٻہ قسم جي ڪهاڻي يا قصي پيش ڪرڻ لاءِ وڏي جستجوءِ محنت سان اهڙي ڪهاڻي لکڻي پوندي آهي جنهن ۾ مڪمل طور انساني جذبن جي پرچار شامل هجي ۽ ان سان گڏوگڏ ڏسندڙن جي جذبن ۽ اُتساهہ کي پڻ ڇُهندڙ هجي ڇو تہ ان سان ڊراما نويس، ڊرامو ڏسندڙ يا ڊرامو پڙهندڙ هڪ جيترو مزو ماڻائي سگهي. اهڙي قسم جي ڊرامي کي ٽرئجڊي ڪوٺيو ويندو آهي، هن قسم ۾ غم زده حالتون گهڻي ڀاڱي بيان ڪيون وينديون آهن. ٽرئجڊي ڊرامي جي شروعات هجي يا پڇاڙي ان وچ ۾ هڪ تسلسل سان غم ۽ رنج واري ڪيفيت جو گهڻو دارومدار سڄي ڊرامي ۾ ڏيکاريل نظر اچي ٿو پڇاڙي ڀيڙيرتا يا غم، روڄ راڙي، آزار پهچائيندڙ ڳالهہ، ڏنپ ڏيندڙ واقعو يا ساڙ ۽ حسد ۾ اچي ڪنهن کان وير وٺڻ جهڙي قصي تي آڌاريل صورتحال ۾ ختم ٿيندي ڏيکاريو ويندو آهي.

هن قسم جي ڊرامي جو مقصد آهي ئي دکدائڪ ڪهاڻي بيان ڪرڻ تي. زندگي ۾ پساهہ جيستائين انساني حيات ۽ سندس باقيات تائين گڏ آهن انسان ڏک ۽ سک جي لاهن ۽ چاڙهن جي ور ۾ ٻڌتر واري امتزاجي ڪيفيتن مان گذري ٿو اهڙي ريت اوائلي دور کان وٺي فطرتي طور انسانن توڙي جانورن پنهنجي بقا لاءِ هر مخالف سان پئي جنگ جوٽي ۽ پنهنجي بقا ۽ بچاءُ لاءِ پئي اُڏارا ساهہ کنيا. نہ فقط ايترو پر حق ۽ سچ لاءِ عظيم انسانن هر وقت پئي پاڻ پتوڙيو آهي. يا وري ڏسجي تہ پهرين مهاڀاري لڙائي لڳي تہ ان ۾ ڪيترن جانين جو ذيان ٿيو. ڪيترا ماڻهو مئا، ڪيترا رشتا ٽٽا. ڪيترن مائرن جي جهولي خالي ٿي ۽ ان جنگ ڪانپوءِ ڪيترن ئي غريب توڙي مسڪينن کان پنهنجو سهارو کسي ورتو. يا وري اڃان بہ ڏٺو وڃي تہ هيروشيما تي ڪيرايل بم ۾ ڪيتريون جانيون ضايع ٿيون. اهو سانحو انساني حياتيءَ جو ڪيترو نہ دکدائڪ واقعو آهي. ان کان علاوه اسان جي روزمره جي زندگيءَ ۾ اهڙو واقعو اتفاقيہ رونما ٿي پوندو آهي. جهڙوڪر ڪنهن کي هارٽ اٽيڪ پوڻ، ڪارو ڪاري جي رسم هيٺ وڍ ٽڪ ڪرڻ، قبيلائي تڪرارن ۾ خون ريزي ٿيڻ، پلاند ۾ بي گناهہ جانين جو ضايع ٿيڻ، ڪنهن جو وات ويندي موت ٿيڻ، ڪنهن جو ننڍي ڳالهہ تي قتل ٿيڻ وغيره اهڙي قسم جا ڪوڙسارا واقعا هر سماج ۾ رونما ٿيندا رهن ٿا تن واقعن تي آڌاريل ڪهاڻين کي ٽرئجڊي جي ذمري ۾ شمار ڪيو ويندو آهي.

سنگيت ناٽڪ کي هندستان جي مختلف ٻولين جهڙوڪ گجراتي، مرهٽي ۽ هندي ۽ سنڌي ٻولين ۾ پيش ڪيو ويندو هو. هن ڊرامي ۾ شاعري، راڳ ۽ سنگيت کي نمايان جاءِ ملي، ۽ هن قسم جي ڊرامي جي فني ٻيهڪ ڪردارن وسيلي ناچ ۽ راڳن جي سهاري بيٺل هوندي هئي. آڳاٽي دور کان وٺي هند ۽ سنڌ ۾ ڀڳت جهڙا کيل سنڌ ۾ پڻ رچيا ويندا هئا. اهڙيءَ ريت سنڌ ۾ پڻ هن ڊرامي کي مرزا قليچ بيگ ”ليلان مجنون“ اوپيرا ناٽڪ لکي ان قسم جي ڊرامي کي هٿي ڏني. هن ڊرامي کي اڪثر راڳن وسيلي بيان ڪيو ويندو هو ۽ ڏسندڙ هڪ ئي وقت ٻن شين مان لطف اندوز ٿيندو هو.

هڪ تہ ان مان شاعري، گفتگو ڪردارنگاري، ميٺاج، رڌم ۽ تال جا سانباها ٿيندا هئا تہ ٻئي طرف انهن ڊرامن ۾ علائقائي رومانس وارن قصن تي ٻڌل ڪهاڻين کي هن قسم جي اوپيرائي


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ناٽڪن  ڪي ڪردارن جي لياقتن، دماغي قوت ۽ عمل وسيلي بيان ڪيو ويندو هو. اهڙي ريت موسيقي روح جي غذا آهي ۽ موسيقي ٻڌندڙ ۾ ڪير بہ هجي چاهي اها عورت هجي يا ٻار، مرد هجي يا ٻيو انهن سڀني کي راڳ يا شاعري تمام گهڻو لطف ڏئي ٿي. اهڙي ريت رومانس جي معاملي ۾ وري نوجوان اڪثري ڪري موسيقي جا ديوانا رهندا آهن.

ان جو خاص سبب اهو آهي جو هو اڪثر پنهنجي محبوب کي ماڻڻ واري خيالي دنيا ۾ اڪثر غرق رهن ٿا مطلب تہ جهڙي جيتري جنهن جي عمر هوندي ان کي اهڙي ئي قسم جي موسيقي يا شاعري وڻندي آهي. جهڙوڪ جيڪر ڪو ٻاراڻي عمر جو ٻار هوندو تہ ان کي گهرائپ ۽ تمام ڳنڀير قسم جي شاعري ڪيس سمجهہ ۾ نہ ايندي ۽ اهو فقط هڪ سادي قسم جي ٻولي واري موسيقي کي پسند ڪندو آهي. تهڙي ريت جيڪر ڪا عورت  کي سندس زندگي ۾ گهڻا ڏک ۽ اهنج مليل هوندا يا هو پنهنجي مائٽن ۽ عزيزن کان ڏور هوندي آهي تہ ڪيس وري ڳيچ يا نياپي واري قسم جهڙي موسيقي ڪيس وڻندي آهي.

تهڙي ريت جيڪر ڪو ٻيو آهي تہ اهو وري تمام گهڻي اونهي گهرائي ۽ فسلفياڻي شاعري ڪين تمام گهڻو وڻندڙ هوندي آهي. اهڙي ڊرامہ جي قسم کي انگريزيءَ ۾ ڪاميڊي ڪوٺبو آهي ۽ سنڌي ۾ مزاحيہ ناٽڪ ڪري چون. مزاحيہ ناٽڪ ۾ اڪثر ڪري ڪل خوشي جهڙا ڳڻ شامل هوندا آهن تہ جيئن ڏسندڙ کي تفريح مهيا ڪري سگهجي، ان سان گڏوگڏ  ڪنهن ڪنهن هنڌ وري ان ۾ ڏک ڀريئي منظر ڪشي پڻ ڪئي ويندي آهي، جيتوڻيڪ هن قسم جي ڊرامہ ۾ هڪ قسم جو پيغام لڪل هوندو آهي جيڪو اهڙيءَ ريت پيش ڪيو ويندو آهي جو ڏسندڙ ان مان سبق بہ پرائي سگهي ۽ کل کل ۾ ان ڳالهہ جو مقصد بہ سمجهي سگهي. هن قسم جي ڊرامہ کي فارس ڪوٺيو ويندو آهي ۽ اهڙي قسم جي ڊرامہ ۾ اڪثر ڪري کل ۽ مزاح جي بگڙيل شڪل اختيار ٿيل هوندي آهي. اهڙي قسم جو ميل ڪاميڊي ناٽڪ سان مشابهت رکي ٿو. هن ناٽڪ کي ڊرامي جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. هن ڊرامہ ۾ ٽرئجڊي جهڙي جوڙجڪ ٿئي ٿي ۽ سندس رشتو پڻ ڳنڀير ڊرامہ سان منسلڪ آهي، هي ناٽڪ جي مختلف حصن کي هڪٻئي سان لڳ لاڳاپي وارو ڪم بہ ڏئي ٿو.

هندستان جي تاريخي اتهاس ۽ سنڌ ۾ وري موهن جي دڙي منجهان مليل اهڃاڻن مان پروڙ پوي ٿي تہ هي خطو تمام آڳاٽو ۽ شاندار ماضيءَ سان واڳيل رهيو آهي. هن خطي ۾ پڻ تاريخي نوعيت جا ڪيترائي ڪارناما مطالعاتي طور ملن ٿا. جهڙيءَ ريت يونان ۽ يورپ جي ڊرامن ۾ ڌرمي خيالن ۽ سال جي موسمن جي ڦيرگهير دوران مختلف موقعن تي مختلف قسمن جا روايتن جو اثر رهندو آيو ۽ انهن روايتن جي نوعيت موجب سندن ثقافتي طور جشنن ۽ خوشي واري موقعن تي سندن ملهايل موقعن تي مختلف کيلن جو نماءُ ڪيو ويندو هو ۽ جنهن ۾ پڻ دلچسپ قصن ۽ ڪهاڻين جي پرچار پئي هلي اهڙيءَ ريت هندستان ۾ پڻ ساڳئي ريت اهڙا ئي اثر ملن ٿا.

سنڌي ڊرامن جا شروعاتي طور ٻين ٻولين تان الٿو ڪيل ناٽڪ ۽ بعد ۾ ڊرامہ نويسن جا اصلوڪن ننڍن ۽ وڏن ناٽڪن جو مختصر وچور ملي ٿو. هن دور ۾  جنهن عظيم انسان سڀني ڊرامہ نويسن کان وڌيڪ ڊراما لکيا ۽ ترجمو ڪيا سو شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ هو جنهن سنڌي ادب جي ابتدائي دؤر جو روشن خيال ۽ مترجم ليکڪ آهي، جنهن جون تحقيقي، تخليقي


www.sindhsalamat.com
ڪتاب خانہ...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

۾ علمي، ادبي ۾ سماج ۾ بيداري واريون ڪاوشون سنڌي ادب جي تاريخ جو روشن باب آهن. تنهن کان پوءِ جيڪي ڊرامه نويس اسان کي هن دور ۾ ملن ٿا تن ۾ ديوان ڪوڙو مل کلناڻي ”رتناولي“ ناٽڪ جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو هو. جيڪو اصل سنسڪرت ٻولي ۾ راجا شري هرش ديو جو هو. هن ڊرامه جي ترجمي ۾ اجاين هندڪي رسمن جي پاڙ پٽڻ لاءِ خاص طور تي لکيائين. هي ڊراموا ج تائين اسٽيج تي اچي نه سگهيو آهي. سال 1879ع ۾ حاجي امام بخش خادم بدوي ڊرامه ”هير رانجهو“ لکيو هن ڊرامه لاءِ توڙي مرزا قليچ بيگ جي ڊرامي تي اسان جي محققن جا مختلف رايا آهن ڪن جو چوڻ آهي ته سنڌي ڊرامن جو سڀ کان پهريون ڊرامو ”هير رانجهو“ آهي ته ڪن جو اشارو وري مرزا قليچ بيگ صاحب جي ناٽڪ ”زينت“ طرف آهي.

سال 1894ع ۾ ماسٽر چيناند کلڏاس جو هي پهريون سنڌي ناٽڪ ”نل دمينتي“ آهي جيڪو بعد ۾ ان ئي سال ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج اميچوئر ڊراميٽڪ سوسائٽي ڪراچيءَ طرفان اسٽيج تي آندو ويو. سال 1895ع ۾ ليلا رامسنگ وطڻ مل پاران هندستان جي تاريخي ڪتاب مهاڀارت تان ترجمو ڪيو هو.

سن 1896ع ۾ روچيرام گجُو”مهن ڪارتا“ نالي هي ناٽڪ لکيو هو. ان کان علاوه سندس ئي ٻيو ڊرامو 1897ع ۾ ”سورجن راڏ“ ناٽڪ لکيائين هي سماجي حالتن تي مبني ناٽڪ آهي. سنڌ جي لوڪ قصن تي پڻ ڪيترن ئي ڊرامه نويسن طبع آزمائي ڪئي. جنهن ۾ سال 1922ع ۾ خانچند درياڻي جو ”مومل ۽ مينڌرو“ لکيو لعلچند آمر ڏنو مل جڳتياڻي جو 1925ع ۾ ”عمر ماروئي“ سندس ٻيو ڊرامو ”سهڻي ميهار“ (1939ع). ٽيون ”سهجان جي سڪ“ ۽ چوٿون 146ع ۾ ”سهڻي رُل مئي“ لکيائين. ڊاڪٽر ليلا رام ڦيرواڻي جو 1936ع ۾ ليلا چنيسر جي قصي تي آڌاريل ”هڪڙي رات“ ۾ لکيو. سال 1941ع ڏاري رام پنجواڻيءَ جا ”مومل راڻو“ ۽ عمر مارئي جي قصي تي ٻڌل 1943ع ”پکي ۾ پدمڻي“ لکيو. سال 1946ع ۾ نانڪرام ڏرمداس جو ”سهڻي ميهار“ لکيو. 1897ع ۾ مرزا قليچ بيگ ”نادرشاهه“ نالي هي ڊرامو الٿو ڪيو. سال 1913ع ۾ ديوان ناڪرداس ”تريا چلتر“ ترجمو ڪيو هي ڊرامو شيڪسپيئر جي انگريزي ڊرامه (هيمليٽ) تان الٿو ڪيو ويو آهي.

سال 1940ع ڏاري عثمان علي انصاري ”جرمِ وفا“ ترجمو ڪيو هي ڊرامو شيڪسپيئر جي ڊرامه (Cymbelin) تان الٿو ڪيو آهي. ان کان علاوه عثمان علي انصاري جو ٻيو شڪسپيئر جي ڊرامه (The Gentle of Verona) جو الٿو ڪيل ڊرامو ”گمراهه دوست“ جي نالي سان 1940ع ۾ الٿو ڪيو هو. سال 1909ع ڏاري ڪشنچند بيوس هي ڊرامو مهاڀارت تان الٿو ڪيو. ان کان علاوه ٻيا ڪيترائي ترجمو ٿيل ۽ اصلوڪا ڊراما لکيا ويا هئا.

تنهن کان علاوه سنڌ توڙي هند ۾انهن ڊرامن کي پيش ڪرڻ لاءِ ڪيترين ئي ڊراميٽڪ سوسائٽيون ۽ ناٽڪ منڊليون قائم ڪيون ويون هيون جن جي ذريعي سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ اسٽيج ڊراما پيش ڪيا ويندا هئا. انهن شهرن ۾ ڪراچي، حيدرآباد، شڪارپورلاڙڪاڻو شڪارپور ۽ ميرپور خاص شهرن ۾ سنڌي اسٽيج توڙي ٿيئٽرن ۾ ناٽڪن پيش ڪيا ويندا هئا. اهي ناٽڪ منڊليون سنڌ جي ٻين ڪيترن ئي علائقن ۾ پڻ ڊرامن پيش ڪرڻ جو رواج عام ٿيو.


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانه... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

1947ع کان پوءِ سنڌي ڊرامن ۾ اسٽيج ڊرامن جو تمام گهٽ تعداد ملي ٿو پر جيئن ته پوءِ ڪراچي ۾ ٽي وي اسٽيشن قائم ڪئي وئي. جنهن جي وسيلي سنڌي ناٽڪن جو هڪ نئون سلسلو باقاعده وري نئين طرز سان شروع ٿي ويو هو. تنهن کان جلد ئي پوءِ حيدرآباد ۾ ريڊيو قائم ٿيو ۽ اتان ڪيترائي سنڌي پروگرام پيش ٿيڻ شروع ٿيا ۽ اسان جي ڊرامه نويسن ريڊيو ڊراما توڙي ٽي وي ڊراما تي تمام گهڻي محنت ڪئي آهي ۽ اڄان تائين اهو سلسلو هلندڙ آهي.

اهڙيءَ ريت ڊرامه پنهنجو سفر موجوده وقت تائين پڻ جاري رکيو اچي ۽ سنڌي ڊرامه نويس جن ۾ منظور نقوي، مراد علي مرزا، آغا سليم، شوڪت حسين شورو علي بابا، امر جليل قمر شهباز، عبدالقادر جوڻيجو سليم جمالي، يوسف شاهين، شمشير الحيدري، عبدالڪريم بلوچ، قاضي خادم، ڪيهر شوڪت، منظور قريشي، نور گهلو عبدالحق ابڙو، نورالهديٰ شاهه، غلام نبي مغل، فيض محمد ٻگهيو ۽ ٻيا ڪيترن ئي ڊرامه نويسن جا ٽي وي توڙي ريڊيو تي ڊرامه پيش ٿين ۽ اهي عوام ۾ پڻ تمام گهڻي مقبوليت ماڻي رهيا آهن ۽ تنهن کان علاوه موجوده وقت ۾ پڻ ٻيا به ڪيترا ڊرامه نويسن جا ڪيترائي لکيل ڊرامه سنڌي ٽي وي چينلن تي هلندا رهن ٿا جن جو ذڪر ٻئين حصي ۾ پيش ڪيو ويندو.

آئون تمام گهڻو ٿورائتو آهيان پنهنجي بابا سائين ۽ پنهنجي جيجل امڙ جو جن جي شفقت مون کي اتساهه بخشيو. پاڻ هر پل پنهنجي شفقت سان نوازيندا رهيا ۽ سندن جون، مون مٿان بيحد مهربانيون رهيون آهن. ان سان گڏ پنهنجي رهنما سائڻ محترمه پروفيسر ڊاڪٽر نور افروز خواجه جو بيحد ٿورائتو آهيان.

مان انهن سڀني دوستن جو پڻ تمام گهڻو شڪرگذار آهيان جن ۾ خاص ڪري ايڊووڪيٽ الاهي بخش اُجڻ، وحيد حيدر زئور، سائين حيدر دريا، عنايت علي زئور، علي ارشد چانڊيو اويس چوڪنڊائي، روپلو جويو، وفا مولابخش قمبراڻي، ڪاشف علي سانگي، يوسف كوهارو، عبدالمجيد چانڊيو عباس علي قريشي، ايڊووڪيٽ زاهد حسين چنه، صفدر حسين كوهارو ۽ ٻين سڀني دوستن جو جن هر وقت بيحد پيارءِ ساٿ ڏنو آهي ۽ ڏيندا رهن ٿا.

سنڌ سلامت ساٿ سلامت

**آفتاب حسين كوهارو**

شاهه لطيف ڪالوني، ڪوٽڙي

03313561889 -03133163639



ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

# اداري پاران

اداري آفتابِ ادب پبليڪيشن پاران هي شايع ٿيندڙ ٻيو  ڪتاب آهي ان کان اڳ اداري جو پهريون ڇپيل ڪتاب محترم اياز لطيف پليجو جو "قانون سيني لاءِ" ڇپجي چڪو آهي، تنهن کان پوءِ اداري جو هي ٻيو ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي، جيڪو "سنڌي ڊرامي جي تاريخ" مختصر طور تحقيقي ڪم تي مبني آهي، هن ڪتاب ۾ جيڪا تحقيقي ڄاڻ ڏنل آهي، اها ڄاڻ اسان جي ادب دوست، پڙهيل ڳڙهيل ۽ سڄاڻ طبقي جي هر فرد لاءِ لازم ملزوم آهي.

خاص ڪري هي ڪتاب سنڌي ادب جي شاگردن ۽ تحقيق ڪندڙن لاءِ نهايت اهم آهي، اهڙي تحقيق سان هن ڪتاب جي پڙهندڙن کي تمام گهڻو فائدو ملندو.

هن ڪتاب کي شايع ڪرائڻ لاءِ ادارو شڪر گذار آهي محترم آفتاب حسين ڪوهارو صاحب جن جو جنهن اهڙو علمي ۽ ادبي  ڪتاب اسان جي اداري کي ڇپجڻ لاءِ فراهم ڪيو، محقق ۽ پڙهندڙن جو سهڪار رهيو ته ايندڙ وقت ۾ اهڙي قسم جا پيا به ڪيترا علمي، ادبي ۽ سماجي نوعيت جا ڪتاب پڻ شايع ڪندا رهنداسين.

**صفدر حسين ڪوهارو**

**تاريخ:**01-06-2012



ڪتاب گهر... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

# سنڌي ڊرامي جي تاريخ

(مختصر تحقيقي جائزو)


ڪتب خانو...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

# باب پهريون

## ڊرامه جي وصف:

انساني تاريخ جي ارتقا جا مختلف دور رهيا آهن. جن ۾ سڀ کان پهرين، پٿر جو زمانو بولي جي تاريخ وارو دور، ڌند ڪتائڻ وارو دور، تحريري تاريخ کان اڳ جو دور، تهذيبن جي اسرڻ ۾ انهن جي ميسجڻ واري تاريخ، مختلف ثقافتن جو بين سماجن تي پونڊڙ اثر، مصوري جي تاريخ، ڌرمي رجحانن جو اُسرڻ ۽ ڦهلجڻ، تهذيبن جي ماهيت ۽ بڻ بڻياد جو لڳ لاڳاپو ثقافتن ۽ تهذيبن وچ ۾ چٽاپيٽي، پراڻين تهذيبن جا باقاعده مليل نادر نمونا، مصري تهذيب جي ارتقا ۽ ڦهلاءَ جا سبب، مذهبي عقيدن جون پرچارڪي تحريڪون، (سميري تهذيب جي تاريخ، بابلي تهذيب جي تاريخ، اسيري تهذيب جي تاريخ) ميسوپوٽيميائي تهذيب جو اُسرڻ، ايران جي تهذيب جي تاريخ، چيني تهذيب جي تاريخ، عبراني تهذيب جي تاريخ، هند جي تهذيب جي اوائلي تاريخ ۽ پسمنظر، يوناني تهذيب جون شاهڪار تخليقون، عربن جو سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ جو دور، رومي تهذيب جو اُپرڻ، وچئين دؤر واري، يورپ جي تهذيب ڪي ميجتا ملڻ ۾ ان جو صفي هستي تان متجڻ، انگريزن جو سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ جو دور، هند ۾ سنڌ جي ورهاڱي جو دور، اسلامي تهذيب جي تجزياتي مطالعي مان تاريخ جي سورهيه سرويچن جي ڪارنامن جا داستان پڻ تاريخي حيثيت جا پهلو آهن. انهن تهذيبن مان ئي ادب، شاعري، سنگيت، ناٽڪ (ڊرامه)، فلسفا، مصوري ۽ ٻين صنفن جنم ورتو.

لفظ ڊرامه يوناني ٻوليءَ جي لفظ "ڊرومن" مان نڪتو آهي. ڊرومن لفظ ڦري "ڊراؤ" ٿيو ۽ بعد ۾ ان جي بگڙيل شڪل وري اچي ڊراما يا ڊرامه (DRAMA) ٿي. "ڊرامه" انساني اظهار جي اها صنف آهي، جنهن ۾ انسان جا ڪل جذبا سميٽل نظر ايندا آهن ۽ انهن کي ٻين تائين پهچائڻ لاءِ نقالي جي عمل جي ضرورت هوندي آهي ۽ احساس وري  اظهار جي آزادي سان ملندا آهن. اهڙيءَ ريت ڊرامو هڪ قسم جي ڪٿا يا زندگي جي نچوڙ مان مليل، ڪهاڻي کي نقل ڪري وري پيش ڪرڻ کي چئبو آهي. اهڙو عمل ڊرامه نويس ڪردارن جي ڳالهه ٻولهه وسيلي ڏيکاءُ يا پيش ٿيندڙ عملي ڪهاڻي کي اسٽيج، ٿيئٽر، ريڊيو يا ٽي وي ذريعي پيش ڪري ٿو. مختلف وقتن ۾ مختلف عالمن پنهنجي پنهنجي مشاهداتي نظرين سان ڊرامه جي وصف بيان پئي ڪئي آهي، ڊرامه جو تعلق انسان جي ارادي جي جهاد سان آهي، هڪ دلچسپ ڊرامه لاءِ ڪشمڪش جو هجڻ لازمي آهي. هن جي خاص ڪردار کي گهرجي ته ڪنهن ڳالهه جي تقاضا ۾ رهي، ان لاءِ ٽڪرلو برپا ڪري وجهي. جيئن ته انسان هڪ سماجي جيو آهي ۽ ڊرامو سماج جي عڪاسي ڪندڙ صنف آهي، ڊرامو ئي هر سماج جي، هر پهلوءَ جي عڪاسي ڪري ٿو.


ڪتب خانه... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ڊرامہ جي پيش ٿيندڙ نقالي وسيلي سماج جي هر برائي توڙي چڱائي واري پهلو کي توري تڪي پيش ڪيو ويندو آهي. دنيا ۾ سڀ کان گهڻي مقبوليت واري صنف ڊرامہ (نقالي جي عمل کي ئي ملي آهي ۽ مختلف سماجن ۾ ملندي پئي رهي آهي. ڊرامائي انداز ۾ ئي پراڻين تهذيبن جو اُسرڻ ۽ صفي هستيءَ تان مسخ ٿيڻ جا اثر ۽ نتيجا وسيع پيماني تي ڦهلاءُ جو سبب بڻيا. انهن اثرن مان قوم پرستيءَ واري عنصر جي ڦهلاءَ ٻين قومن / سماجن ۽ تهذيبن تي پنهنجا دلفريب اثر ڇڏيا. ڊرامہ زندگي جي هڪ ڪشمڪش آهي. اهڙن تاريخي دؤرن ۾ پيش ڪيل سائنس، فلسفي توڙي نظرياتي فڪر جي گوڙهائي سان بيان ڪيل مشاهدي ۽ عملي پهلو بہ انساني شعور جي واڌ ويجهہ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

ڊرامہ جي صنف کي هر دور ۾ لکيو پڙهيو ۽ استيج / ٿيٽر تي پيش ڪيو ويو آهي. ڊرامہ جي ادبي صنف فن طور عمل جي آڌار تي مشتمل آهي، هن قسم جي فن ۾ اڪثر ڪري ڪردارن وسيلي سماجي مسئلن جي پيشڪي ڪئي ويندي آهي ۽ ان جو اصل مقصد سماجي، فلاحي، عوامي، سياسي، ثقافتي ۽ تمدني مسئلن کي ڪولي نروار حيثيت تائين پهچائڻ ۽ ان جي سمورن پهلوئن ۾ سمايل نياپي کي سماج ۾ اجاگر ڪرڻو هوندو آهي. سماج ڇا آهي ۽ سماج جي تعريف ڪهڙي ريت ٿيندي ان کي ڪهڙي ريت پرکي سگهجي ٿو ان جو هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو:

”ڪنهن بہ قوم يا قبيلي جا هڪ کان وڌيڪ ماڻهو پاڻ ۾ گڏ رهن تہ اهڙي رهڻ جي طريقي کي ان قوم جو سماج چئبو آهي. هر قوم ۽ قبيلي کي پنهنجون ريتون رسمون ۽ پنهنجا پنهنجا قاعدا ۽ قانون هوندا آهن.“ (الانا، 1987ع، ص 55)

اهڙيءَ ريت سماجي اثرن جو انسان مٿان تمام گهڻو اثر پوي ٿو جهڙي ريت هر انسان هڪ ئي سوچ جو نٿو ٿئي. انساني ڪيفيتن جون مختلف حالتون ٿين. جهڙوڪ خوشي ۽ ڏک، ڪاوڙ ۽ حسد، ڳڻتي ۽ سوچ، عشق ۽ محبت، پيار ۽ نفرت، ڏڪار ۽ پنهنجائپ، صبر ۽ ناشڪرائي، پاراتا، پنون ۽ دعائون، اهي سڀ انساني خصلتن ۾ شامل ڪيفيتون ٿين جن سان انسان جي سماج ۾ پنهنجي پنهنجي ڪردار سان سڃاڻپ ٿئي ٿي. جيڪو جهڙي فڪر ۽ سوچ جو انسان ٿئي ان کي اهڙي ئي قسم جي سوچ ۽ فڪر سان منسلڪ انسان جي طبع تمام بهتر لڳندي آهي پر ان جي ابتڙ جيڪر ان کي تمام غم غصي وارو ماڻهو هجي ۽ ٻيو هڪ ٺڏائي طبيعت جو ماڻهو هجي تہ ٻنهي ۾ هر وقت اٽڪٽ رهندي پئي ايندي، ڇو تہ ٻنهي جي ڪيفيت ۾ تمام گهڻو فرق هوندو آهي. تنهن ڪري سماج ۾ مختلف خيالن جا انسان رهن ٿا هر انسان جي پنهنجي پنهنجي نفسيات ۽ ڪيفيتون ٿينديون آهن. ڊرامہ ماڻهو کي اداڪاري ڪندي يا ڏک ڏسندي ڏيکاري ٿو هو اداڪاري ان لاءِ ڪري ٿو يا ڏک ان لاءِ ڏسي ٿو اخلاقي طرح اٿين آهي. هو شين کي صحيح يا غلط ڪوٺي يا پشيماني ۽ شرمندگيءَ سان منهن مقابل ٿئي ٿو. ڊاڪٽر الانا لکي ٿو تہ:

”تقدير جو فلسفو سماجڪ ڪشمڪش جو فلسفو ڏيتي ليتيءَ جو مسئلو جيئري ئي جيئري شاديءَ جو مسئلو تنگ دل مائٽن ۽ نئين زماني جي آزادي پسند جوانن جو مسئلو بک ۽


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانہ...وانس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

بيروزگاري جو مسئلو پيار جي شاديءَ جو مسئلو وڏيائن ۽ سندن عاشقن جو مسئلو ججن، وڪيلن ۽ ڪورٽن جا مسئلا. شراب نوشيءَ مان خرابين جو مسئلو رشوت، رسائي ۽ لاڀي جا مسئلا، ڪامورن جا قهر، قومي آزادي، هندو مسلم ايڪتا. بنا شادي محبت ڪرڻ مان نڪتل خراب نتيجا، پوڙهن جو ننڍين نيٽين سان پرڻجڻ، ماٽي جي ماءُ جو ورتاءُ جا مسئلا، زميندار جا ظلم، ڪلبن ۾ عورتن جا مسئلا وغيره سنڌي ڊرامن جا موضوع آهن." (الانا، 1987ع، ص 55)

اهڙي ريت انساني ارتقا جي مرحلي وار مطالعي کان پوءِ انساني جبلتن ۾ بنيادي طور تي نقل ڪرڻ جو ڏانءُ پيدا ٿيو اصل ۾ جڏهن ننڍو ٻار ڄمندو آهي تہ هو ڄمڻ سان ئي ڪنهن بہ مذهب، ٻولي، ثقافت، عمل ۽ فڪر سان سلهاڙيل نہ هوندو آهي. اهو ٻار فقط پنهنجي گهر جي ماحول ۾ ڦرندڙ / گهمندڙ ڪردارن کان بہ اڻ ڄاڻو رهندو آهي پر جيئن جيئن ان ٻار ۾ شعور بيدار ٿيندو آهي تہ پوءِ هو پنهنجي ماءُ، پيءُ، ڀائرن ۽ ڀينرن توڙي ٻين مٽ مائٽن کي سڃاڻڻ جي سگهہ جي قابل ٿيندو آهي. جيتوڻيڪ اهو عمل هو آهستي آهستي پنهنجي سماجي اثرن مان تربيت طور وٺي ٿو. ڊرامہ جو ڪم آهي، تہ سکيا ڏئي ۽ قوم يا معاشري لاءِ هڪ عملي سڏ ڪري. اها سموري ڪوجنا نقالي وسيلي ئي گهر ۾ رهندڙ والدين، مائٽن، دوستن فردن ۽ اتان واري ماحول تحت اُسرندڙ عملن مان نقل ڪندي سکي ٿو. نقالي ڪرڻ واري اهڙي عمل جي ورجاءُ کي "ڊرامہ"ڪوٺيو ويندو آهي. سنڌ ۾ انسانذات جي ارتقا جا ڪيئن ثبوت مليا آهن. جن مان پٿر جي دؤر جي انسان جي سماج، آباديءَ جي ابتدا، ارتقا ۽ پٿرن مان ٺهيل هٿيارن ۽ اوزارن، اهڙيءَ طرح کاڌي جي تلاش ڪندڙ ۽ خوراڪ گڏ ڪندڙ انسان (Food Collecting) ڍنڍن جي ڪنارن ۽ درياءَ جي ڪنڌيءَ تي آبادي جي ابتدا، زراعت وغيره جي گهٽي معلومات ملي ٿي. هر دؤر جو ادب پنهنجي بنيادي حيثيت کان اوتري ئي واڪاڻ جوڳو آهي جيترو هر تهذيب جو پنهنجو پيدا ٿيل فن اثر رسوخ رکي ٿو. انهن تهذيبن مان ملندڙ ادب ۽ شاعري جي صنفن سان گڏوگڏ ئي ڊرامہ جهڙي فن کي پڻ جنم ڏنو: "لکيل ناٽڪ'ڊراما' (Drama) آهي، منچ تي ٿيندڙ 'پلي' (Play) منچ تي اچڻ بعد ڇپيل ناٽڪ 'پلي' آهي. لکيل ناٽڪ جيسين منچ تي نہ آيو آهي، سڪرپٽ (Script) آهي يعني the written text of a play." (پريم، 1993، ص 3)

سنڌ جي ثقافت جي اوائلي تاريخ موهن جي دڙي جي اهڃاڻن سان ڄاتي ويندي آهي، موهن جي دڙي مان ملندڙ ثقافتي اهڃاڻ جهڙوڪ: موهن جي دڙي جي ماڻهن جي سماجي مطالعي، مصوري، رقص جي ڪلا يا اتان ملندڙ ناچڻيءَ جي مجسمي، رهائشگاهن جو ترقي يافتہ نموني ڊيزائن ڪيل انداز تنهن منجهہ ڪشادا اڱڻ ۽ ويڪريون گليون، پڪيون پختيون ناليون، کاڌڻ پيئڻ ۾ استعمال ٿيندڙ ٿانون ٺڪرن کان علاوه اُڪريل مهرن جهڙا نوادرات ئي، سنڌ جي آڳاٽي تاريخ جا تهذيب يافتہ ۽ ترقي پسند محرڪات شاهڪار طرز زندگي جو نمونو پيش ڪن ٿا. تنهن هوندي بہ ڏکائتي ڳالهہ اها آهي جو اسان وٽ انهن تاريخي حقيقتن کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪا بہ تفصيلي يا مستند معلومات موجود نہ آهي. پٿر جي اوائلي دؤر وارو انسان ننڍن ٽولن ۾ جبلن جي اوٽ ۾ رهندو هو کاڌي جي تلاش (Food Collecting) ۾ سرگردان رهندو هو. ان


ڪتب خانہ...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

دور جي انسان جو ڪاڏو وڻن جا ميوا ۽ ڪچڙيون پاڙون تي گذر هو جانور شڪار ڪري ان جو گوشت کائيندو هو. ان تاريخي ثابتي مان خبر پوي ٿي تہ اوائلي دور جو انسان ڪيترن مشڪلاتن جي ور چڙهيل هوندو هو پر باوجود ان جي هو مهذب طريقي سان رهڻ پسند ڪندو ۽ پنهنجي عقل آهر ٻين اثرن مان نقالي جهڙي عمل مان سکيا حاصل ڪري, پنهنجي سماج ۾ تبديلي آڻڻ جا پڻ جتن ڪندو رهيو هو. ان ڪان اڳ دنيا جي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ کيل ڪندڙ ۽ کيل جا تماشبين, آڳاٽي دؤر ڪان وٺي موجوده دور تائين جي ادبي ۽ فني توڙي تفريحي سفر ۾ ڪيئن نہ دنيا آڏو پاڻ کي مڃرايو هو ۽ پاڻ مڃرائيندا اچن ٿا.

اهڙي ريت يونان جي تاريخ تي پڻ نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ, ارسطو جهڙي نظريدان پنهنجي علمي مشاهدن ذريعي اسان آڏو حيات ۽ ڪائنات جا دلچسپ موضوع کولي بيان ڪيا, سندس ئي چواڻي موجب تہ: "انسان هڪ نقال آهي" مطلب تہ اظهار ۽ ترجماني جي مکيہ اصولن جي پرک طور انسان پنهنجي ورتل ماحول مان اثر قبولي انهن کي پنهنجي انفرادي سگهہ وسيلي نقل ڪري هڪ کيل جي صورت ۾ تماشبينن اڳيان نقل واريون حرڪتن ذريعي پيغام جي رسائي کي ممڪن بڻائي وڌو, اهو ئي مول متو اسان کي ٻڌائي ٿو تہ ناقد اظهار جي آزادي واري اهڙي مول متي کي ڊرامائي عنصر ڪوٺين ٿا. جيتوڻيڪ اوائلي دور ڪان وٺي موجوده دور تائين جي ڊرامہ نويس پڻ, ڏسندڙن کي سماجي حالتن, فطرتي عملن ۽ ڪائناتي تصورن جا اصلي حقيقت پريا نقش چٽي ۽ انهن منظرن (نقالي) کي هڪ پيغام جو ويس ڍڪائي ڏسندڙن آڏو پيش ڪندا رهيا آهن. مٿين حقيقتن کي جانچي ڏسبو تہ ان مان اها مراد نڪري ٿي تہ ڊرامو رقص, نغمي, شعر, سرود ۽ داستان جي ڳاڍڙ نموني جو جنم آهي.

تاريخي پسمنظر کي جانچي ڏسبو تہ ڊرامو جشن بهار "خوشيءَ جي اظهار", جهڙي پرمسرت گهڙين کي تحرير وسيلي قلمبند ڪري, ان کي نقالي واري انداز ۾ پيش ڪرڻ لاءِ جوڙيو ويو هو. يونان جي ڪليسائي جون تمثيلي آکاڻيون تہ تمام گهڻيون مشهور رهيون آهن ۽ سندن مذهبي طور اڄان بہ مشهور رهنديون اچن, يونان واري دور ۾ مذهبي ڏڻن کي دلفريب رنگ ۾ ملهائڻ جهڙا جشن ٿيڻ لڳا ۽ اهڙن دلفريب اثرن اڳتي هلي ڀرپور انقلابي سماج ۾ هلچل پيدا ڪري ڇڏي, سندن مذهبي ڏڻن کي ماڻهن جن ۾ اڪثر ڪليسائي راهب ۽ راهباڻيون گڏجي انهن کيلن, کي راڳ ۽ سرود جي محفلن طور پنهنجي منفرد انداز ۾ اداڪاري (نقالي) وسيلي تمام پرڪشش بڻائي ٿي وڌو, ان مان معلوم ٿيو تہ ڊرامو جيستائين ڪري نہ تو ڏيکاريو وڃي تيستائين ان جو مُلهہ فقط قلمي طور, ڪاغذ جي روح تي ئي چنبڙيل رهي ٿو. ڊرامہ لکڻ جو اصل روح يا تاثر تماشبينن تائين رسائي جو آهي, ڊرامہ کي مڪمل پذيرائي جو ويس ٿيٽر يا اسٽيج اندر مڪمل اداڪاري (نقالي) ۽ اظهار (پيغام) وسيلي, ڪري ڏيکارڻ وارو عمل ئي ڪاميابي ماڻي ٿو:

"ڊرامہ جي اصل نسل کي جاچڻ لاءِ ڊرامہ جي اتهاس جي ايپاس مان اها ڳالهہ سامهون اچي ٿي تہ ڊرامہ جي پيدائش انهن مذهبي ادارن مان ٿي, جيڪي اصنام پرستيءَ ڏانهن مائل رهيا. اهي پنهنجن ديوتائن جي واکاڻ لاءِ جيڪي گيت, ڀڄن يا نغما ڳائيندا هئا, سي اهڙي تمثيلي انداز ۾


ڪتاب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

پيش ڪندا هئا، جن ۾ انهن ديوتائن جي صفت جو مڪمل اظهار ٿي سگهي. يوناني ڊرامي جي ابتدا بہ ائين ئي يوناني ڌرم/ ثقافت ديومالائي آهي. ان ۾ ڊرامي کي نهايت مقدس سمجهيو ويندو آهي“ (هڪڙو 2010ع-ص، 494)

اوائلي دؤر ۾انسان جڏهن جبلن ۽ غارن جو رهواسي رهيو. تنهن وقت کان هن فنونِ لطيفہ (Fine Arts) تي طبع آزمائي جا جوهر ڏيکارڻ شروع ڪيا. اهڙيءَ ريت غارن ۾ مختلف شڪليون ٺاهڻ، پٿرن تي نقش اُڪرڻ، باهہ جي پوڄا، شيل شڪار ڪرڻ تنهن بعد ميڙ ٺاهي ناچ ڪري خوشي جو اظهار پڻ سندن فطرت ۾ شامل رهيو. مختلف قبيلا ٺاهي قوم سڏائڻ، اهڙي ريت شعوري وسعت جو جنم ٿيو ۽ آهستي آهستي انساني جبلتن ۾ شعوري واڌ اچڻ سبب ڌرمي لاڙا پيدا ٿيڻ ۽ مختلف جنگين لڳڻ ڪري ڪيترين ئي قومون ۽ تهذيبون پنهنجي بچاءُ خاطر اتان جان بچائي جهنگن ۽ صحرائن جو رُخ رکيو. ڊرامي جي هڪ خاصيت اها آهي تہ منجهس سماجي ٽڪراءُ هوندو آهي، جنهن ۾ انسان جو هوش ۽ ارادو ڪم ڪري ٿو. پيٽ اجهائڻ خاطر شڪار لاءِ جنگي سامان (ٻرڇي، نيزو يا ڦاڙهي جا ڏند ۽ ٻيا اوزار) تيار ڪري، پنهنجي پيٽ کي ڪوت ڪرڻ جا مختلف وسيلا ڳولهي لڌا. مٿان وري قدرتي آفتن سبب ايندڙ مصيبتن کي منهن ڏيڻ لاءِ مختلف ڌرمي طريقن سان عبادت ڪرڻ، مٿن وري ڪڏهن ڪڏهن مخالف قبيلن طرفان حملا ڪري کين مارڻ ۽ زخمي ڪرڻ جي نتيجي ۾ پنهنجي بچاءُ جو حل تلاش ڪرڻ لڳا:

”جن غارن ۾ نيندر ٿال ماڻهو رهيا يا گهٽ ۾ گهٽ ڪجهہ دير آجهاپ ڪيائون. انهن ۾ چقمقي فرشن ۽ وڏين چُلهين جو ثبوت مليو آهي، جتي لڳي ٿو تہ. وڏيون باهيون ٻاريون ويندیون هيون. انهن مان سهڪاري گروهن جي زندگي جي بنياد ۽ شايد تہ سماجي ادارن جي سادي شروعات ڏانهن اشارو ملي ٿو. نيندر ٿال ماڻهن پاران پنهنجي مئل ماڻهن جي لاشن کي توجهہ ڏيڻ، انهن کي ٽانگهين قبرن ۾ پورڻ ۽ انهن سان گڏ اوزار ۽ ٻيون ڪارائتيون شيون دفن ڪرڻ کي بہ اهميت ڏئي سگهجي ٿي. اهو عمل مذهبي شعور جي ترقي يا گهٽ ۾ گهٽ موت کان پوءِ ڪنهن نموني بقاءَ ۾ ويساهہ ڏانهن اشارو ڪري ٿو.“ (عباسي2005ع - ص، 9)

اهڙيءَ ريت زندگيءَ جي حقيقتن کي ڪردارن جي مدد سان بيان ڪرڻ کي ڊرامو سڏجي ٿو. مٿين ڳالهين جي پيش ڪرڻ جو مقصد بہ ڊرامائي عنصرن سان گهٽو ملندڙ جلندڙ آهي، انهن ڳالهين مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ اوائلي دور جو رهندڙ انسان هر ٻئي انسان، جانور يا پکين جي ڪيل حرڪتن مان نقل جو عنصر پاڻ ڏانهن منتقل ڪيو ۽ بعد ۾ پنهنجي سماج طرف منتقل ڪرڻ جو عادي بڻيو. وري جيڪر تاريخي حقيقتن کي مطالعي مان پروڙ پوي ٿي تہ سڀ کان اول شاعريءَ جو مقام ٻين ادبي صنفن کان آڳاٽو نظر اچي ٿو جنهن جو ذڪر افلاطون جي دور کان اڳ بہ ذڪر ڪيو ويندو رهيو آهي ۽ ڪانئس پوءِ سندس شاگرد ارسطو پڻ شاعري تي چوهہ پئي چنڊيا آهن، پر تنهن هوندي بہ ڊرامي جي ارتقا جا ڪجهہ عنصر اوائلي دؤر جي ثابتين ۾ شمار ڪري سگهجن ٿا. جنهن جي ثابتي يونان جي تاريخي پسمنظر ۾ ملي ٿي، يونان جي تاريخي تهذيبي مطالعي ۾ ان وقت ملهايل جشن بهار يا اتي ملهائجندڙ ڏڻ جن ۾ اڪثر طلسماتي قصن


ڪتب خانہ... وٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

جي پرچار ڊرامائي انداز ۾ پيش ڪرڻ جي روايت پئي تنهن ڪان فوراً بعد ئي اهو عنصر سنڌن قومي بهادرن جي دليري جهڙن قصن جي شان ۾ ڳائيندي يا ڊرامائي طور ادا ڪندي ملي ٿو. اهڙي ريت ڊرامي جي تاريخ به انهن مٿين عنصرن سان لڳ لاڳاپو رکيو اچي، اهڙي نقالي واري عملي اظهار جو جنم ئي ڊرامو آهي، جيئوٽيڪ هي دنيا هڪ اسٽيج مثل پاڻئجي ٿي ۽ هتي رهندڙ هر شيءِ هن اسٽيج ۾ پيش ٿيندڙ ڊرامي جو پهلو آهي. ڊرامي جي ارتقائي مرحلي کي جانچڻ لاءِ ڊرامي جي تشريح لاءِ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي ڊرامي جي وصف ڪجهه هن ريت قلمبند ڪئي آهي:

”ناٽڪ جي جڙ ئي آهي لٽ ۽ نقل ۾ لڳل. تنهن ڪري ناٽڪ جو فن به ادب ۾ نهايت آڳاٽو آهي.“ (ملڪاڻي، 2007ع، ص، 18)

دراصل يوناني ۽ هندستاني ڊرامن کي اوائلي قسم جا ڊراما سڏيو وڃي ٿو جنهن ۾ مذهبي تبليغ ۽ حوارين جي حالاتن جو پسمنظر چٽو نظر اچي ٿو سنڌن اهڙي عملن مان مذهبي ڏڻن کي خوشيءَ جي اظهار جو نمونو ڪري ملهائڻ لاءِ مذهبي تبليغ جو پرچارڪ وڌيو. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته سڀ کان اول يونان ۽ هندستان ۾ مليل ڊرامن ۾ اڪثر ڪري مذهبي اصنام پرستي جو رواج عام جام هو. اتي ڊرامي جهڙي فن کي فطري سهوليتون مهيا ٿي مليون ۽ هنن پنهنجن ديوتائن ۽ ديوين جي قصن کي ڊرامائي شڪل ۾ پئي پيش ڪيو. ڊرامو هڪ قوم جي زندگي جو عڪس آهي ۽ ادب جي اعليٰ ترين شاخ سڏجي ٿو. اهڙين تمثيلي قصن جو پرچار گهڻو وقت هلندي هلندي پنهنجا پساهه پورا ڪيا ئي مس پئي جو سماجي طور ان ۾ اينگهه پيدا ٿي پئي، تنهن ڪري ضروري هو ته وقت جي حالتن موجب ڊرامي جو مقصد به بدليو وڃي، حقيقت ۾ هڪ قوم ۽ وقت جي جدا جدا ماحول جون تقاضائون ٿينديون آهن. ڊرامي جو اصل مقصد صرف تفريح مهيا ڪرڻ نه آهي پر ان سان گڏوگڏ سماج ۾ پرچار پيدا ڪرڻ ۽ سماجي اوڻاين جي نشاندهي ڪرڻ پڻ هوندو آهي. انهيءَ ڪري ڊرامي نويسن ان کي قلمي تبديلي جو رخ اختيار ڪيو:

”ڊرامي جي لغوي معنيٰ آهي: ڪرڻ يا ڪري ڏيکارڻ. چيو وڃي ٿو ته ڊرامي جي شروعات نقالي کان ٿي. ارسطوءَ جي بقول نقالي انساني جبلت ۾ شامل آهي جا ٻچپن کان نظر اچي ٿي ۽ ان جو ترقي يافته نالو ’ڊرامو‘ آهي.“ (هڪڙو 2010ع-ص، 494)

’ڪرڻ‘ يا ’ڪري ڏيکارڻ‘ عمل جي اظهار تي آڌاريل آهي، اهڙي قسم جي فن جو آڳاٽو ذڪر ارسطو جي نظرياتي روشني ۾ چٽو نظر اچي ٿو ۽ اهڙي نقالي جي عمل کي ٻين عالمن جي راين جي نظر ۾ جاچڻ سان پڻ اها معلومات حاصل ٿئي ٿي ته ”ڊرامو“ڇا آهي؟ ڊرامي جي ضرورت آخر ڇو پئي ۽ ان صنف جي جنم ڪهڙي ريت تحريري صورت اختيار ڪئي، تنهن جي ثابتي پڻ يوناني دؤر جي تحريرن وسيلي لکت ۾ ملي ٿي جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته لفظ ڊراما يوناني ٻولي جو لفظ آهي. اوائلي دؤر ۾ نقالي وارن اهڙن عنصرن جو زور ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو ۽ انساني جبلتن ۾ شعوري واڌ ٿيڻ لڳي، جنهن سان اوائلي انسان پنهنجي سوچ ۽ سمجهه آهر سماج مان مليل اهنجن ۽ سماجي اوڻاين کان ڏينهون ڏينهن واقف ٿيندو ٿي ويو. ان ڏس ۾ باقاعده ٿيئٽر يا ڊرامي جو ذڪر اسان کي سڀ کان پهرين يونان ۾ئي نظر اچي ٿو:


www.sindhsalamat.com
ڪتاب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

”490 قبل مسيح ۾ يونان جي مشهور ۽ اولين ناٽڪ نوسي ايسڪائي لس Aeschylus جو ناٽڪ The Suppliant پيش ڪيو ويو ۽ ان کان پوءِ سوفوڪيلز Sophocles ۽ يوپي پڊيز Euripides جهڙن ڊرامہ نگارن ان ۾ اضافو آندو.“ (هڪڙو 2010ع-ص، 494)

انهن ڪارڻن اڳتي هلي انساني حياتين جي لاءِ ڪيترين ئي وسعتون ۽ سهوليتون پيدا ڪيون. سندن جذبا ڏينهون ڏينهن پروان چڙهندا ٿي ويا ۽ شعوري سگهہ جي واڌ سبب ڪين پيش ايندڙ دشوارين سان منهن ڏيڻ جا ذريعا آساني پيدا ڪرڻ لڳا. يوناني تاريخ ۾ ان جا مثال پڻ ملن ٿا. اهڙيءَ ريت اسان کي ڊرامہ جي جا تعريف ملي ٿي اها اصل ۾ آهي ئي ”انسانن جي جذبن ۽ احساسن جي ويچارڻ ۽ ان جي نقالي تي آڌاريل عمل جي ورجاءَ جو طريقو“. اهڙي جذبن جي اظهار جو وسيلو ڊرامو بڻيو ان ۾ هڪ طرف تہ ڪيل پيش ڪندڙن جو ڪردار (ڪردارنگاري) جي ذريعي واڪاٽيو ٿي ويو تہ ٻئي طرف اهڙن پيش ٿيندڙ ڪيلن وسيلي ڏسندڙن جي ذهنن ۾ تجسس ۽ حيرت جهڙا گڻ سندن جبلتن ۾داخل ٿيندا رهيا. اهڙي ريت ڏسندڙن جي اڳيان ڊرامائي وحدت ۾ زندگي سميٽجي سندن سامهون ٿي آئي. اهڙي تخليقن وسيلي هڪ ڊرامہ نگار ئي ڪين تصوراتي دنيا جو نظارو پسائي سگهي ٿو:

”انسان جي جذبن ۽ احساسن واري اهڙي اظهار جي ادائگي کي يوناني ٻوليءَ ۾ ’ڊرومنن‘ ڪري ڪوٺيو ويندو هو. جنهن لفظ جو پوءِ وارو گهاڙيٽو ’ڊرومنن‘ مان قري ’ڊراؤ‘ ٿيو جنهن مان اڳتي هلي لفظ ڊرامو (Drama) ٺهيو ، ۽ اُن جي معنيٰ آهي ’ڪرڻ‘ يا ’ڪري ڏيکارڻ‘. (پنهور، 1992ع-ص، 11)

اوائلي انسان ۾ جيڪي خوبيون وڌڻ لڳيون، تن ۾ سندن تجربو، ارادو، مقصد، اعتقاد، ميل ميلاپ جا ذريعا، اظهار جي آزادي، پيار جا پوتر جذبا اڀريندڙ صنف ڊرامو ئي آهي. تنهن کان علاوه ڊرامہ وسيلي ئي مختلف تهذيبن جي تاريخي نوعيت کي اجاگر ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو توڙي جو انهن تهذيبن جي مذهبي ڏڻن جي ڏينهن جو ملهائجڻ وسيلي اظهار ڪيل هجي، يا سندن معاشي تهذيب جا اثر هجن، يا اتان جي روزمره جي زندگيءَ جي اصولن ۾ ڦيرگهير جو سبب بڻيل عنصر، اهڙيون تبديليون سندن حياتيءَ تي اثرانداز ٿيڻ لڳيون. وري جيڪر سماج جي تعريف کي سمجهڻ ۽ ڪنهن بہ قوم جو هڪٻئي سان ربط رهڻ تاريخي سلسلي جي ڪڙي آهي:

”ڪنهن بہ سماج ۽ اُن سماج ۾ رهندڙ ماڻهن جي روزمره جي زندگي، سندن تهذيب ۽ تمدن، نشست ۽ برخاست، لباس، کاڌي خوراڪ ۽ اهڙن ٻين نقطن جو سڀ کان اعليٰ رڪارڊ ۽ انمول خزانو هر دور ۾ اُن سماج يا قوم جي ٻولي ئي رهي آهي. جيئن جيئن ڪنهن قوم جي تهذيب ۽ تمدن توڙي سماجي قدرن ۾ فرق ايندو رهيو آهي، تيئن تيئن انسان ذات جي اُٿڻي ويهڻيءَ ۽ روزانہ زندگيءَ ۾ تبديليون ايندڙيون رهيون آهن، ۽ انهن تبديلين ۽ ترقين جي اثر، اُن قوم ۽ ان قوم جي ٻوليءَ تي بہ ٿيندو رهيو آهي.“ (الانا، 1987ع-ص، 244)

مٿي بيان ڪيل انساني عملن جي واڌ ويجهہ جو ذريعو ٻولي يا اظهار جي عمل جو وسيلو هو. جنهن کان پوءِ آڳاٽي دؤر جو انسان منجهہ نين پيدا ٿيندڙ رجحانن مان پيدا ٿيل عنصر نقالي



ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

سبب ئي ترقيءَ پسند سوچ جي سفر ڏانهن گامزن ٿيندي نظر اچي ٿي، جنهن سان جديد دؤر جي انسانن جي محدود وسيلن ۾ اضافو ٿيو ۽ سماجي توڙي معاشي طور انهن ۾ مختلف قومي نظرين جو وجود عمل ۾ اچڻ لڳو اهڙيءَ ريت تيزيءَ سان انساني عملن وسيلي اظهار جو طريقيڪار ڦهلجڻ ۾ تيزي آئي ۽ تهذيبن ۾ مسلسل تبديلي پيدا ٿيڻ شروع ٿي. اڳتي هلي وقتي ڦيرگهير جو تڪڙو عمل ترقيءَ جي منزل طرف وڌڻ لڳو ۽ انسان ڏينهون ڏينهن تيزرفتاريءَ سان ترقي ڪندي به ”نقالي“ واري عمل کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري نه سگهيو:

”انگريزي ٻوليءَ جو لفظ ڊراما (Drama) دراصل يوناني ٻوليءَ جي لفظ ”ڊراؤ“ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”عمل“ يا ”ڪري ڏيکارڻ“. (صديقي، 2009ع-ص 27)

اهڙي ريت تاريخ مان پتو پوي ٿو ته انساني سرشتي ڪي سماجي سرشتي واري ڳانڍاپي طور تن نقطن جي بنياد تي پرکي سگهجي ٿو جنهن ۾ سڀ کان پهرين سماج ۾ ڳالهائجندڙ ٻولي(اظهار)، ان سماجي حالتن جا طور طريقا (تهذيب) يا ان سماج ۾ وڌندڙ عمل (ڪردار) ۽ اهڙن عملن مان اُسرندڙ تيز اثر ان تهذيب کان ٻين تهذيبن طرف ڪهڙي ريت ڦهلبا رهيا هوندا؟ انهن قدرن جو امتزاج پڻ ڊرامي جي تاريخ جاچڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ڊرامو ڪهڙي ريت ٻين تهذيبن جي عوام ۾ مقبوليت جو سبب بڻيو ۽ ڊرامي جي اُسرڻ جا اصل ڪارڻ ۽ تاريخي نوعيت جا ڪهڙا ڪهڙا سبب رهيا. اهڙيءَ ريت يونان جي سماجي، ثقافتي، سياسي پسمنظر جي مطالعي مان پروڙ پوي ٿي ته، تنهن وقت برپا ٿيل ڊرامائي عنصرن ڪي ٻين فنون لطيفه سان گڏوگڏ فوقيت حاصل ٿيڻ لڳي هئي:

”يونانين جو سڀ کان اعليٰ ادبي ڪارنامو ڊرامه هو. انهن جي عظيم ڪمن وانگر ڊراما جون پاڙون به مذهب ۾ کتل هيون. بهار ۽ شراب جي خدا ڊيونيسس (Dionysus) جي پوڄا لاءِ خاص جشن جي موقعي تي ڳائيندڙن جي هڪ ٽولي ڇانگ مانس يا ٻڪر ماٺهو جو ويس ڌاري قربان گاهه جي چوڌير ڳائيندي ۽ ناچ ڪندي هئي ۽ اهي ان مناجات جا ڪيترائي ڪردار ادا ڪندا هئا. جنهن ۾ خدا جي جيون مارڳ جي ڪهاڻي سان ٿيل هوندي هئي، ڪجهه وقت کان پوءِ ٽولي جو مک ڪردار ٻين کان جدا ٿي ڪهاڻي جا اهم ٽڪرا بيان ڪرڻ لڳو. حقيقي ڊراما تقريباً پنجين صدي جي شروع ۾ جنم ورتو جڏهن اسڪائلس (Aeschylus) ڊراما ۾ ٻيو ڪردار به متعارف ڪرايو ۽ ڳائيندڙن جي ٽولي کي پسمنظر ۾ ڌڪي ڇڏيو.“ (عباسي، 2005ع، ص 117-118)

دنيا جي ڄاڻو ماهرن جي راين موجب، ڊرامي جي اصل ابتدا يونان کان ئي ٿي آهي ۽ اتان جي رهاڪن جي اهڙين ريتن رسمن جي اظهاريل عنصرن وسيلي ئي ڊرامي کي جنم ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي، تنهن سبب سڀ کان اول انهن رڌن ڇاريندڙ ريڍار جي پسمنظر کان ابتدا جو مرحلو ترقي پذير ٿيندو پنهنجي راهه هموار ڪندو موجوده شڪلين ۾ بدلجندو رهيو. زماني جي ڦيرگهير اهڙيءَ ريت ٻيون تهذيبون به انهن بدلجندڙ حالاتن کي گڏوگڏ ڪٺي هليون. ان سان اهو ٿيو ته


ڪتب خانه... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

مختلف سماجن، قومن ۽ ثقافتن ۾ ڊرامائي عنصر جو پايو پيو جنھن ۾ ڏسندڙ حظ حاصل ڪرڻ لڳا ۽ ڊرامو باقاعده زندگيءَ جي ترجماني ڪرڻ لڳو انڪري تاريخ جا ڄاڻو متفق راءِ ڏين ٿا:

"تاريخ جي ڄاڻو ماھرن جي اھا متفقہ راءِ آھي تہ ٿيئٽر جي ابتدا قديم يونان ۾ ٿي. اھا بہ ھڪ تاريخي حقيقت آھي تہ يوناني منڍ کان ئي 'تماشي پسند لوڪ' رھيا آھن". (منگي، 1992ع، ص 217)

يوناني دؤر جي رھواسين پاران مختلف خوشيءَ جي موقعن تي پنھنجن مذھبي ڏڻن ملھائڻ ۽ خوشيءَ توڙي غمي جي موقعن تي پنھنجن ديوين، ديوتائن کي خوش ڪرڻ لاءِ مختلف طريقن جون عبادتون يا وڏا وڏا جشن ڪري کين خوش ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون ھيون. سندن نظرياتي ڏند ڪٿائن موجب تہ سندن ديوتائن کي پيش ڪيل اھڙين پيٽائن کان متاثر ٿي اھي ديوتا خوشي محسوس ڪن ٿا ۽ کين ايندڙ ڏکين مرحلن ۾ سندن مددگار ٿين ٿا. اھڙي تصوراتي اظھارن جا مثال تھذيبن ۾ لاڳو ٿيا جيتوڻيڪ يوناني ڊرامن جو مقصد بہ گھڻو ڪري 'يڪجھتي' واري اظھار کي واڌکو ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيو ان دور ۾ ڊرامن پيش ڪرڻ جو مقصد عوام کي تفريح مھيا ڪرڻ کان علاوه مذھبي روايتن جي پرچار، جنگنامن جو پيش خيمو سانگ رچائڻ وارو لاڙو عوامي اھنجن جو آئينو تھذيبي ڳڻ ڳوت جي ويچار جھڙا درس پڻ سندن پيش ڪيل ڊرامن ۾ نمايان نظر اچن ٿا:

"ڊراما جي ارتقا جي تاريخ جي تلاش ۾ جيڪڏھن تاريخ جا ورق ورائبا ۽ حُجري ۽ جنگلي دؤر جو جائزو وٺبو تہ معلوم ٿيندو تہ ڊرامہ جون ابتدائي شڪليون اُن دؤر ۾ موجود ھيون ۽ آڳاٽي زماني ۾ جڏھن انسان اڃا شعوري سکيا واري دؤر مان گذري رھيو ھئو تڏھن تفريح ۽ وندر لاءِ ھو رنگا رنگ محفلون منعقد ڪندو ھئو." (صديقي، 2009ع، ص، 22)

اھڙين روايتن جو اُسرڻ ھڪ نئين موضوع جو سبب بڻجندو رھيو ۽ ائين ئي سندن آڳاٽن قصن جا باب پڻ ڊرامائي صورت ۾ شامل ٿيا. يوناني تھذيب جو آڳاٽو طور طريقو يا گذر سفر جو طريقہ ڪار چشمن ۽ چراگاھن جي ذريعي ٿيندو ھو. ريڍار ۽ ڀڪرار جبلن جو رخ ڪيو سڄو سڄو ڏينھن پيا اتي مال چاريندا ھئا. ھڪٻئي سان گڏجاڻيون ڪندا ھئا تہ پراڻن قصن ۽ داستانن جا بيان پيا ھڪٻئي سان ورجائيندا ھئا ۽ انھن مان ورتل خيالي جوڙجڪن وسيلي پنھنجو تحريرون جوڙيندا ۽ ان کي ڳائيندا وتندا ھئا. اھڙي ريت اھو سندن گذر سفر جو طور طريقو ھوندو ھو:

"يونانين جوسپ کان اعليٰ ادبي ڪارنامو ڊراما ھو. انھن جي عظيم ڪمن وانگر ڊراما جون پاڙون مذھب ۾ کتل ھيون. بھار ۽ شراب جي خدا ڊيونيسس (Dionysus) جي پوڄا لاءِ خاص جشن جي موقعي تي ڳائيندڙن جي ھڪ ٽولي ڇانگ مانس يا ٻڪر ماٺھو جو ويس ڌاري قربان گاه جي چوڌير ڳائيندي ۽ ناچ ڪندي ھئي ۽ اھي ان مناجات جا ڪيترائي ڪردار ادا ڪندا ھئا. جنھن ۾ خدا جي جيون مارگ جي ڪھاڻي بيان ٿيل ھوندي ھئي، ڪجھ وقت کان پوءِ ٽولي جي


ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

مک ڪردار ھين کان جدا ٿي ڪھاڻي جا اھم ٽڪرا بيان ڪرڻ لڳو. حقيقي ڊراما تقريباً پنجين صدي جي شروع ۾ جنم ورتو“ (عباسي، 2005ع، ص، 118)

جڏھن مختلف قبيلا ھڪ ٻئي سان منھن مقابل ٿيا ۽ سندن وچ ۾ لڳل جنگ کان پوءِ ڪٽيل قبيلو ان خوشيءَ ۽ مسرت واري موقعي تي ’خوشي‘ واري عنصر کي اظھارڻ لاءِ مختلف قسمن جا جشن رچائيندو ھو. جيڪڏھن ھڪ يا ھڪ کان وڌيڪ ماڻھو بي خبري يا خبرداريءَ ۾ ھڪ دشمن، حالات يا تقدير خلاف اٿي کڙا ٿين تہ ان کي ڊرامہ چئجي ٿو. ڪنھن قبيلي جي ھارايل قوم جي غلامن مٿان فوقيت يا کين پنھنجي تسلط ھيٺ زيردست کين داخل ڪرڻ جي خوشيءَ ۾ مختلف مذھبي جشن ٿيندا ھئا يا وري انھن عظيم ديوتائن کي راضي رکڻ لاءِ وڏي شان ۽ شوڪت سان کين پيتا ڏيڻ جي خوشيءَ جو انتظام ڪيو ويندو ھو:

”شروع ۾ جڏھن يونين جي ابن ڏاڏن ’پيلاس جين‘ کي ’ھيليس‘ کان تڙي ڪڍيو ھو ۽ ٽراءِ جي شان و شوڪت جو انت آڻي ڇڏيو ھو تہ ان جنگ جي فاتحين جي شان ۾ نظمون ۽ گيت چيا ويا.“ (منگي، 1992ع، ص، 217 )

يونانين جي اھڙي پيشقدميءَ جي سببن کان پوءِ ڊرامہ جي فوقيت عوامي رجحانن جو لاڙو ثابت ٿي، يونان مان ملندڙ اھڙين ثابتين جي تسلسل ۾ مذھبي لاڙن جا رجحان پڻ اُڀرندا رھيا، اھڙن اڀرندڙ رجحانن جي پيش خيمي طور عوامي محفلون رچايون ويندڙيون ھيون ۽ اھڙي چرپر عوام ۾ تفريح ۽ وندر جو اھم سبب بڻيون:

”نقل ڪرڻ انساني فطرت آھي ۽ ڊرامہ جو سمورو ڍانچو نقل يا تقليد جي اصولن تي ٻڌل آھي. اھڙي ريت اھا ڳالھ پوري وثوق سان چئي سگھجي ٿي تہ شعور سان آشنا ٿيندي ئي وحشي انسان ڪٽيل جنگين جو جشن ملھائڻ ۽ گذريل گھڙين جا منظر ورجائيندي بي ترتيب ٽينگ ٽپا ڏيندا ھئا. اھڙي ريت پکين جون منيون لاتيون، ٻوليون ۽ ٽينگ ٽپا ڏيندڙ ھرڻين ۽ ناچ ڪندڙ مورن کان بہ ھن نہ فقط گھڻو ڪجھ سکيو ۽ پرايو بلڪ انھن حرڪتن کي پنھنجي عملي زندگي سان ھم آھنگ ڪرڻ جو بنياد پڻ وڌو. پوءِ جڏھن مذھبي شعور اپنائڻ جو زمانو آيو تہ آھستي آھستي مذھبي رسمن ڊرامائي صورت اختيارڪرڻ شروع ڪري ڏني. ننڍي کنڊ ۾شو ديوتا، يورپ ۾ Zeus ۽ مصر ۾ Orisis جي حوالي سان ملھائڻ وارن ڏينھن انيڪ تمثيلن جنم ڏنو“. (صديقي، 2009ع، ص، 22، 23)

يونان جي دور جو اھم ڊرامہ نويس ايسڪائي لس جيڪوھڪ وڏو الميہ نگار پڻ رھيو سندس وسيع مشاھدي ۽ مطالعي جي آڌار تي 80 ڊراما لکيا ھئا.کيل ڪرڻ لاءِ ھن پنھنجي لکيل ڊرامن ۾ پيش ٿيندڙ ڪردارن کي وسعت بخشي. تنھن کان پوءِ جلد ئي ڪيو ارسطافئنز تمثيلي قصن کي ڊرامائي ويس اوڍائي پيش ڪيو جنھن ۾ دعائيہ ۽ اصلاحي ڳالھين جو لاڙو وڌيو:

”ايسڪائي لس Aeschylus جيڪو وڏو الميہ نگاري ۾ ھين سيني کان زياده ڪامياب ٿيو سن 455 قبل مسيح کان 526 قبل مسيح تائين زنده رھيو. ان دوران ھن تقريباً اسي (80) ڊراما لکيا. ھن پنھنجي مرضي مطابق ايڪٽرن جو تعداد وڌائي ڇڏي، ان کان پوءِ ھن ميدان ۾


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944 )

ارسطافئنز Aristophanes قدم رکيو. جيڪو پنهنجي ڪاميڊين لاءِ تمام گهڻو مشهور آهي. هن هر شيءِ ۾ هر شخص جو مذاق اڏايو. ايتري تائين جو الپس ALPS جي پهاڙ تي رهندڙ ديوتا به سندس بي پناهه طنز کان بچي نه سگهيا. هن جي ٿيئٽرن ۾ ڳائيندڙن جي ان کان وڏيڪ حيثيت نه هئي ته ايڪٽرن جي پويان صف ٻڌي بيٺا رهندا هئا. ۽ ڪڏهن ڪڏهن جڏهن هيرو ديوتائن جي مرضي جي خلاف ڪنهن جرم جو ارتڪاب ڪندو هو ته اهي هڪ گيت ڳائيندا هئا ته"دنيا مصيبت جو گهر آ." (منگي، 1992ع، ص، 218)

هي جو انسان هيڏي ساري ترقي پذير مقام تي اچي پهتا آهن انهن جو تاريخي يا اوائلي پسمنظر جاچڻ سان معلوم ٿيندو ته ڪين ارتقائي مرحلن ۾ ڪيتريون نه ڏکيائون پيش آيون جنهن بعد آهسته آهسته سندن شعوري سگهه واڌ ويجهه ڪندي نئين کان نئين سوچ طرف منتقل ٿيندي رهي:

"يورپ جي ناٽڪ شاستر جي حوالي ۾ ارسطوءَ جو نالو سرفهرست اچي ٿو. انڪري نه ته هُو سيني ودوانن کان اڳ ڄائو هو. ڪويتا تي بحث ارسطوءَ کان پهرين به هو. ارسطوءَ پنهنجي بحث جو بنياد به پنهنجي گرو "پليٽو" مان ڪنيو هو. سندس سڏانتن کي ڪٽي بعد ۾ ڪافي ودوانن گهڻو ڪجهه ڳالهايو آهي. هن پنهنجي يگ ۾ ساهت جي گهري آيياس بعد. جيڪي بنيادي ۽ پرم سوال پيش ڪيا آهن، اُهي پنهنجو پاڻ ۾ وڏي آهميت وارا آهن." (شورام، گوڪاڪر، 1979ع، ص 65)

آخرڪار انسان پنهنجي اهڙي ڪوشش وسيلي هڪ مهذب انسان جي روپ ۾ نمودار ٿيڻ شروع ٿيو جنهن وٽ اڄ پنهنجي سڃاڻپ، ثقافت، سماج ۽ رواداري جهڙو جذبو موجود آهي. ڪيس آڳاٽي دور ۾ پٿرن جهڙي غار ۾ زندگي گهارڻي تي پئي ۽ آسماني آفتن سان منهن ڏيڻو ٿئي پيو. ته به سندن جستجو ۽ همت جواب نه ڏنو تن هر قسم جي آفت سان منهن ڏيڻ لاءِ جديد کان جديد تدارڪ جي تلاش جو متلاشي بڻجي ان مسئلي جو چيڊ وڃي هٿ ڪري تي لڏو ۽ اهڙي نموني زندگيءَ کي ويو خوبصورت ۽ حسناڪ بڻائيندو. اهڙيءَ ريت قومن ۾ شعور جي لهر ڦهلي ۽ نقالي جو عمل تيزي سان وڌڻ لڳو:

"ايٿنز (يونان) ۾ مختلف مذهبي رسمن کي ڊرامائي انداز ۾ پيش ڪرڻ جي شروعات جيتوڻيڪ Thespis نالي هڪ دانشور سن 535 قبل مسيح ۾ ڪري چُڪو هئو. ليڪن يوناني الميي جو پهريون ناٽڪ نويس ايسڪائي لس Aeschylus کي تسليم ڪيو وڃي ٿو جنهن جي ڊرامه The Suppliant جي باري ۾ چيو اهو وڃي ٿو ته هي ڊرامو سن 490 قبل مسيح ۾ پيش ڪيو ويو هو." (صديقي، 2009ع، ص 23،22)

ڊرامه جي مختصر ۾ مختصر جيڪا تعريف ڪري سگهجي ٿي ته ان ڏس ۾ اسان فقط اهو ئي چئي سگهون ٿا ته ڊرامو آهي ئي زندگيءَ جي ڪنهن نه ڪنهن پهلوءَ جي اظهار جو آئينو جنهن ۾ زندگيءَ جا ڪيترائي نقش چٽيل هجن ٿا ۽ دنيا ۾ رهندڙ انسان ان چٽيل نقشن جي نقالي جا اثر قبوليندي ان کي "وري ڪري ڏيکارڻ واري عمل" جو ورجاءُ ڪندو رهي ٿو. يونانين کان پوءِ يورپ جي


ڪتب خانه... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

تاريخ ۾ جديد ڊرامي جي ڪلا کي هٿي وٺرائي، جن ۾ ان دور جي ڊرامي نويسن منجهان مارلو وڪٽر هيوگو شيڪسپيئر، موليئر، ابسن ۽ برنارڊشا پنهنجي علمي مدافعت سان ان کي پنهنجن دؤرن ۾ عملي جامو پهرايو ڊرامي جي وصف لاءِ وڏو ورث ڇڏيو آهي ته، ڊرامو زندگي جو ترجمان آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته ڊرامي ۾ زندگي جي هر پهلو جي ترجماني ڪندڙ فن آهي.

”هن نقاليءَ ۾ ڏک به آهن ته سک به آهن. انهيءَ ڪري ڊراما الميه ۽ طربيه لکيا ۽ پيش ڪيا ويندا آهن.“ (ميمڻ، 2008ع ص 383.)

اهڙيءَ ريت هندستان ۾ پڻ ڊرامي جي تاريخ تمام آڳاٽي ليکي ويندي آهي، هتي ڊرامي جي بدران ڪتب ايندڙ لفظ ”ناٽڪ“ هو. جنهن جي لفظي معنيٰ: جسماني حرڪتن کي ناچ، پڳت، سانگ ۽ رام ليلائن جهڙن مذهبي جشنن واري ڏهاڙن دوران استعمال ٿيڻ لڳو. يونانين جيان هندستان ۾ پڻ ڊرامو (ناٽڪ) پيش ڪرڻ جو اوائلي عمل مذهبي لاڙن ۽ راج شاهي جي هٿن هيٺ رهيو. جنهن سبب ناٽڪ ٻن ٻولين ۾ ورهايل ٿو ڏسجي، جن ۾ هڪ ته سنسڪرت ۽ ٻيو پراڪرت جي ذمري هيٺ پلجندو رهيو. اختر پرويز لکي ٿو ته:

”دنيا ۾ ڊرامي جو پهريون ڪتاب سنسڪرت ۾ لکيو ويو پرت مني جو ”ناٽيه شاستر“ ڊرامائي ادب ۾ پهريون ضخيم ۾ مستند ڪتاب مڃيو وڃي ٿو“. (پرويز 1963ع، ص 2)

هندستان جي آريائي تهذيب مان تمثيلي ڳالهين واري مطالعي طور خبر پوي ٿي ته هندستان ۾ پڻ ڌرمي عقيدي موجب دعائن، منترن، گيتن ۽ ڀڄنن جا شهپارا ويد جي نموني طور ليکيا ويا. ويدن جو لفظي مفهوم ڄاڻ، علم يا ڏاهپ آهي. ان تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو ته ويد سنڌوندي جي ڪناري تي رچيا ويا. موهن جي دڙي مان ملندڙن قديم تواريخي آثارن جيان ويدن جي رچنا موجب به ڪا پروسي جوڳي تاريخ نه ملي سگهي آهي. پر تنهن هوندي به جيڪا اڻ پوري معلومات ملي سگهي آهي تنهن موجب ويد 3000 ق- م لکڻ جو ذڪر ملي ٿو. ويدن جو ذڪر پراڻي آريائي معاشري ۽ ثقافتي حالتن سان گڏوگڏ ان سرزمين جي سماجي ڀيهڪ ۽ اتان جي پرجا (عوام) جي ريتن رسمن ۽ ڌرمي عقيدن جي ڄاڻ ڏين ٿا. تاريخي پسمنظر ۾ ويدن جو ڪُل تعداد چار ڄاڻايو ويو آهي. جنهن ۾ 1. رگ ويد، 2. يجر ويد، 3. اٿر ويد، ۽ 4. سام ويد ڄاڻايا ويا آهن.

”هندوپنهنجي ڌرمي ڏڻن، هولي، ڏياري، ٽڏڙي ۽ دسهڙي جي موقعن تي مذهبي نوعيت جا ناٽڪ رچائيندا هئا دسهڙي جي ڏينهن، هو راوڻ کي رامچندر جي يڌ ڏيکاريندا هئا ۽ هنومان جي مدد سان راوڻ کي رامچندر شڪست ڏيئي سيتا ماتا حاصل ڪري ٿو.“ (هڪڙو 2009ع -ص، 496)

اهڙي ريت وڪٽر هيوگو ڊرامي جي وصف هن ريت بيان ڪري ٿو: ”ڊرامه هڪ آئينو آهي، جنهن ۾ قدرت جو عڪس ڏسجي ٿو.“ ان مليل معلومات جي آڌار موجب تاريخي اتهاس موجب رگ ويد کان آخري ويد سام ويد جي رقم ٿيڻ تائين وڏين تبديلن جو اندازو بيان ٿيل آهي. دراصل هي تاريخي ڄاڻ ڪنهن پڪي پختي ثابتي طور ڪتب نه ٿي آڻي سگهجي پر جيئن موهن جي دڙي جي تاريخي احوال کي تمثيلي ڳالهين يا چوٽين سان مشابهت ڏني وڃي ٿي تهڙي


ڪتاب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ريت مٿين مليل چارٽ کي پڻ تمثيلي مطالعي جي ضمري هيٺ آڻي سگهجي ٿو. ڊرامہ جي وصف مان اسان کي معلوم ٿيو تہ ڊرامو ارتقائي طور تي پنهنجو سفر سانگ، پتلي تماشو پيڳت، اوائلي قصن، ڌرمي ڪٿائن، مناظري جي بيتن سان مشابهت رکندڙ هوندو هو ۽ ڊرامہ جو اصل مقصد پڻ سماج ۾ انهن عنصرن جي ڦهلاءَ لاءِ ڪيڏيو ويندو هو.


ڪتب خانہ...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

## ڊرامہ جا فني جزا:

ڊرامہ جو فن بہ اوترو ئي آڳاٽو آهي جيترو ڊرامہ جي تاريخ. اهڙيءَ ريت تاريخ جي روشني ۾ ڊرامہ جي فن تي ڪيترن ئي عالمن ۽ اڪابرن جا رايا ملن ٿا. اصل ۾ ڊرامہ جو فن ’عمل‘ ۽ ’نقل‘ تي ئي انحصار ڪري ٿو. يونان ۾ پيش ٿيندڙ آڳاٽن ڊرامن ۾ فقط هڪ ڪردار ئي پوري ڊرامہ جو حصو هوندو هو. اڪثر ڪري ٻڪرار يا ريبدار جنهن وقت چراگاهن ۽ وسيع ميدانن طرف ويندا هئا تہ ان وقت انهن مان هڪ خاص عمل جي نقالي ڪندڙ ڪنهن اونچي جاءِ تي اچي ويهندو هو ۽ ٻيا عام ريڍار يا ٻڪرار سندس پيش ڪيل انداز کي ڏسڻ لڳندا هئا. سندن اڪثر موضوع مذهبي يا تمثيلي قصن تي آڌاريل هوندو هو. تنهن کان پوءِ اڳتي هلي يوناني ڊرامن جي تاريخ ۾ ارسطو ڊرامہ جي فن بابت چند ڇاڻ ڪندي نظر اچي ٿو. ڊرامہ جي فن بابت ارسطو جي ڏسيل اصولن کي تمام گهڻي اهميت حاصل آهي:

”1. پلاٽ (Plot) 2. ڪردار (Character) 3. خيال (Thought) 4. عبارت (ٻولي) (Diction) 5. سنگيت (Music) 6. پردرشن (چٽو منظر نماءُ، ڏيکاءُ، ڇهڇٽو) (Spectacle)“ (پريم، 1993ع، ص 29)

ارسطو جي نشاندهيءَ کانپوءِ آهستي آهستي ڊرامہ جي فن ۾ پختگيءَ جا اهڃاڻ ملندي نظر ايندا. تنهن کانپوءِ يوناني ڊرامن جي شروعات کان اڳ ڊراما ۾ منڍ يا تعارف رکيو ويندو هو ڊرامہ پيش ڪرڻ کان اڳ هڪ ڪردار اسٽيج يا ٿيٽر تي اچي ان ڊرامہ بابت تعارفي آگاهي پڙهندو هو ڊرامہ جي پيشگي سمجهاڻي طور ڏسندڙن کي اڳواٽ ئي ڏني ويندي هئي جنهن کي (پرولوگ) سڏيو ويندو هو ۽ پوءِ آخر ۾ ڊرامہ جي اختتام بعد (ايپلاگ) ڳالهہ جو پيش ڪيل حاصل مطلب پڙهبو هو. انهن ڊرامن جو پلاٽ ايڪٽن تي آڌاريل هوندو هو ۽ پيش ٿيندڙ ڊرامو پنجن ايڪٽن تي ورهايل هوندو هو ۽ تمام طويل دورانيہ جو هوندو هو:

”يوناني ڊراما جي شروعات کان اڳ ’ڊراما جو منڍ‘ يا ’تعارف‘ بہ رکيو ويندو هو. جنهن ۾ هڪ ماڻهو اسٽيج تي اچي ڊراما جو تعارف ڪرائيندو هو. ڳالهہ سمجهائيندو هو. جنهن کي ’پرولاگ‘ ڪري چوندا هئا. ساڳيءَ طرح ڊرامہ جي اختتام مهل وري هڪ وڏيڪ سين شامل ڪيو ويندو هو (جنهن کي ڳالهہ جو حاصل مطلب چئجي) جنهن کي ’ايپلاگ‘ سڏيندا هئا. اهڙيءَ طرح هڪ ڊراما جي ٽن حصن ۾ بہ ٻيا حصا بہ ڳنڍجي ويا. ائين جملي پنج حصا يا پنج ائڪٽ ٺاهيا ويا هئا: جنهن تي بعد وارا ڊراما نويس پابنديءَ سان ڪارفرما رهيا هئا: بلڪ اجا تائين پابند رهندا ٿا اچن“ (مرزا، 1981ع، ص، 12)

يونان جي اوائلي دؤر ۾ ادا ٿيندڙ ڊرامن ۾ فطري تسلسل جو هجڻ تمام لازم هوندو هو ان کان علاوه ڊرامہ جي موضوعن ۾ طلسمي ۽ جادوئي طريقن جي بہ اهميت هوندي هئي، اڳتي هلي انهن ۾ ردوبدل پئي ٿي، اهڙي تبديلي بعد بہ اوائلي ڊراما پنهنجي نوعيت ۽ ساخت جي پرک سان پاڻ ئي


ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

معياري لڳندا هئا. تنهن سبب ڊرامي جي فني ردوبدل ۾ ارسطوءَ جي پيش ڪيل ڇهه نقطن/ منزلن تي مبني هئا. ان کان علاوه ارسطو جي ڊرامن بابت پيش ڪيل ٽن قسمن جون مشابهت رکندڙ هڪجهڙايون تمام ضروري سمجهيون وينديون آهن. جنهن ۾ وقت جي هيڪڙائي، جاءِ جي هيڪڙائي ۽ عمل جي هيڪڙائي تمام اهميت رکن ٿيون. اهڙي ريت هندستان ۾ پڻ ڊرامي جنهن جو اصل مقصد ته هڪ ڊرامو هڪ ئي وقت شروع ٿئي جيڪو پنهنجي اصل روح کي ڏسندڙن اڳيان چٽي نموني سان ادا ڪجي ته جيئن ڏسندڙن ان کي هڪ ئي وقت پنهنجي ذهن ۾ اتاري سگهن. پيو ته جيڪو ڊرامو جتان شروع ٿئي اتي ئي اچي فيصلا ڪن مرحلي سان پڄاڻي تي پهچي. ٽيون ان ۾ پيش ٿيل ڳالهه جو اصل روح هجڻ گهرجي ته جيئن ڏسندڙن کي پيش ڪيل ڪهاڻي يا ڪردارن جي ذريعي سمجهايل پيغام بلڪل چٽي ريت سمجهه ۾ اچي:

”ڊراما جي فني لوازمات جي سلسلي ۾ ارسطو اصولي طور تي جن ڇهن عنصرن جو ذڪر ڪيو هو اُهي هي آهن:

ڪهاڻي 2. ڪردار 3. لفظ 4. خيال 5. آرائش ۽ 6. موسيقي.

ارسطو جي خيال موجب واقعن ۾ فطري تسلسل جو هئڻ پڻ تمام ضروري ٿئي ٿو اهي اصول ڪئي سو سال اڳ مرتب ڪيا ويا هئا. اهڙي ريت نوان رجحان ۽ ڊرامي جي فني ارتقا جي پيش نظر پوءِ اصولن ۾ ضمني ڦير ڦار يا تبديليون ٿينديون رهيون.“ (صديقي، 2009ع، ص 207،208)

ڊرامو تخليق ڪرڻ وقت ڊرامه نويس کي ڪيترن ئي مرحلن جي نزاڪت جو ڏيان ڌرڻو پوي ٿو ۽ ان سڄي مرحلي جي گذر کان پوءِ ان کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ وري اسٽيج تي ادا ٿيندڙ ڪردار تي ڪيتري جان بازي ۽ ڏيان سان ڪم وٺڻو پوي ٿو ان سڀ محنت کان پوءِ ئي ڏسندڙن تائين هڪ ڊراما جي تخليق جو عمل مڪمل طور لاياٿو ٿئي ٿو:

”ناٽڪي فن جو مول متو آهي ته ان ۾ ٻن ڌرين يا ٻن ويچارن جي وچ ۾ ’ڪشمڪش‘ ضروري رکيل هجي، جنهن ڪري ئي ناٽڪ جي دلچسپي وڌي ٿي، ان ڪشمڪش کي اثرائتو بنائڻ لاءِ هر ناٽڪ پنجن منزلن ۾ وراهيل ٿيندو آهي. پهرين ’اظهار‘ جنهن ۾ آکاڻيءَ جو ارنڀ ڪيو ويندو آهي، مکيه پاترن جي واقفيت ڪرائي ويندي آهي ۽ ڪشمڪش جو اشارو ڏنو ويندو آهي. ٻين منزل کي چئبو آهي ’چڙهندڙ‘ ڪارنامو جنهن ۾ ڪشمڪش وڌندي زوردار ٿيندي ويندي آهي. ٽين منزل آهي ’چوٽي‘ جنهن ۾ اها ٻن پاسن جي ڇڪتاڻ چيهه تي پهچي ويندي آهي، جنهن ڪري هيءَ منزل ٻين سيني کان دلڪش ٿيندي آهي. چوٿين منزل کي چون ’لهندڙ‘ ڪارنامو جنهن ۾ ڇڪتاڻ سلجهندي ويندي آهي ۽ اهجاڻ پيا پوندا آهن ته نتيجو ڇا ٿيندو آهي. پڇاڙيءَ واريءَ منزل کي چون ’خاتمو‘ جنهن ۾ ڪشمڪش جي دکدائڪ پڄاڻي ٿي ويندي آهي. تنهن کان علاوه ٻه ٻيون منزلون ’انتظار‘ جنهن موجب اهڙو ڪارنامو يا گفتگو رکيل هوندي آهي جو پڙهندڙ يا ڏسندڙ جي اندر ۾ اڻ تڻ ٿي پوندي آهي ته هاڻي الائجي ڇا ٿيندو، ٻي ’تعجب‘ جنهن موجب ڪي اهڙا اوچتا واقعا ٿي پوندا آهن جن جو شڪ شبو به ڪو نه هوندو آهي. قديم ناٽڪ پنجن ’انڪن‘ يا فصلن ۾ وراهيل آهن. سو به ان ڪري جو هرهڪ انڪ ۾ هر هڪ منزل الڳ


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانو... وٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

آيل آهي. اچ ڪلهه جڏهن تن يا چئن پاڳن وارا ناٽڪ لکجن ٿا ته به منجهن اهي پنج منزلون ضرور هونديون، فقط ڳولڻ مشڪل ٿي پوندو ته ڪٿي هڪڙي پوري ٿي ۽ ٻي شروع ٿي؛ پر استعمال ۾ ڏيان ڏيڻ سان اهو ڪم ڏکيو نه آهي. ناٽڪ جو پڇاڙيءَ جو مول متو آهي ڪارنامي جي ’ايڪتا‘ جنهن موجب يا ته هڪڙو ئي مکيه واقعو ڪٺجي، يا جي وندر وڌائڻ لاءِ ڪو ڇوٽوواقعو وجهجي ته اهو به مکيه واقعي سان ڳنڍيو پيو هجي، ۽ نه ڇنو ڏار ٿيو بيٺو هجي“ (ملڪاڻي 2007ع، ص 19،20)

تنهن کان پوءِ وري ڊرامه ڏسندڙن جا خيال ۽ ويچار ڪهڙا آهن يا ان ڊرامه جي اصل مفهوم جو مقصد ڏسندڙن کي سمجهه ۾ آيو يا نه؟ ڏسندڙن ان مان ڪيتريون اوڻايون ڪييون، يا ان لکت مان ڇا حاصل مطلب نڪتو يا ان پيغام پهچائڻ جو مقصد مڪمل طرح پورو ٿيو يا اڻ پورو، ان ڊرامه جي اڳتي ڪهڙي نوعيت اختيار ٿيندي ۽ ان جي پاس يا فيل ٿيڻ جا ڪيترا موقعا آهن، انهن سڀني ڳالهين جي مدنظر هڪ ڊرامه جي تخليق وارو عمل مڪمل ٿئي ٿو. ڊرامه نويس کي ڊرامه لکڻ لاءِ ارسطو جا ڏسيل 6 ئي عنصر نمائندگي ڪندي نظر ايندا آهن:

”ارسطو جن عنصرن کي ڊرامه لاءِ لازمي قرار ڏنو هيو اُهي لفظي تبديلين ۽ معمولي ترميم سان اڄ به ايتري اهميت رکن ٿا جيتري قديم زماني ۾هوندي هئي ۽ اڄ به هڪ سٺي ڊراما يا ناٽڪ لاءِ آغاز عروج ۽ انجام کان علاوه پلاٽ، مرڪزي خيال، ڪردارنگاري، تصادم يا ٽڪراءُ، ڪشمڪش، تجسس ۽ مڪالما وغيره وڏي اهميت رکن ٿا.“ (صديقي، 2009ع، ص 207)

يوناني الميه جي روشنيءَ ۾ اسان ان جو تقابلي اڀياس ڪيون ٿا ته اوائلي ڊرامن ۾ ان جي اصل روح کي پڻ ڇيهو پهتو ۽ ان جي تبديلي ۽ ڦيرقار جا واضع ثبوت پڻ ملن ٿا، اسان کي يوناني ڊرامن ۾ تهذيبن جا عڪس، نرت، ڪلا، رقص ۽ راڳ جو ميلاپ واضع طور نظر اچن ٿا، هڪ ته اوائلي پيش ٿيندڙ ڊراما تمام وڏي وقت جي درڪار سان پورا ٿيندا هئا ۽ ان ۾ هڪ ئي ڪردار پيو ڦرندو هو جنهن سبب ڏسندڙن کي گهٽو تنگي محسوس ٿيندي هئي، تنهن ڪري اڳتي هلي ڪردارن ۾ اضافو ڪيو ويو هڪ مان ٻه، ٻن مان ٽي ڪردارن جي اضافي سان ڊرامه جي سمجهاڻي ۾ مدد به ملي رهي هئي ۽ هڪ ئي ماڻهو کي هڪ وقت گهڻي ياد ڪرڻ واري محنت کان به آجو ٿيڻو پيو ۽ ڪجهه بيا ماڻهو گڏيا ته سڀني گڏجي مختلف ڪردارن جي ادائيگي پئي ڪئي ٻن گڏجي ناچ پئي ڪيو ته ٻن گڏجي نغما پئي ڳايا، اهڙي ريت ڪورس جي پابندي کان پڻ نجات ملي:

”يوناني ڊراما جي فن“ جنهن جو تذڪرو ارسطوءَ جهڙي عالم ڪيو جون ڪهڙيون خاص ڳالهيون يا خصوصيتون آهن؟ اسان قديم ۽ اصلوڪو يوناني ڊراما جو به نمونو ڏنو جنهن جو ڪردار فقط هڪ ريڊار ڪافي سمجهيو ويندو هو. جنهن ۾ ٻئي ڪنهن هيرو جي گنجائش نه هوندي هئي. رفتي رفتي ان جي ڪردارن جو تعداد وڌايو ويو. هڪ مان ٻه، ٻن مان ٽي. اهڙيءَ طرح سان وڌندا ويا. ساڳي نموني ۾ جيئن ڊراما ۾ موسيقي جهڙي دلچسپ شئي جو اضافو ٿيو: تيئن ان ۾ ڪورس (گڏجي ڳائڻ) کي به شامل ڪيو ويو. جا ڳالهه يوناني ڊراما جو پوءِ اٽوٽ حصو سمجهي ويندي هئي. حقيقت ۾ ڊراما کي پنجن (5) ائڪٽس ۾ ورهائڻ جو رواج به “ڪورس” جي


ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

شموليت ڪان پوءِ ئي وجود ۾ آيل ٿو ڏسجي. ڇاڪاڻ ته اجا تائين اهو معلوم ٿي ڪين سگهيو آهي، ته ڇو هڪ ڊراما کي ايتري (5) ايڪٽس ۾ تقسيم ڪجي: ڇو نه ٽن يا ڇئن يا وڌيڪ ايڪٽس ۾ ورهائجي؟ موجوده دور کي ڇڏي پتو پوندو ته شيڪسپيئر ۽ ٻين ڊراما نويسن فقط پنجن ايڪٽس ۾ ڊراما لکيا آهن." (مرزا، 1982ع، ص 12،11)

آڳاٽي زماني ۾ غارن ۽ جبلن تي اُڪريل چٽسالي جا نمونا ۽ مليل شڪلين جا نمونا تهذيبن ۽ ڏندڪٿائي قصن جي ترجماني ڪندي نظر اچن ٿيون جنهن مان به انساني رهائش جا اهڃاڻ ۽ انهن جي حالات زندگي جو ثبوت ڏين ٿيون. اهڙيءَ ريت سنڌن حياتي جي احوال جو اسان کي پتو پيو ته ڪيئن نه اهي انهن برپٽن، جهنگلن ۾ قدرتي توڙي جهنگلي جيوت جو ڪاج ٻڌجندا هئا ۽ سندس هر اينداڙ ڏينهن عذاب ۽ فڪر جي ور چڙهيل هوندو هو. اهڙين ئي ڏند ڪٿائن جا ڪيترائي ثبوت هر قوم جي تهذيبي ريتن رسمن جي عڪاسي ڪندي نظر اچن ٿيون. آڳاٽي ريڪارڊ موجب انهن علائقن ۾ کهڙيون آفتون ايندڙيون پئي رهيون يا تنهن وقت ان خطي جي ٻيهڪ جو ڪهڙو حال هوندو هو سو سڄي تاريخ جي ورقن ۾ موجود آهي. اهڙيءَ ريت ڊرامي جي فن بابت ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور جي چواڻي هيٺين ريت آهي:

"قديم دور کان ئي ڊرامي بابت ماهر - ناٽڪ ڪار 'تحرير' مٿان 'عمل' جي فوقيت واري راءِ قائم رکيو اچن. ان لاءِ ڊرامي بابت ارسطو جو نظريو ورجايو ٿو وڃي ته 'عمل جي نقالي' جي بنياد تي ڪنهن به ڊرامي جي 'تحرير' کان وڌيڪ 'عمل' جي اهميت آهي." (پنهور، 1992ع، ص 12)

ڊرامي ۾ عمل جي اهڙي عنصر طور شامل هجڻ سان ڊرامي لکڻ سان گڏوگڏ ڊرامي ۾ شامل عمل جي ورجاءُ واري حيثيت کي به اوتري ئي اهميت حاصل آهي، ان طرح سان اسان کي خبر پوي ٿي ته اوائلي ڊرامن ۾ جيڪي ڪردار عمل جي نقالي طور استعمال ٿيندا هئا، اهي نه فقط سادا سودا ڪردار ئي هوندا هئا، ۽ ڊرامي ۾ ادا ڪندڙ ڪردار نه رڳو عام فهم انسان لاءِ ترجيح جو بنياد ٻڌيا بلڪ ان سان گڏوگڏ اتان جي رهندڙن سماجي ريتن رسمن جي بقا جو پڻ استفادو ٿيندو نظر اچي ٿو ان کان علاوه موسيقت جهڙو عنصر پڻ ان وقت جي ماڻهن ۾ تمام گهڻو وڻندڙ مشغلو ان ۾ شامل ڪيو ويو ته سڪي جي ٻنهي پاسن جو مزو هڪ ئي ڏڪ ۾ پورو ڪرڻ وارو خواب ساپيان ٿيو سڀ کان وڌيڪ دلچسپ ڳالهه اها آهي ته ڊرامي رچائڻ لاءِ جيڪو به ڪردار پيش ڪيو ويندو هو اهو نه فقط عام، سادو سودو هوندو هو پر ان سان گڏوگڏ ان ۾ سڀ کان وڌيڪ جنهن ڳالهه جو خيال رکيو ويندو هو اهو سچائي کي برائي مٿان فوقيت حاصل ٿيڻ اهميت رکندو هو. ان ڏس ۾ ڊاڪٽر حبيب الله مرزا جي راءِ به اهم آهي:

"قديم يونان جا ماڻهو دنيا جي ٻين قديم ملڪن جي ماڻهن جيان پنوهار يا ريڍار هوندا هئا. هو رڍن جا ڌڻ وٺيو سائي گاهه سان ڇانيل ٽڪرين تي، ميدانن ۽ نهرن جي ڪنارن تي پنهنجا مال چاريندا هئا. اهو ئي سندن خاص مشغلو هوندو هو ۽ اهو ئي سندن ڌنڌو هو. اهي نوجوان ريڍار شام جي مهل جو پنهنجي رڍن کي واڙن ۾ نئي سبزگاهن جي ميدانن ۾ نيلي آسمان هيٺ وسرام ڪندي، پنهنجي روزمره جي مشغولين کي، پاڻ جهڙن ريڍار نوجوانن جي اڳيان، نهايت جيدار انداز ۾ پيش ڪندا هئا. جنهن جو ماحول اگرچ سادو سودو هوندو هو ليڪن پنهنجي


ڪتاب گهر... وٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

خيالن کي هو سچائيءَ سان ظاهر ڪندا هئا. بعضي ان ۾ سادي دهقاني موسيقي بہ شامل ڪئي ويندي هئي: مثال طور نڙ يا بانسريءَ جو بہ استعمال ڪيو ويندو هو. اهو سندن روزمره جو مشغلو هوندو هو. ڊراما جي ابتدا اجهو ان طرح ٿي هئي، نہ سين، نہ ائڪٽ، نہ ڪي جهجها ائڪٽر، نہ وري ڪو بيو تڪلف. "هڪ ريڊار جوان هڪ ٽيلي تي ببهي ڪري پنهنجا روزمره جا تجربات ۽ مشاهدات سادي زبان ۾ بيان ڪندو هو. ٻيا ريڊار نينگر سائي گاهہ تي ويهي ڪيس ڏسندا هئا ۽ سندس ڪلام ٻڌي دل خوش ڪندا هئا." (مرزا، 1983ع، ص 10،11)

مٿئين پيش ڪيل ڳالهين جو مقصد اهو آهي تہ ڊرامہ جي اوائلي بيهڪ يا پيش ڪرڻ جو نمونو ڪهڙي قسم جو هوندو هو ۽ ان لاءِ ڊرامہ جي فني حيثيت ڪيئن ۽ ڪهڙي قسم جي رکي ويندي هئي. انهن پيش ٿيل اصول جي تحت ئي ڊرامہ جي فني گهاڙيٽي کي سمجهڻ ۽ ڊرامہ جي فن بابت ارسطو جي مقرر ڪيل 6 ڇهن نقطن کي سمجهڻ ۾ مدد ملي ٿي. ڊرامہ جي فن بابت غلام حيدر صديقي ڪجهہ هن ريت خيال پيش ڪري ٿو:

"ڊراما جي فني لوازمات جي سلسلي ۾ ارسطو اصولي طور تي جن ڇهن عنصرن جو ذڪر ڪيو هو اُهي هي آهن: ڪهاڻي، ڪردار، لفظ، خيال، آرائش ۽ موسيقي، ارسطو جي خيال موجب واقعن ۾ فطري تسلسل جو هئڻ پڻ تمام ضروري ٿئي ٿو. اهي اصول ڪئي سو سال اڳ مرتب ڪيا ويا هئا. اهڙي ريت نوان رجحان ۽ ڊرامہ جي فني ارتقا جي پيش نظر پوءِ اصولن ۾ ضمني قيرقار يا تبديليون بہ ٿينديون رهيون آهن." (صديقي، 2009ع، ص 205-206)

يوناني تاريخ جي ورقن کي پرکي ڏسبو تہ خبر پوندي تہ يونان ۾ ٿيئٽر جو آغاز بہ هڪڙي شاعر جي پيش ڪيل خيالن مان ورتو ويو ۽ ان جي ئي وسيلي ڊرامہ جي مڪالمي (Dialogue) جو رواج پيو اهڙي ريت جدت پسندي کي هٿي ملي ۽ ان جدت پنهنجا مخصوص انداز بہ ڦيريا جنهن سبب ڏسندڙن کي پڻ نئين شيءَ ملي ۽ وقت جو ڌيان پڻ گهٽ ٿي ٿيو:

"يوناني بيزاري يا بوريت کي بيماري يا بدصورتي جيئن سمجهندا هئا. جنهن ڪري ڪين نئين شيءَ جي کوجنا ٿي. اٽيڪا(ATTICA) جي علائقي ۾ اڪاريہ ICARIA نالي هڪ ڳوٺ هو. جتي هڪ نوجوان شاعر رهندو هو. طبيعت بہ سندس جدت پسند هئي هن عوام جي بيزاري ختم ڪرڻ لاءِ رزميہ نظمن جي ڳائڻ جي انداز ۾ اهڙي جدت پيدا ڪئي جو اهو انداز تمام مختصر وقت ۾ عوامي مقبوليت حاصل ڪري ويو. هاڻي جلوس جي اڳيان جيڪي ساز وڄائيندڙ پئن (pan) جون مرليون وڄائيندا هلندا هئا، انهن مان هڪڙو جلوس جي اڳيان وڌي ايندو هو هوڏانهن ٻڪر جيئن ٻڙڪندڙ مسخرن جي ٽولي مان هڪ گويو اڳيان وڌي ٻي ٽولي سان وڌي آيل سازندي جي بلڪل سامهون اچي بيهندو هو. ٻئي هڪ ٻئي کان سوال جواب جو سلسلو شروع ڪندا هئا. گويو صف کان نڪري مسخرن يا نٽن جيئن پاڻ آگهائيندي ڳالهائڻ شروع ڪندو هو يعني ايڪٽ (Act) ڪندو هو. باقي گويا سندس آس پاس ۽ چوگرد رزميہ نظمون مسلسل ڳائيندا رهندا هئا. مسخرو ڪيترائي سوال ڪندو هو ۽ سازندو شاعر جا موزون ڪيل جواب پڙهندو ۽ دهرائيندو ويندو هو. اهڙي طرح ٿيئٽر جي روايتي مڪالمي DILOUGE جي ابتدا ٿي." (منگي، 1992ع، ص 218)

يونان ۾ اوائلي پيش ٿيندڙ ڊرامن جي پسمنظر لاءِ جيڪا جاءِ مقرر ڪئي ويندي هئي ان کي اڳتي هلي "ٿيئٽر" جي نالي سان سڏيو ويو ۽ ان ۾ وڏيڪ ماڻهن جي ويهارڻ جي بندوبست جو جوڳو انتظام ڪيو ويندو هو ته جيئن ڏسندڙن آرام ۽ سڪون سان ڊرامو ڏسي سگهن. ٿيئٽر ۾ تماشبينن جو هڪ وڏو انگ ڏسڻ لاءِ پهچندو هو ڇو ته ڊرامي واري فن کي نه فقط تفريح واري انداز ۾ ڏٺو ويندو هو پر ان ۾ سمايل مذهبي درس پڻ حاصل ڪرڻ هوندو هو تنهن سان گڏوگڏ جو موسيقي ۽ ناچ شامل ٿيو ته اهڙن ڊرامن کي ڏسڻ لاءِ هر عام ۽ خاص فرد بي تاب رهندو هو ۽ ڊرامو ڏسڻ وقت اتي پنهنجو پاڻ کي خيالي تصورن ۾ پيو پاڻ پائيندو هو:

"قديم يوناني ڊراما نويسن جو ڪم ايترو ته سگهارو هوندو هو جو 30،000 جي انگ تائين پهچندڙ حاضرين انهن جي پرفارمنس ڏسڻ لاءِ اچي ڪنا ٿيندا هئا. جيتوڻيڪ انهيءَ ۾ اداڪاري، شاعري، موسيقي ۽ ناچ سڀ ڪجهه شامل هوندو هو ته به ٿيئٽر جي حيثيت قديم يونانين وٽ تفريح جي انداز کان گهڻو وڏيڪ هوندي هئي. انهن جي پرفارمنس يوناني شهرين جي تمام عميق مذهبي ۽ شهري عقيدن کي هڪ ڏڻ طور ملهائڻ جو هڪ ذريعو پڻ هئي" (عباسي، 2005ع، ص 129)

ٿيئٽر قائم ٿيڻ جو رواج به ان ئي دور جي ايجاد آهي، جڏهن ڏسندڙن جو تعداد وڌي ويندو هو ته اهڙي قسم جا بندوبست ڪيل ميدان بلڪل پري پري تائين پرجي وڃڻ سبب ڏسندڙن کي مشڪلاتون پيش اينديون هيون ۽ ڪين پيش ڪيل ڊرامي جي ڪردارن جو آواز ٻڌڻ ۾ گهٽ ايندو هو تنهن ڪري ان دور ۾ جبل جي وٽن سان ٿيئٽر ناهڻ جو رواج عام ٿيو ته جيئن جبل جي پڙاڏي سبب آواز تيزي سان ٻڌندڙن تائين پهچي سگهي. اهڙي طرح وڪٽر هيوگو موجب ته ڊرامي کي ڪرڻ واري اسٽيج يا ٿيٽر تي ڏسندڙ ٽن قسمن جا ٿيندا آهن (ناظرين جنهن ۾ مرد، ٻار، ٻڍا ۽ عورتون پڻ شامل هونديون هيون/ آهن) ڊرامي جي عنصرن ۾ وڌ کان وڌيڪ پسند ڪندڙ موضوع ايڪشن کي اوليت حاصل رهندي هئي/ آهي. ڊرامو ڏسندڙ (ناظرين) ان ڊرامي ۾ پيش ٿيندڙ ويڙهاند ۽ مزاحمتي عمل کي تمام گهڻو پسند ڪندا هئا / آهن ان جو اهم ڪارڻ اهو آهي ته سندن سوچ موجب بهادري ۽ شجاعت سان زندگي گذارڻ گهرجي ۽ پنهنجن جائز حقن خاطر هر ظالم سان جنگ جوٽڻ گهرجي ۽ زندگي جي بقا لاءِ مزاحمت وارو دفاعي عنصر پڻ ڊرامائي حيثيت ۾ تمام اهميت وارو ليکيو ويندو آهي:

"وڪٽر هيوگو جو چوڻ آهي ته ڏسندڙ ٽن قسمن جا ٿيندا آهن. پهرين اهي عام ماڻهو جيڪي ائڪشن ڏسڻ چاهيندا آهن ۽ ٻيون عورتون جيڪي جذبات نگاريءَ جون شوقين ٿينديون آهن ۽ ٽيان پڙهيل لکيل ماڻهو جيڪي ڪردار نگاريءَ ۾ دلچسپي وٺندا آهن. ٻين لفظن ۾ ڊراما جا ڏسندڙ عام طرح ائڪشن ۽ جذبات نگاري ۾ دلچسپي ڏيکاريندا آهن ۽ صرف ڪردارنگاري جا شوقين ٿيندا آهن" (قاضي 1978، ص 78)

اهڙي قسم جي ڊرامي جو پسمنظر يا اصل روح "جذبات" واري عنصر تي آڌاريل هجي ٿو. جذبات واري عنصر کي وري پيش ٿيندڙ ڪردارن وسيلي جهڙوڪ (هيرو) جيڪو ڀلائي ۽ سچ جو ساٿاري سمجهيو ويندو آهي ۽ (ولن يا غنڊو) جيڪو برائي ۽ شيطاني ڳالهين ۾ ويساهه رکندڙ هجي


ڪتب خانه... وٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ٿو ۽ سچائي کي ختم ڪرڻ لاءِ مختلف قسمن جا حيلا ۽ وسيلا ڳولي ٿو پر حالتون ڪيس ڪجھ حد تائين تہ ساٿ ڏين ٿيون پر آخر ۾ هارائي ويهي ٿو. ڀلائي ۽ برائي واري اهڙي عمل وچ ۾ جهيڙي وارو ماحول پيدا ٿيو پوي ۽ بلآخر سچائي کي برائي مٿان فوقيت رکڻ وارا ڪردار جس لائق سمجهيا ويندا آهن-

مٿي اسان ڊرامي جي فن بابت ڄاڻ حاصل ڪري چڪا آهيون تنهن کان پوءِ هاڻي ڊرامي جي جزن بابت ڪجھ احوال پيش ڪجي ٿو. ڊرامي جي جزن کان بنهہ ڪو بہ ڊرامو لکيل/ ڇپيل يا ڏسيو ويندڙ ڊرامو مڪمل نہ ٿو ٻڌجي سگهي. هن جزن ۾ ڊرامي جا ڇھ قسم سامهون ايندا آهن. جن مان هر هڪ پنهنجي حصي سان سلهاڙيل رهي ٿو ۽ ان سڄي مرحلي کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪو بہ حصو هڪ ٻئي کان بغير اڻ پورو سمجهيو ويندو آهي. ڊرامي جي مکيہ جزن ۾ هي ڇھ جزا شامل هوندا آهن1. پلاٽ (Plot): 2. مرڪزي خيال(Central Idea) 3. ڊائيلاگ ۽ ڪردار (Dialogue & Character) 4. ٽڪراءُ يا ڇڪتاڻ (Conflict) 5. عروج (Climax) 6. پڇاڙي (End) وغيره:

”ڊرامي جي بين فني خوبين ۾ پلاٽ، ڪهاڻي، آغاز ۽ انجام خاص آهن. ڊرامو سبق آموز ۽ اصلاحي هئڻ سان گڏ، معاشري جي سماجي، سياسي ۽ معاشي مسئلن جي عڪاسي ڪندڙ هجي، جنهن ۾ فحاشيءَ کان پاسو ڪيو وڃي. مقصد صرف معاشري جي اوڻاين کي کولي بيان ڪرڻ هجي.“ (ميمڻ 2008ع، ص 383)

## 1. پلاٽ:

پلاٽ لفظ جي انگريزي ۾ معنيٰ آهي ”سازش ڪرڻ“ ۽ لاطيني زبان ۾ آهي ”بيان ڪرڻ“ .

پلاٽ مان مراد ڪهاڻي جي ترتيب، جوڙجڪ يا سٽاءُ جو نالو آهي، ڪنهن بہ ڪهاڻي کي واقعن جي تسلسل ۾ گهمائي ڦيرائي پيش ڪبو آهي ۽ ان کي ئي چئبو آهي پلاٽ. مطلب تہ ڊرامي پيش ٿيڻ کان اڳ ئي ڊرامہ نويس جي قابليت سندس خيال تي منحصر ٿئي ٿي چو تہ سڀ کان اول ڊرامہ نويس خيالن جي ذريعي ئي پهريان سوچ ويچار ڪري ٿو ۽ پوءِ سندس ذهن ۾ ڪا ڪهاڻي اچي ٿي جنهن کي ڊرامي جي جزن ۾ ورهائي ٿو ۽ بعد ۾ ان ڪهاڻي مان پلاٽ منتخب ڪري ٿو. هن حصي جو دارومدار سڀ کان اول ڊرامہ نويس جي لکيل ڪهاڻي جي مکيہ حصي يا ڳالھ سان منسلڪ هوندو آهي، لکيل ڊرامي جا ڪردار وري گفتگو (ڊائيلاگ) ۽ پلاٽ (مقصد) تي دارومدار رکندا آهن. جهڙي ريت پلاٽ بهتر هوندو تہ ڪردارنگاري بہ اوتري ئي مضبوط هجڻ لازمي آهي ان سان ئي ڊرامي جو مقصد وڌيڪ مضبوط ۽ ڪامياب ليکيو ويندو آهي.

پلاٽ (مقصد) ڪهاڻي ۾ سمايل ڳجهي راز کي تمام باريڪ بيني سان ڏيکي ڪري پيش ڪرڻو پوندو آهي، جنهن ڳالھ جو اصل مفهوم ڊرامي ۾ آهستي آهستي نمايان ڪيو ويندو آهي تہ ڊرامي ۾ سمايل ڪهاڻي جو اصل مقصد ڪهڙو آهي ۽ ان ڪهاڻي جا چڱا ۽ برا ڪردار پنهنجي سماج جي ڪهڙيءَ ريت عڪاسي ڪن ٿا. پلاٽ ئي ڊرامي جو مکيہ جز آهي جنهن سان ڊرامي جي ڪامياب ۽ ناڪام ٿيڻ جو تعلق رهندو آهي. جيترو رچجندڙ (ڏيکارجندڙ) ڊرامي جو پلاٽ مضبوط هوندو اوترو ئي ان ڊرامي جي ڪامياب ٿيڻ جا امڪان هوندا آهن. پر جيڪر ڊرامہ


www.sindhsalamat.com
ڪتاب خانہ... وائس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

جو پلاٽ (مقصد) ئي ڪمزور هوندو تہ ڊرامو بہ ناڪام ٿي پوندو آهي ۽ ڏسندڙ ان ڊرامہ مان جلد ئي بيزار ٿيڻ لڳندا، جنهن ڪري وقت جو ڌيان تہ ڏيندو پر ڊرامہ ۾ سمايل اصل ڳالهہ جو صحيح مفهوم پيش بہ مڪمل نہ ٿيڻ جو خدشو پيدا ٿيو پوي ٿو.

## 2. مرڪزي خيال:

ڊرامہ نويس وٽ ڊرامہ لکڻ لاءِ زندگي جو ڪو بہ اهڙو واقعو ذهن ۾ موجود هوندو آهي، يا سماجي اوٽاين مان ڪنيل يا ورتل هوندو آهي. جنهن سان پيش ٿيندڙ ڊرامہ جو مرڪزي خيال مڪمل مقصد رکندڙ هجي ۽ ڏسندڙن جي لاءِ ڪو اهم ۽ مثبت پيغام پهچائڻ وارو ڪم ڪندو هجي. جنهن سان ڏسندڙن جي دلچسپي ۾ پڻ لڳاتار اضافو ٿيندو رهي ۽ ان مان ڏسندڙ پنهنجي اخلاقي توڙي سماجي چڱ پلائي جي بہ ڪيس پروڙ پوندي رهي، جنهن مان هو پنهنجي سماج ۾ ٿيندڙ برائين جي اصلاح ڪيئن ڪري سگهي ٿو. اهڙي قسم جي پيش ٿيل ڳالهين کي خيالي ڪهاڻي يا مرڪزي خيال چئبو آهي.

”آرسطوءَ ويچار کي ناٽڪ جو ’مباحثو‘ پاسو ٻڌايو آهي. ويچار ذهني – مال ( Intellectual Content) کان مٿي آهي، جٿي تہ ڪردار جي وهنوار جو دليل سندس جذبات سان گڏ هوندو آهي، ناٽڪ خارجي بحث ڪونهي، صحيح انگ اکرن جو نماءُ ڪونهي يا منطق يا ترڪ ٻڌيءَ جو دليل ڪونهي، صحيح انگ اکرن جو نماءُ ڪونهي جو ڪنهن صاف فيصلي تي اچي پهچي. ناٽڪ ۾ ڪردار مختلف ۽ هڪٻئي ۾ منجهيل جذبات جي اثر هيٺ داخلي فيصلو ونن ٿا.

اِن مراد ۾ هڪدم قريب پل کان مٿي، معنيٰ ۽ احساس جي ڏکيائن ۾ بہ وٺي وڃن ٿا. جت ناٽڪ زندگيءَ جو پورن انيؤ آهي. ڪردار جي ويچار - دليل، وشواسي شخصيت خلقڻ کانسواءِ ’ويچار‘ جو سنبنڌ ناٽڪ جي وشيہ سان - جت ناٽڪ جو سڄو مسئلو پورو موضوع ۽ مقصد کي ايترو آسان پڪڙي نہ سگهبو آهي ان ۾ تہ ڪيترائي ارٿ ٿين ٿا. انهن جون ڪيتريون ئي اوستائون هونديون آهن.اُهو اُپديش ۽ پرچار وارن ناٽڪن ۾ ئي پڪ سان ڪري سگهبو آهي.“ (پريم، 1993ع ص 58)

## 3. ڪهاڻي:

زندگيءَ ۾ رونما ٿيندڙ سماجي توڙي قدرتي واقعن جي ڪشمڪش ۾ هر انسان جو سبنڌ ٿئي ٿو. هر انسان جا پنهنجا جذبا ۽ سوچ ٿئي ٿي تنهن ڪري هر ماڻهو جي پنهنجي پنهنجي ڪهاڻي هوندي آهي. ڊرامہ کي پيش ڪرڻ لاءِ ڪهاڻي وارو فن بہ انساني واقعن، سماجي مسئلن جنهن ۾ غم هجي يا خوشيءَ يا زندگيءَ جو ڪو بہ پهلو هجي ان کي ڊرامہ نويس پنهنجي فني ترتيب وسيلي ڊرامہ ۾ ڪهاڻي کي پيش ڪندو آهي. چو تہ هر ڪهاڻي شعوري ۽ قبل شعور جي حرڪتن جي عڪاس ٿئي ٿي. هر ڪامياب ڊرامہ جو دارومدار پلاٽ ۽ ان ڊرامہ جي ڪهاڻي تي منحصر هوندو آهي.



ڪتب خانہ...وائس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

## 4. ڪردارنگاري:

ڪردارن نگاري وسيلي ئي ڊرامانگار (ڊائيلاگ) گفتگو منتخب ڪندو آهي ۽ هر ڊرامي جي ڪهاڻي ۾ ڪردارنگاري ئي دلچسپي جو سبب بڻجندا آهن ڪردار نگاري جي ادائيگي لاءِ اهو ڪم وري اداڪار کان وڏي خبرداري سان ورتو ويندو آهي. جيڪڏهن اداڪار/ گفتگو ڪندڙ پنهنجي ڪردارنگاري وسيلي پاڻ نيائي نہ سگهندو تہ ڊرامو ناڪام ٿيندو ۽ جيڪڏهن گفتگو بهتر رکيل هوندس ۽ اداڪار جي ادا ٿيندڙ ڪردارنگاري بهتر نہ هوندي تہ بہ ڊرامي جي ناڪام ٿيڻ جا امڪان پيدا ٿيو پون. مطلب تہ هر ڊرامي ۾ اڌ کان وڌيڪ دارومدار ڪردار ونندڙ جو هوندو ۽ ان ڪانپوءِ وري ان ڪردار کي کهڙي ريت هو ادا ڪري سگهڻ ۾ ڪامياب ويو آهي ان جو اندازو وري سندس پيش ڪيل ڪردار نگاري وسيلي سندس پيشگي جي ادا ٿيڻ ڪانپوءِ ئي ڪامياب يا ناڪام تصور ڪيو ويندو آهي:

”جنهن ناول يا ناٽڪ ۾ زياده زور اداڪارن جي خصوصيت ۽ انهن جي شخصيت جي تاثيرات تي ڏنل هوندو آهي، سو زياده دلچسپ ٿيندو آهي. ڇاڪاڻ جو انسان هئڻ سبب اسان عورتن. مرد ۽ انهن جي ڪارنامن ۾ دلچسپي وٺون ٿا. ناٽڪ نويس کي اداڪارن جي شخصيت ۾ بہ ڪفايت کان ڪم وٺڻ گهرجي. هن کي ڊگها ۽ طويل قصا بڌائي ناول نويس وانگر هن جي شخصيت کي واضح ڪرڻو ڪونهي. ناٽڪ نويس کي اهي تز ڳالهيون ۽ اهم واقعات ڏيکارڻا آهن جيڪي سندس اداڪار جي شخصيت جا بنيادي پٿر هجن ۽ جيڪي هن جي اندروني ڪيفين ۽ دي حالتن جو فوٽو بنجي سگهجن. هن کي اهي چوند عمل ڏيکارڻا آهن جيڪي اداڪار جي ڪمزوري يا طاقت جو باعث هجن. ناٽڪ نويس لاءِ نهايت ضروري آهي تہ هو ناٽڪ جي گفتگو اهڙي پر اثر لکي جو هر هڪ لفظ ماءِ دار ۽ معنيٰ خيز هجي، هر هڪ لفظ مان مطلب نڪري، واهيات بڪواڌ ۽ اجائي گفتگو کان پاسو ڪري. اداڪار جي هر ادا ۽ لهجو اهڙو هجي جو سندس اندرني حالت منهن مان نمايان ٿي سگهي يا پئي بکي ۽ سندس حياتيءَ جي ساري روش، ڍنگ يا طريقہ سان نهڪي ڦهڪي اچي.“

شاهواڻي، ص 48-49) ان لاءِ بنهي ڳالهين جو هڪبئي سان ڳانڍاپو تمام حساس اهميت رکي ٿو جيڪڏهن پيش ٿيندڙ ڪردار ڪمزور يا ڊائيلاگن کي ادا ڪرڻ جي مهارت نہ رکندا هوندا تہ ان ڊرامي جو اصل مقصد ئي وڃائي ويهبو. تنهنڪري ڊرامي ۾ ڊائيلاگ جي ادائگي ۽ پيش ڪيل ڪردارنگاري واري ڳالھ جو مڪمل خيال رکيو ويندو آهي.

## 5. ٻولي:

سڀ کان اول تہ ڊرامو پيش ڪرڻ لاءِ ڊرامہ نويس کي ڪهاڻي لکڻي پوندي آهي جنهن ۾ پيش ٿيندڙ گفتگو يا ڊائيلاگز لاءِ مڪالمہ بازي سچي ڊرامي جي خاص جز هوندي آهي. جيڪڏهن پيش ٿيندڙ ڊرامي جي ٻولي ڪردارن سان نهڪندڙ نہ هوندي تہ ڪهاڻي ۾ پيش ٿيندڙ ڪشمڪش ۽ منطقي نتيجي کي سمجهڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي تہ اهو ڊرامو لکندڙ ۽ ڊرامو ڏسندڙ ٻنهي لاءِ ڪارآمد ثابت ٿي نہ سگهندي. ڊرامي جي ٻولي تمام سهنجي، موقعي ۽ محل سان مطابقت رکندڙ اثرائتا ۽ آسان هجڻ گهرجي تہ جيئن مڪالمن ادا ڪرڻ وقت ڪردارن کي ڪا بہ دقت محسوس نہ ٿئي


ڪتب خانہ...واٹس ایپ لائبیریری (گروپ ایڈ من: امیر عدنان 03337516944)

چو تہ مڪالمن/ گفتگو کي ڊرامہ جو تمام اهم جز سمجهيو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت ناٽڪ نويس کي ٻن ڪردارن ۾ ٿيندڙ گفتگو پيش ڪرڻي پوي ٿي ۽ ڪيس اهو بہ ظاهر ڪرڻو پوي ٿو تہ انهن ڪردارن هڪٻئي سان ڪهڙي مسئلي يا ڪهڙي ڳالهہ بولهہ پئي ڪئي. ان جو وڏو سبب رد عمل کي ظاهر ڪرڻ پڻ هوندو آهي.

## 6. منظرنگاري/ سيرت نگاري:

منظرنگاري مان مراد آهي، ڊرامہ جي ڪهاڻي ۾ پيش ٿيندڙ منظر. هن ڊرامہ جي جز ۾ ڊرامہ نويس تمام گهڻي هوشياري ۽ خبرداري سان ڪم ونڌو پوي ٿو. اهڙي ريت منظرنگاري ۾ قدرت توڙي سماجي حالتن جي عڪاسي ڪئي ويندي آهي جهڙوڪ: اسٽيشن پڪي پڪڻ، وڻ ٻوٽا، دريا، سمنڊ، ريلوي اسٽيشن، هوائي اڏا، بس اسٽاپ، جنگ جو ميدان، گهر جو ماحول، وستيون، ڳوٺ، ٻهراڙي، شهر، جيل خانہ اسپتال، پهاڙ چشما، نديون، تلاءَ، الهڙ ناري، ٻار ٻيا، رانديون، جهيڙا اهڙي قسم جا ٻيا ڪيترائي منظر ڊرامہ جي ڪهاڻين ۾ سماجي توڙي احساساتي طور تي پيش ڪيا ويندا آهن. اهڙيءَ ريت منظرنگاري ناول، افساني يا شاعري لاءِ بہ اوتري ئي ضروري آهي جيتري ڊرامہ لاءِ.

## 7.تڪراءُ يا ڇڪتاڻ:

هي جز ڊرامہ جو اهم حصو آهي. جنهن ۾ ڊرامہ پيش ٿيڻ لاءِ لکيل ڪهاڻي بلڪل نازڪ موڙ تي اچي بيهي ٿي يا ڪن ڊرامن ۾ شروعاتي مرحلي ۾ ئي داخل ڪئي ويندي آهي، تنهن کان پوءِ ان جو پاڇي ظاهر ڪيو ويندو آهي. جهڙي ريت ڪنهن بہ سماجي اُٿائي کي ڏسندڙن آڏو بيان ڪرڻو پوندو تہ سچ ڇا آهي؟ ڪوڙ ڇا آهي؟ سچ جا ڪهڙا فائد آهن ۽ ڪوڙ مان ڇا هڙ حاصل ٿئي ٿو مطلب تہ نيڪي ۽ بدي مڪسچري جوهر ڊرامہ ۾ لڳاتار اثر انداز ٿيندڙ ٿئي ٿو ۽ آهستي آهستي اها منزل پنهنجي تڪرائن يا ڇڪتاڻ سبب پيش ٿيندڙ اصل ڳالهہ تي اچيو بيهي.

"انڪي تناءُ، مونجهارو يا سنڪٽ وارو نقطو يا حصو چئي سگهجي ٿو جيڪو ناٽڪ ۾ ڪاهڻ واري نقطي سان ئي شروع ٿي وڃي ٿو. دراصل ڪاهڻ وارو نقطو پيچيدگيءَ جو پهريون نقطو ٻڌجي ٿو. رفتہ رفتہ اِستني وڌيڪ پيچيده ٿيندي وڃي ٿي. اِها جيتري وڏي، واضع، آهم ۽ وياپڪ هوندي، انساني ۽ زندهہ هوندي، منطقي ۽ وشواسي هوندي، ناٽڪ اوتروئي 'گڻ' ۾ سرس هوندو. انهن حالتن ۾ ڪردار ڪلندا آهن، واضع ٿيندا آهن، ڇتا ٿيندا آهن. موضوع خواہ ناٽڪ ۾ پڪڙ ايندي آهي. ناٽڪ جي ڪاريہ ۾، ڪردارن ۾ جوش، تحرڪ (Movement) ايندو آهي ۽ ناٽڪ پڄاڙيءَ طرف تيزيءَ ۽ پوري جڪڙ پڪڙ سان وڌندو آهي." (پريم، 1993ع، ص، 56)

ان کان علاوه ان ڪهاڻي جو سچو دارومدار هن حصي تي اچي بيهي ٿو آخر ۾ حق کي ڪاميابي حاصل ٿئي ٿي ۽ ڪوڙو يا فريبي ڪردار ڪمزور ڏسبو آهي، حق جي فتح کي يقيني ٻڌايو ويندو آهي ۽ فريبي ڪردار کي مڪمل شڪست ملندي آهي، اهڙي پيش ٿيل ڳالهہ کي ئي تڪراءُ يا ڇڪتاڻ چيو ويندو آهي.



ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

## 8. عروج:

ڊرامي جي شروعات ٽريجڊي تي آڌاريل هجي يا ڪاميڊي تي، ٻنهي صورتن ۾ اڳتي هلي ڊرامو اهڙو رُخ اختيار ڪندو آهي جتي ڪو نه ڪو ڏکيو موڙ يا مسئلو اچي اٽڪي پوندو آهي ۽ ڏسندڙن يا پڙهندڙن عجيب ڪيفيت ۾ گرفتار ٿي پوندا آهن:

"The Climax is the culmination of a course of action, `the maximum disturbance of the equilibrium` the moment of the most intense strain, `the crisis of maximum and tension`" (Theodore W. Halen, Drama – Principles & Plays, 1967, A.C.C New York, P.P. 14)

اهڙي ريت اهو سڄو ڪم ڊراما نويس جو هوندو آهي ته هو ڪهڙيءَ ريت ڊرامي جي مونجهه وارو حصو پنهنجي پيش ڪيل يا لکيل ڊرامي جي عروج ڪان شروع ڪري ٿو يا پڄاڻي واري حصي ۾ پيش ڪري ٿو پر ان ڊرامي جي اصل ڳالهين جو مقصد يا ان ۾ انهن منجهيل مسئلن جي حل لاءِ ڪهڙا تدبيري اُپاءُ وٺي ٿو يا انهن منجهيل مسئلن کي ڪهڙي ريت سلجهائي پيش ڪري ٿو. ان سڄي مرحلي کي عروج چيو ويندو آهي. "پيچيدگي جنهن سيما تي اچي پهچندي آهي، انکي سيما - حد يا عروج چبو آهي، جت ناٽڪنويس کي چوٽ ڪرٽي هوندي آهي." (پريم، سال 1993ع، ص 56)

## 9. پڄاڻي:

پڄاڻي جو سڄو دارومدار وري عروج تي مشتمل هوندو آهي، جهڙيءَ ريت ڊرامه نويس عروج جي صورتحال ڳنڀير ۽ سنجيده نوع جي پيش ڪري ٿو ته ان جي ردوبدل ۾ انهن ڳنڀير صورتحال جي تدارڪ جا حل ڳولهي لهي ٿو ۽ ان کي چڱائي تي فوقيت ڏياري ٿو. اها ڊرامي جي پڄاڻي ئي ڪوٺي ويندي آهي اهڙي پيش ٿيل ڪهاڻي ۾ ان کي ڪهڙي جاءِ تي بيهاريو وڃي ٿو جنهن مان هڪ سٺي ڊرامه نويس جي لکت جو آزمودو طريقو ڏسي سگهبو آهي. جنهن سان هن جي علمي ۽ عملي لياقتن جو پتو پوندو آهي.

"(قصي جي پڄاڙي جو خاتمو) موضوع جي آخريت، پڄاڻي، نتيجو حاصلات ناٽڪ جي پڄاڙي آهي. هر ناٽڪ نويس پنهنجي سوچ ۽ موضوع جي تقاضا انوسار ناٽڪ جو انت آهي" (پريم، 1993ع، ص، 56)

پڄاڻي مان اندازو ٿيندو آهي ته ناٽڪ نويس پنهنجي لکيل ڊرامي کي سماج ۾ ڪهڙي حيثيت ڏياري سگهي ٿو يا سماجي حوالي سان ان جو پيش ٿيندڙ يا لکيل ڊرامو ڪهڙي مسئلي جي حل جي عڪاسي ڪري ٿو. اهڙي نوعيت واري صورتحال پيش ڪرڻ واري صورتحال کي پڄاڻي ڪوٺيو ويندو آهي، جنهن ۾ سڄي ڪهاڻي جو ڇيد ڪري ان آخري حصي ۾ ان جو نچوڙ ٻڌايو ويندو آهي ته ڏيکاريل ڪهاڻي يا لکيل ڪهاڻي جو شروعاتي سبب ڪهڙو هيو ۽ ڪهڙين ڳالهين سبب اهي پيش ٿيل سببن ۾ مونجهارو يا تضاد پيدا ٿيو وري انهن جي حل لاءِ ڪهڙن ڪردار وسيلي انهن مٿان فوقيت آندي وئي، يا انهن جي حل لاءِ ڪهڙن پاسن کان ان ڪهاڻي جو بچاءُ ڪيو ويو. اهڙي فني ڇيد کي ئي ڊرامي جي پڄاڻي ڪوٺيو ويندو آهي.


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانه... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

## ڊرامہ جا قسم:

ڊرامہ جي قسمن بابت هيٺ مختلف عالمن ۽ ليکڪن جا رايا پيش ڪجن ٿا. تنهن جي باوجود هتي ڊرامہ جي قسمن بابت مختلف نظرين جي اپٽار ۽ انهن جي افاديت بابت ڄاڻ شامل ڪجي ٿي. ڊرامہ جي اوج بابت بابت ڊاڪٽر حبيب الله مرزا هيٺين وصف بيان ڪئي آهي:

”جيئن جيئن وقت گذرندو ويو تيئن تيئن قديم يوناني ”سادي سودي ۽ سچي ڊراما“ ۾ نيون نيون شيون يا ڳالهيون شامل ڪيون ويون.“ (مرزا، 1983ع. ص 11)

ڊرامہ جو عنصر جذباتيت ڊرامہ جي گهرائي کي وڌيڪ اهم بڻائي ٿو. يوناني ڊرامن جي اوائلي ڪردارن ۾ اسان کي اهڙي قسم جي ادا ڪندڙن جو انگ جام ملي ٿو يا ان وقت جي ڊرامہ ۾ ادا ٿيندڙ اهڙن عنصرن جو رجحان وڌيڪ هوندو هو. تنهن کي سامهون رکندي ڪجھ اهڙا تجربا بہ ٿيا جن جي آڌار تي ڏسندڙ متاثر ٿيندا هئا. ان بعد ڊرامہ نويسن جي ڪيل تحقيقن جي مدنظر اڳتي هلي جيڪي ڊرامہ نويس پيدا ٿيا تن ڊرامہ جي شڪل کي تبديل ڪرڻ جا جتن ٿيندا رهيا ڊرامہ جي فني قسمن کي اڀياس ڪرڻ مان جيڪي مشاهدات اخذ ڪيا ويا آهن تن جو مختصر احوال هن ريت آهي:

”يوناني ڊرامہ جي هڪ خاصيت اها بہ آهي، جو ان جا ٻہ قسم آهن: هڪ ٽريجڊي (الميہ ڊرامو)۽ ٻيو ڪاميڊي (طربيہ ڊرامو)- ارسطوءَ جي مطابق هڪ الميہ ڊرامو سنجيده ماحول جي عڪاسي ٿو ڪري، ۽ هڪ طربيہ ڊرامو مزاحيہ ماحول جي. ساڳيءَ طرح سان هڪ- يعني الميہ ڊرامو- جي ٻولي سنجيده، گنڀير ۽ حڪمت ڀري رکي ويندي آهي، ٻئي يعني طربيہ جي ٻولي کل چرچي ۽ مزاح سان ڀريل هوندي آهي. نہ فقط ايترو پر الميہ ڊرامن جا ڪردار وڏا ماڻهو، شهزادا شهزاديون ۽ ٻيا اعليٰ مرتبت انسان رکيا ويندا آهن، ۽ مزاحيہ ڊرامن جا ڪردار هيٺئين درجي جا ماڻهو يعني ڪمي ڪاسبي ۽ هلڪي قسم جا انسان چونڊيا ويندا آهن.“ (مرزا 2009ع، ص 19)

ارسطو جي مقرر ڪيل ڊرامہ جي قسمن ۾ ٻہ قسم وڏي اهميت وارا آهن، جن جي وسيلي ڊرامہ جي ڏسندڙن کي ڪنهن بہ قسم جي ڪهاڻي يا قصي پيش ڪرڻ لاءِ وڏي جستجوءِ محنت سان اهڙي ڪهاڻي لکڻي پوندي آهي جنهن ۾ مڪمل طور انساني جذبن جي پرچار شامل هجي ۽ ان سان گڏوگڏ ڏسندڙن جي جذبن ۽ اُتساهہ کي پڻ ڇُهندڙ هجي چو تہ ان سان ڊراما نويس، ڊرامو ڏسندڙ يا ڊرامو پڙهندڙ هڪ جيترو مزو ماڻي سگهي. ان کان علاوه ڊرامہ جي اصلاحي پهلو کي اجاگر ڪرڻو پوي ٿو جنهن سان ڏسندڙن ۾ پنهنجو پاڻ ۾ تبديلي آڻڻ جهڙا آدرشي نظريا ڦٽي پون ٿا ۽ هو بہ ڊرامہ ۾ پيش ٿيل عارضي ڪردار کي پنهنجو پاڻ ۾ سمائي ڇڏيندو آهي سندس داخلي توڙي خارجي احساس ڪيس اهڙي حساسيت پيدا ڪن ٿا جو هو هر ڪردار کي پاڻ ۾ سمائڻ جا جتن ڪندو رهي ٿو:



www.sindhsalamat.com
ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

”ارسطوءَ ڊرامي کي زندگي جو نقل ڪوٺيو. ڇو جو جهڙيءَ طرح زندگي، خوشي ۽ غم سان تعلق رکي ٿي ساڳئي طرح داخلي طور ڊرامي جا ٻہ قسم سمجهيا ويندا هئا. يعني الميہ ۽ طربيہ ۽ ٻنهي جي نوعيت جي خبر ڊرامي جي پڇاڙيءَ وقت پوي ٿي. الميہ ڊرامي ۾ دردمندي، وحشت ۽ المناڪ واقعن جي ذريعي انساني هيجان جي عڪاس ڪئي وڃي ٿي. تنهن هوندي بہ ڪجهہ ڊرامن ۾ الميہ ۽ طربيہ جي فني امتزاج سان هڪ نئي صورتِ حال پڻ پيدا ڪئي ويندي آهي. مثال طور هڪ ٽريجڪ ناٽڪ جو آغاز ڪنهن خوشيءَ واري منظر سان بہ ڪري سگهجي ٿو يا وري اهڙي نوعيت واري واقعن کي پلاٽ جي وچ ۾ آڻي سگهجي ٿو. بهرحال اهو سڀ ڪجهہ لکندڙ جي سوچ ۽ اپروچ تي منحصر ٿئي ٿو تہ هو مخاطب ٿيندڙ (يعني سامعين،حاضرين يا ناظرين) کي ڪهڙي ريت متاثر ڪرڻ چاهي ٿو.“ (صديقي، 2009ع ص 205)

جهڙيءَ ريت انساني حيات ۾ ڄمڻ ۽ مرڻ وارو مرحلو صدين کان قائم ۽ دائم رهندو اچي ٿو ۽ تنهن کان علاوه انساني زندگيءَ سان گڏ سور، فراق، خوشي، غمي ۽ اهڙين ٻين ڪيفيتن جو بار بار ورجاءُ ٿيڻ بہ زندگي جو حصو ٿي رهيو آهي. اهڙيءَ ريت ڊرامو جو اصل مقصد پڻ اچي ان ئي منزل تي پنهنجو جنم مڪمل ڪري ٿو. ڊاڪٽر حبيب الله مرزا لکي ٿو تہ:

”يوناني ڊرامي جي هڪ خاصيت اها بہ آهي، جو ان جا ٻہ قسم آهن: هڪ ٽريجڊي (الميہ ڊرامو) ۽ ٻيو ڪاميڊي (طربيہ ڊرامو) ارسطو جي مطابق الميہ ڊرامو ڪل پوڳ واري ماحول جي ترجماني ڪري ٿو ان کان سواءِ الميہ ڊرامي جي ٻولي سنجيده، ڳنڀير ۽ حڪمت پري رک ويندي آهي. طربيہ ڊرامي جي ٻولي کل ڀرچڀي ۽ مزاح سان ڀريل هوندي آهي. نہ فقط ايترو پر الميہ ڊرامي جا ڪردار وڏا ماڻهو شهزادا، شهزاديون ۽ ٻيا اعليٰ مرتبت انسان رکيا ويندا آهن ۽ مزاحيہ ڊرامن جا ڪردار هيٺين درجي جا ماڻهو يعني ڪمي ڪاسبي ۽ هلڪي قسم جا انسان چونڊيا ويندا آهن.“ (مرزا 1966ع، ص، 13)

يوناني ڊرامي کي ٻن اهم حصن ۾ تقسيم ڪيو ويو هو جنهن جو هڪ حصو ”ٽرئجڊي“ الميہ ۽ ٻيو حصو ڪاميڊي ”طربيہ“ جي ذمري ۾ اچي ٿو الميہ ڊرامي جي پڇاڙي نهايت غم، رنج ۽ اهنج پري نظاري سان مڪمل ٿيندي نظر ايندو آهي ۽ ان جي برعڪس طربيہ ڊرامي واري حصي ۾ وري خوشگوار ۽ وڻندڙ فضا جو ماحول واري نظاري سان منظرڪشي پيدا ڪئي ويندي آهي مٿين ٻنهي منظرن جو ميل جول پڻ هڪ ئي ڊرامي ۾ ڏيکاري سگهجي ٿو. بعد ۾ اڳتي هلي ڪيترن ئي ڊرامن ۾ ٻنهي حصن کي گڏيل طور پڻ رکيو ويو:

”ناٽڪي فن جو مول متو آهي تہ ان ۾ ٻن ڌرين يا ٻن ويچارن جي وچ ۾ ’ڪشمڪش‘ ضروري رکيل هجي، جنهن ڪري ئي ناٽڪ جي دلچسپي وڌي ٿي، ان ڪشمڪش کي اثرائتو بنائڻ لاءِ هر ناٽڪ پنجن منزلن ۾ وراهيل ٿيندو آهي. پهرين ’اظهار‘ جنهن ۾ آڪاٽيءَ جو ارنڀ ڪيو ويندو آهي، مکيہ پاترن جي واقفيت ڪرائي ويندي آهي ۽ ڪشمڪش جو اشارو ڏنو ويندو آهي. ٻين منزل کي چئبو آهي ’چڙهندڙ‘ ڪارنامو جنهن ۾ ڪشمڪش وڌندي زوردار ٿيندي ويندي آهي. ٽين منزل آهي ’چوٽي‘ جنهن ۾ اها ٻن پاسن جي ڇڪتاڻ ڇيهہ تي پهچي ويندي آهي، جنهن ڪري هيءَ منزل ٻين سڀني کان دلڪش ٿيندي آهي. چوٿين منزل کي چون ’لهندڙ‘ڪارنامو


www.sindhsalamat.com
ڪتاب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

جنھن ۾ ڇڪتاڻ سلجھندي ويندي آھي ۽ اھڃاڻ پيا پوندا آھن تہ نتيجو ڇا ٿيندو آھي. پڇاڙيءَ واريءَ منزل کي چون 'خاتمو' جنھن ۾ ڪشمڪش جي دکدائڪ پڇاڙي ٿي ويندي آھي. تنھن کان علاوہ بہ ٻيون منزلون 'انتظار' جنھن موجب اھڙو ڪارنامو يا گفتگو رکيل ھوندي آھي جو پڙھندڙ يا ڏسندڙ جي اندر ۾ اڻ تڻ ٿي پوندي آھي تہ ھاڻي الائجي ڇا ٿيندو. ٻي 'تعجب'جنھن موجب ڪي اھڙا اوچتا واقعا ٿي پوندا آھن جن جو شڪ شبو بہ ڪو نہ ھوندو آھي. قديم ناٽڪ پنجن 'انڪن'يا فصلن ۾ وراھيل آھن. سو بہ ان ڪري جو ھرھڪ انڪ ۾ ھر ھڪ منزل الڳ آيل آھي. اڄ ڪلھ جڏھن ٽن يا ڇئن پاڱن وارا ناٽڪ لکجن ٿا تہ بہ منجھن اھي پنج منزلون ضرور ھونديون. فقط ڳولڻ مشڪل ٿي پوندو تہ ڪٿي ھڪڙي پوري ٿي ۽ ٻي شروع ٿي، پر استعمال ۾ ڏيان ڏيڻ سان اھو ڪم ڏکيو نہ آھي. ناٽڪ جو پڇاڙيءَ جو مول متو آھي ڪارنامي جي 'ايڪتا'جنھن موجب يا تہ ھڪڙو ئي مکيہ واقعو ڪٿجي، يا جي وندر وڌائڻ لاءِ ڪو ڇوٽو واقعو وجھجي تہ اھو بہ مکيہ واقعي سان ڳنڍيو پيو ھجي، ۽ نہ ڇنو ڌار ٿيو بيٺو ھجي." (ملڪاڻي 2007ع، ص 20،19)

## ٽرئجڊي ڊرامہ :

ڊرامہ جي ٽرئجڊي واري قسم کي غم زدہ حصو ڪوٺيو ويندو آھي، جنھن ۾ ڊرامہ جي شروعات غم کان ڪئي ويندي آھي يا ٻئي صورت ۾ ڊرامہ جي پڇاڙي ڳڀيرتا يا غم، روڄ راڙي، آزار پھچائيندڙ ڳالھہ، ڏنب ڏيندڙ واقعو يا ساڙ ۽ حسد ۾ اچي ڪنھن کان وير وٺڻ جھڙي قصي تي آڌاريل صورتحال ۾ ختم ٿيندي ڏيکاريو ويندو آھي. يا وري ان ۾ خاتمو ھيرو يا ھيروئن جھڙن ڪردارن جي تباھي ۽ بربادي يا موت تي ٿيندي ڏيکاريو ويندو آھي. اھڙي قسم جي ڊرامہ ۾ زندگي جي تلخ ۽ ڳنڀير قسم جي حقيقتن تان پردو کڻبو آھي. تہ اھڙي عنصر واري ڊرامہ جو قسم ٽرئجڊي ۾ شمار ڪيو ويندو آھي. ٽريجڊي يا ڳنڀيرتا جھڙي عنصر کي ھڪ پرڏيھي ليکڪ "والٽر ڪير" ٽرئجڊي ۽ ڪاميڊي بابت پنھنجي پيش ڪيل راءِ جي ھن طرح نشاندھي ڪئي آھي:

"شروعات ۾ ڊراما جا صرف بہ قسم ھئا. ڪيترن ِانھن کي ڪن جوڙجڪن سان ڳنڍيو پر آخر ۾ مذاق ٿي پيو! ڪاميڊي ۽ ٽريجڊي کي گھٽيئي دفعا ملايو ويو آھي پر ھنن ڪڏھن بہ پنھنجي ڪٽنب ۾ نئين فرد کي جنم ڪو نہ ڏنو آھي." (والٽر، 1968، ص 263)

ھن قسم جي ڊرامہ جو مقصد آھي ئي دکدائڪ ڪھاڻي بيان ڪرڻ تي. اھڙي ريت دکن جي نہ پڇاڙي آ... زندگي ۾ پساھ جيستائين حيات سان باقيات تائين گڏ آھن انسان ڏک ۽ سک جي امتزاجي ڪيفيتن مان گذري ٿو اھڙي ريت اوائلي دور کان وٺي فطرتي طور انسان توڙي جانور پنھنجي بقا لاءِ ھر مخالف سان ٻئي جنگ جوٽي ۽ پنھنجي بقا ۽ بچاءَ لاءِ اُڌارا ساھہ ٻئي ڪنيا.

يا جيڪر ڪٿي سنڌ جي تاريخ تي نظر وجھون ٿا تہ خبر پوندي تہ ان وقت جي املھ ھيرن جي پسمنظر مان پنھنجي ڌرتي جي بقا ۽ بچاءَ خاطر ڪيترن ئي حملي آورن سان منھن مقابل ٿيڻو پيو ھو ۽ ڪين ڪھڙي ريت ڏوکي سان اذيتن ۽ عذابن سان شھيد ڪيو ويو يا وري شاھہ سائين


ڪتب خانہ... وائس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

جي بيان ڪيل سورمن ۽ سورمين جي تمثيلي داستانن مان به هرهڪ ڪردار ۾ اسان کي فقط ٽرئجڊي وارا عنصر ٿي ملن ٿا:

”1. پلاٽ (Plot) 2. ڪردار (Character) 3. خيال (Thought) 4. عبارت (ٻولي) (Diction) 5. سنگيت (Music) 6. پردرشن (چٽو منظر نماءُ ڏيکاءُ چهچٽو) (Spectacle) “
(پرڪاش 1993ع، ص 29)

نه فقط ايترو پر حق ۽ سچ لاءِ عظيم انسانن هر وقت پئي پاڻ پتوڙيو آهي. يا وري ڏسجي ته پهرين عالمي جنگ لڳي ته ان ۾ ڪيترن جانين جو ذيان ٿيو ڪيترا ماڻهو مئا، ڪيترا رشتا ٽٽا، ڪيترن مائرن جي جهولي خالي ٿي ۽ ان جنگ ڪانپوءِ ڪيترن ئي غريب توڙي مسڪينن کان پنهنجو سهارو کسي ورتو. يا وري اجان به ڏنو وڃي ته جاپان جي علائقي هيروشيما تي ڪيرايل بم ۾ ڪيتريون جانيون ضايع ٿيون هيون. اهو سانحو انساني حياتيءَ جو ڪيترو نه دکدائڪ لمحه فڪريه آهي.

ان کان علاوه اسان جي روزمره جي زندگيءَ ۾ اهڙو واقعو اتفاقيه رونما ٿي پوندو آهي. جهڙوڪر: ڪنهن کي هارٽ اٽيڪ پوڻ، ڪارو ڪاري جي رسم هيٺ وڍ ٽڪ ڪرڻ، قبيلائي تڪرارن ۾ خون ريزي ٿيڻ، پلاند ۾ بي گناهه جانين جو ضايع ٿيڻ، ڪنهن جو واٽ ويندي ٽڪر ۾ موت ٿيڻ، ڪنهن انسان جو ننڍي ڳالهه تي قتل ٿيڻ وغيره اهڙي قسم جا ڪوڙسارا واقعا هر سماج ۾ رونما ٿيندا رهن ٿا تن واقعن تي آڌاريل ڪهاڻين کي ٽرئجڊي جي ذمري ۾ شمار ڪيو ويندو آهي.

## ميلو ڊرامه :

سنگيت ڊراما کي انگريزي ٻولي ۾ ميلو ڊراما کي جا سڃاڻپ ملي ٿي تنهن ۾ (Opera) ڪوٺيو ويندو آهي. هي ڊرامه جو اهو قسم آهي جنهن ۾ نثري ڳالهين سميت شاعري جو ميلاپ پڻ هوندو آهي. سنڌيءَ ۾ اهڙي ڊرامه جي قسم کي اسان سنگيت ڊرامه جي نالي سڏيون ٿا. تاريخي روشني ۾ هن ڊرامه جو قسم سڀ کان اول ملي ٿو هندستان توڙي يورپ ۾ ميلو ڊراما اڪثر ڪري مذهبي ڏڻن تي رچايا ويندا هئا. هندستان وارا پنهنجي ڌرمي ڏڻن خاص ڪري ٻيگت، گيتا، نوتڪي، ڳيچن، دوهيڙن کي سُر جي تال سان گڏوگڏ پنهنجي ڌرمي ڪهاڻين کي ماڻهن آڏو بيان ڪندا هئا ۽ يورپ ۾ وري انهن جو پايو جهر جهنگلن ۽ چراگاهن اندر مال چاريندڙ ٻڪرين ۽ رڍن جي سنياليندڙ چراواهن ڳيچ ڳائيندي، پنهنجي ڌرمي قصن کي ورجائيندي ان صنف کي هٿي ڏني. سنڌ ۾ هن صنف تي سڀ کان اول مرزا قليچ بيگ ”ليلان مجنون“ اوپيرا ناٽڪ ترجمو ڪري پايو وڌو ان کان پوءِ پين به ڪيترن ڊرامه نويسن هن صنف تي طبع آزمائي ڪئي، شيخ اياز پڻ اوپيرا ناٽڪن ۾ ”دودي سومري جو موت“، ”رني ڪوٽ جا ڌاڙيل“ ۽ ”ڀڳت سنگهه کي ڦاسي“ لکيا. هن صنف لاءِ ’هيٽلين‘ جي لفظن کي پيش ڪجي ٿو:

”ميلو ڊراما جو ڪنهن ساهتڪ پهلوءَ سان ڪو چاهه ڪونهي. قدم کڻڻ، تال لاءِ چالاڪ - سمجهه، آبهوا - حرڪت طرف حساس ۽ جنهن درشڪ لاءِ هو لکن ٿا اُنهن جو ويچارِ ان ۾ ڪهاڻي ٻڌائيندڙ ۽ تڪنيڪي جاڻو ڪاريگر هوندا آهن. ترڪ هنن کي ڪو نه ٿو ڇڪي جو


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانه... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ڪوئي ڪين. سندن لکيت لاءِ معتبري ڏي. هُو پنهنجن ڪردارن کي پڙڪائيندڙ حرڪتن سان گهيريل رکندا آهن. حقيقي پرشت پوميءَ جيِ استعمال سان هو سچ کي 'متيا' ۾ اُٽيل ڏيکاريندا آهن. پوشاڪ بلڪل برابر ۽ گفتگوءَ لاءِ بولي روزمره زندگيءَ جي چونڊيندا آهن. ناٽڪ جي عروج ۽ اوکي يا نازڪ پل کي ڪافي وڌاءُ ڏيندا آهن." (تيدور، 1967، ص 34-33)

سنگيت ڊراما بعد ۾ اڳتي هلي بادشاهي دربارن ۾ مروج پڻ ڪيو ويو جنهن ۾ خاص ڪري شهزادا ۽ شهزاديون ان ۾ ڪردار ادا ڪندا هيا. خاص ڪري درٻاري ڊرامه نويسن بادشاهه کي خوش ڪرڻ لاءِ اهڙي قسم جا ناٽڪ رچيندا هئا ۽ بادشاهه کان وڏ ۾ وڏ داد حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا:

"هندستان ۾ ڊراما جو وجود "ناٽڪ" ڳجي صورت ۾ قائم زماني کان موجود هو. پر پهريون سنگيت ڊراما وري ٻه هڪ فرانسيسيءَ جي معدفت اوڌ جي تاجدار واجد علي شاهه جي درٻار جي زينت بنيو. اُهو سنگيت ڊراما سنسڪرت زبان جو شاهڪار "اِندر سڀا" آهي. جنهن کي سيد آغا حسن علي "امانت" لکنويءَ سنه 1270هه مطابق 1853ع ۾ نظم ۾ جوڙيو ناٽڪ ساگر جو مصنف نورالاهي محمد عمرِان بابت لکي ٿو. "اوڌ جي واجد علي شاهه کي ڪير نه ٿو سڃاڻي؟ اُن وقت اُوڌ جي درٻار عيش عشرت جو مرڪز بڻيل هئي. سڀ درٻار جا مصائب ۽ خادم هڪڙيءَ ڌن ۾ مست هئا ته رنگيلي بادشاهه جي لاءِ ڪو تفريح جو سامان پيدا ڪجي.اُنهيءَ سلسلي ۾ هڪ فرانسيسي مقرب واجد علي شاهه جي سامهون مغربي ٿيٽر جو نقش پيش ڪيو. هيءَ اهو وقت هو جڏهن فرانس کان علاوه پوري يورپ ۾ اُوپيرا جو اثر پکڙيل هو. خيال ٿيو ته هندستاني قسم جو اوپيرا تيار ڪيو وڃي." (بلوچ ، 1986-87ع ص 94)

هندستان کان پوءِ سنڌ ۾ ٻه سنگيت ناٽڪ (ميلو ڊراما) پڻ ٿيندا رهيا آهن جن جا موضوع تاريخي پڻ هوندا هئا ۽ ان سان گڏوگڏ تهذيب، ثقافت ۽ مقبول ڪٿائن کي پڻ اهڙي قسم جي ڊرامه ۾ اهميت حاصل هوندي هئي:

"سنڌ جي سرحد هندستان جي جي جنهن صوبي سان ملي ٿي سو راجستان آهي. راجستان جا ماڻهو هندو ۽ مسلمان سنڌ جي مشرقي حصي ۾ - ٿرپارڪر ۽ اپرندي حيدرآباد ۾ ڪثرت سان آباد هوندا هئا ۽ بلڪ اجان تائين آباد آهن. انهن ۾ سندن (راجستان جي) بهادر نوجوانن نيڪ انسانن يا بادشاهن جي ثنا ۾ شعر گوئي ڪرڻ هڪ عام ۽ فطري ڳالهه آهي. جنهن جو مظاهرو هو خاص خاص موقعن تي ڪندا رهندا آهن. ان ثنا کي هو ڊرامائي انداز ۾ پيش ڪندا آهن. مثال طور اگر "امر سنگهه رانوڙ" جي ثنا ڪرڻ چاهيندا ته هڪ نوجوان کي "امر سنگهه" بنائي اسٽيج تي آڻيندا آهن. ٻئي کي ڪو ٻيو ڪردار ڏيندا آهن. هر ڪردار پنهنجيءَ زباني، پنهنجي ڳالهه ٻڌائيندو آهي: پنهنجو تعارف ڪرائيندو آهي. جو هو ڪوتا شاعري ۾ چوندو آهي. اُن سان گڏ سنگيت به شامل هوندو آهي. اُن ڪانپوءِ ٻيو ڪردار ساڳئي نموني ۾ ايندو آهي، ۽ سر سان ڪجهه چوندو آهي. ڏسڻ يا ٻڌڻ وارا انهن جي سريلي آواز تي ڪنڌ ڌوڻيندا آهن ۽ سادي ۽ پر لطف ڪوتا مان مزو وٺندا آهن. هن قسم جا تماشا، آزاديءَ کان اڳ، حيدرآباد جي شهر ۾ ڏاڍا گهڻا ٿيندا هئا. خاص وڏن ڏينهن تي يا تقريبن جي موقعن تي ٿيندا رهندا هئا. هن قسم جي تماشن کي "کيل" يا "راند"


ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ڪري سڏيندا هئا، انهن مان لطف اندوز به عموماً غير مسلم ماڻهو ئي ٿيندا هئا. ورلي ڪنهن مسلمان ڪي اهڙي ڪيل ڏسڻ جو موقعو مليو هوندو. هي ڪيل به ڏاڍي احترام سان ڏيکاريا ويندا آهن "ڀڳت" ۽ "ڪيل" ۾ فرق اهو آهي، جو ڀڳت سنڌي زبان ۾ ڳالهه ڪڻٽندو آهي، شاعري به نج سنڌي چوندو آهي ۽ ڪيل ۾ هڪ اداڪار "ٿري سنڌي" يا مارواڙي زبان ۾ شعر چوندو آهي. "ڪيل" ۾ نثر ۾ ڪو به بيان نه ڪيو ويندو آهي. انگريزي "اوپرا" تماشي وانگيان منجهس رڳي موسيقي (۽ شاعري) هوندي آهي." (مرزا، 1981ع، ص 16)

هندستان ۾ رچجندڙ اهڙن قسم جي ڊرامن سان گڏوگڏ سنڌ ۾ پڻ هن قسم جي سنگيت ناٽڪن جو رواج تمام آڳاٽو آهي. جهڙي ريت گرنار جي راجا راءِ ڏياچ ٻيجل جي سرندي سُر ۾ پاڻ ڪوئي پنهنجو سر وڍائي ويهي رهي ٿو ته اهڙي ريت تان سين اڪبر بادشاهه جي دربار جو مشهور گويو اهڙيون مڌر راڳڻيون ڇاڻندو هو سندس سُر ۾ ايڏي ته قوت هوندي هئي جو سندس ڳائڻ سان ئي مينهن وسڻ شروع ٿي پوندو هو اهڙي ريت قديم يوناني ڏند ڪٿائن واري قصن مان پڻ اهڙي قسم جي ڳالهه هن ريت آهي ته. سائرن نالي پرين جي راڳ ۾ اهڙو ته تاثير هوندو هو جوجيڪر ڪو واٽهڙو ان علائقي يا پاسي کان گذر ڪندو هو ته سندس من ڪي ايتري ته راحت ملندي هئي جو پاڻ کي بلڪل بي وس سمجهندو هو. شيخ اياز جا سنگيت ناٽڪ جهڙوڪ "دودي سومري جو موت"، رني ڪوٽ جا ڌاڙيل" ۽ "ڀڳت سنگهه کي ڦاسي" مشهور آهن.

## ڪاميڊي ڊرامه :

هن قسم جي ڊرامه کي انگريزي ۾ ڪاميڊي ۽ سنڌي ۾ مزاحيه ناٽڪ چيو ويندو آهي. هن قسم جي ڊرامه ۾ مزاح ڀرپور طريقي سان شامل ڪئي ويندي آهي ته جيئن ڏسندڙ ان مان مڪمل طور تي پيش ٿيل مزاح مان لطف محسوس ڪري سگهي ۽ ان ڊرامه جي ڪهاڻي ۾ سماجي طور اوڻاين جي نشاندهي به برقرار رکي سگهجي. جيڪا مڪمل طور انساني اصلاح لاءِ فائديمند ثابت ٿئي ٿي. هن قسم جا ڊراما اڪثر ڪري ڏسندڙن ۾ ٺهڪڙو مچائي وجهندا آهن ۽ ڏسندڙن جي مسرت جهڙن پلن مهيا ڪرڻ جو سبب بڻجندا آهن. رڳو غم جي حالت بيان ڪرڻ واري تاثر مان به ڏسندڙ جلد ئي بيزار ٿي پوندا آهن. پر ان هوندي به هن قسم جي ڊرامه ۾ ڪجهه حد تائين ٽرئجڊي کي پڻ ڪٿي ڪٿي شامل ڪيو ويندو آهي ته جيئن هڪ ئي وقت ڏسندڙ ٻنهي ڳالهين مان سبق پرائي سگهي. ان ڪري اهڙي قسم جو ڊرامو ڏسندڙ کي ڪجهه لمحا خوشيءَ جا ملندا آهن ته ڪٿي ور ڪيس رنج ۽ غم وارا واقعا نظر ايندا آهن. ان سان گڏوگڏ سندن سوچن ۽ دماغي چسڪي جو لطف پڻ بدلجندو رهندو آهي:

"ڪن مزاحيه ناٽڪن ۾ شروع کان وٺي چرچو گهبو شروع ٿيندو آهي ۽ سارو وقت مسخري چرچو لڳو پيو هوندو آهي. پر ڪن ۾ وري شروعات ۾ گنڀير معاملا پيش ٿيل هوندا آهن ۽ وقتا وقتا کلائيندڙ نظارا يا گفتگو هوندي آهي.پر آخر ۾ نتيجو خوشگوار ٿيندو آهي.."(شاهواڻي، ص 70)

گهڻن ماڻهن کي مزاح پسند هوندي آهي ته گهڻن کي وري ڏک ڀريا منظر وڏيڪ پرسُڪون ڪندڙ هوندا آهن، ۽ ٻين کي وري مزاحيه ۽ الميه جي گاڏڙ قسم جي منظرن جو هڪ ئي وقت ڏسڻ

۾ مزو ايندو آهي. جهڙوڪ پيرومل مهر چند جو ”ٻزارين جو ناٽڪ“، نانڪرام ڏرمداس جو ”چٽ نہ چمات“، ليکراج عزيز جو ”مسٽر مجنون“، ڄيٺانندناگراڻي جا ”فسادي ڦوڪٽو“، ”گامتو ٻئريسٽر“، ۽ ”گامتو ڊاڪٽر“ جهڙا مزاحيہ ناٽڪ ان ڏس ۾ رهنمائي ڪن ٿا. اهڙي ريت وري نئين ڊرامہ نويسن ڪي سکيا جي روشنيءَ ۾ عالمن ۽ اديبن جا پيش ڪيل رايا بہ ڊرامہ جي فن بابت تمام اهميت جا حامل آهن. سنڌن تاريخي تحقيقن مان ورتل ڪوجنا ۽ ڊرامن تي ڪيل تحقيقن ۽ لکيل ڊرامن جي روشنيءَ ۾ لاياتا ثابت ٿيندا آهن. اصل ۾ ناٽڪي فن جو مول متي ۾ ٻن ڌرين جي ٽڪراءَ جو سبب هجڻ تمام ضروري آهي. ان ٽڪراءَ سبب ئي ڏسندڙن جي ناٽڪ ۾ دلچسپي وڌي ٿي.

## فارس ڊرامہ:

هن قسم جي ڊرامہ کي انگريزي ۾ فارس ڪوٺيو ويندو آهي. ۽ سنڌي ۾ هن ڊرامہ جي قسم کي پارس ناٽڪ ڪري ڪوٺيو ويندو آهي ۽ هن ڊرامہ ۾ لڳ پڳ ڪل ۽ مزاح جو عنصر تمام گهڻو ملندو آهي. جهڙي ريت ڳنڀير ناٽڪ جو ميل ميلوڊراما آهي، اهڙيءَ ريت مزاحيہ ناٽڪ جو ميل وري پارس ناٽڪ کي سمجهيو ويندو آهي. 'فارس' لاءِ 'هيلٽين' لکيو آهي:

”لڳ ڀڳ جئن ٽرئجڊيءَ جو ميل (Counter part) ميلو ڊراما آهي، تيئن ڪاميڊيءَ جو ميل پارس آهي. 'فارس' ناٽڪ ۾ وندر جو تمام گهڻو مشهور قسم آهي. مراد صرف وندرائڻ، کلائڻ، خوش ڪرڻ، لڳاتار ۽ بنا ڪنهن نهر جي ٺهڪ ڏيارڻ. 'فارس' جو ڪنهن سنديش ڏيڻ سان خير ڪو واسطو ٿو رهي، نہ ئي آهي اُهي ڪنهن گنڀير سوچ جي تقاضا جو ڏيکاءُ ڪن ٿا.“ (هيلٽن، 1967، ص 52)

درحقيقت فارس ڪلائينڊز ڪاميڊيءَ جو بگڙيل روپ آهي، جنهن ۾ گهٽ درجي واري کل بہ هوندي آهي تہ گفتگو ۾ وڏاءُ پڻ هوندو آهي.

## ڊرامي:

هن ناٽڪ کي ڊرامي جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. هن ڊرامہ جو اصل مقصد ٽرئجڊي جي همجنس رشتي جي نوعيت جهڙو ٿيندو آهي. هي قسم ڊرامہ جي مختلف جزن کي پاڻ ۾ ملائڻ وارو ڪم بہ ڏيندو آهي. ان سلسلي جي نسبت سان'هيلٽين' لکيو آهي:

”هي وچئين طبقي جي ماڻهن لاءِ وچئين طبقي جا ناٽڪ آهن. جيڪي اڄڪلهہ جي ماڻهن کي سندس رواجي حالتن اندر پيش ڪن ٿا. هن ڊراما ۾ گهڻين ئي قسم جي لڪٽين جو هڪ ئي مهل مرڪب ملي ٿو. 'تناءُ ۽ انتظار پيدا ڪري ڪردار سان سچاٽپ ڪرائڻ' ۾ اُهو ميلو ڊراما جي هم - جنس آهي، تہ 'سوچ کي چيڙي ۽ پردو ڪرڻ ڪانپوءِ ماڻهن ۾ بحث ڪرائڻ' جي خيال کان اُهو ميلو ڊراما کان جدا ٿي بيهي ٿو. سنديش جي گنڀيرتا. ورتاءُ ۾ بي - ترس سچائي ۽ انسان جي سڀاءُ جي معنيٰ سان واسطو رکڻ ڪري هي ناٽڪ. 'ٽرئجڊي' جا هم -جنس آهن. تہ درشتيءَ جي ڪوتاهي، هميشہ وستوءَ تي زور، عارضي يا مڪاني حالتن تي بيٺل هئڻ ڪري، جوعالمگيريت ۽ ملهن لاءِ انڪاري ٿو متي ڪٽڻ جي ڪوتاهي ڪري- هي ناٽڪ ٽرئجڊيءَ کان جدا پون ٿا“. (هيلٽن، 1967، ص 52)



ڪتب خانہ...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

خاص ڪري تناءُ ۽ انتظار واري منزل سان سلهاڙيل ٿئي ٿو ۽ ان سان گڏوگڏ هن ڊرامي جي لڪٽين ۾ پڻ هڪ قسم جوئي مرڪب استعمال ٿيندو آهي. ڊرامي جي ڪهاڻي اهڙي ته پيرايي ۾ بيان ڪئي ويندي آهي جو ڊرامو ڏسندڙ کي هڪ حد تائين بحث ڪرڻ جي گنجائش ملي پوي ٿي. شروعات کان وٺي زندگي جي انهيءَ سموري سفر ۾ ادب ۽ لطيف فن انسان جي لاءِ خوشي جو باعث رهيا آهن. انسان پنهنجي روحانيت ۽ جماليتي دلچسپي جي تاثير خاطر ادب ۽ لطيف فنن جو تخليقار آهي. خوشي ۽ سڪون حاصل ڪرڻ انساني فطرت جو اڻ ٽوٽ حصو آهن. اها هڪ حقيقت آهي ته هر انسان پنهنجي صلاحيتن، سوچن ۽ عملن ۾ هڪ ٻئي کان مختلف آهي، تنهن ڪري هر انسان جي سڪون ۽ خوشي جي تعريف سندس وجود تي منحصر آهي، عام طور خوشي بابت ائين ڪٿي چئجي ته خوشي اُها آهي جنهن سان آٿت ۽ اتساهه ملي. اصل ۾ اها انسان جي فطري ڪشش ۽ تشنگي آهي. جيڪا عام انساني خواهشن کان تمام مٿاهين ۽ پاڪ ٿئي ٿي، هو ته چاهيندي به اعفي لافاني ڪشش ڏانهن پاڻ ڇڪائي ٿو جتي دماغي توازن ڪجهه وقت لاءِ معطل ٿيو وڃي ۽ دل جي نار تي ڏيان يڪ طرفو رهي ٿو. فطرت ۽ قدرت جي هزارين رنگن مان اثر انداز ٿي انسان اعفي جذي هيٺ پنهنجي پرورش ۽ روحاني غذا جو جواز پاڻ ڳولي لڌو. انهي ڪري انسان زندگي جي اڻ هضم تلخين ۽ پيچيدن پنڌن مان واحد ٿي ادب ۽ فنون لطيف سهاري زنده رهندو آيو. هن فطرت جي عڪاسي ڪئي ۽ خدا جي ڏنل نعمتن مان احساس و جذبي جي آذار تي تخليق جي بزم گاهه ۾ پاڻ کي آماجگاهه ڪيو. هن پنهنجي جوهرن جي وسيلي ڪيترائي تجربا ۽ مشاهدا تڪميل تي پهچائي، نتيجي ۾ ضرب المثال شاهڪار ڏيئي، انساني جيوت کي حيرت ۾ وجهي، اتساهه جو روح ڦوڪي ڇڏيو.


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

## حوالا


1. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر- سنڌي ڊرامن جي روشنيءَ ۾ سنڌي سماج جو مطالعو- مهراڻ رسالو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، - ص 55، سال 1987 ع
2. ايضا-سنڌي ٻولي جو اڀياس- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، - ص 244، سال 1987 ع
3. بلوچ، غلام رسول، ڊاڪٽر - سنڌي سنگيت ڊراما، تحقيقي مقالو ٽماهي سنڌي ادب، ص، 94، سال 1986-87 ع.
4. پرويز، اطهر- ڊرامہ کا فن، ص، 2 نقوش: مارچ 1963 ع
5. پنهور، محمد يوسف- سنڌي ناٽڪ جي تاريخ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، ص-12- 1992 ع
6. ايضا ، ص- 11
7. پريم، پرڪاش- سنڌي ناٽڪ جي اوسر: 1880 -1980 ع تائين، انڊين انسٽيوٽ آف سنڌالاجي ،ص -29- سال - 1993 ع
8. ايضا ، ص 29
9. ايضا
10. ايضا ، ص 58
11. ايضا
12. ايضا
13. ايضا ، ص 57
14. شاهواڻي، غلام محمد - ادبي اصول (ڀاڱو ٻيو)، ص 70. ايچ احمد اينڊ برادرس، پبلشرس بڪسيلرس، شاهي بازار، حيدرآباد، سنڌ.
15. ايضا ، ص 48-49
16. شورام، ڊاڪٽر ۽ گوڪاڪر ستاڪر، ڊاڪٽر - ناٽڪ اوُر رنگ منچ، ص 65، سال 1979 ع.
17. صديقي، غلام حيدر- ننڍي کنڊ ۾ ڊرامي جي تاريخ، ص 206- سال 2009 ع
18. ايضا ، ص27
19. ايضا ، ص- 207
20. ايضا ، ص11- 12
21. ايضا ، ص-205-206
22. ايضا ، ص-205
23. ايضا ، ص-22
24. ايضا ، ص-21-22
25. ايضا ، ص-22-23
26. قاضي، خادم- جديد ڊراما، ڪينجهر سنڌي شعبو سنڌيونيورسٽي- ص- 73، سال 1978 ع
27. مرزا حبيب الله، ڊاڪٽر- سنڌي ڊراما جي مختصر تاريخ ۽ ڊراما جي اوسر، مقالو: ٽماهي سنڌي ادب - ص 11 نومبر 1981 ع
28. ايضا
29. ايضا ، ص 12



ڪتب خانہ...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

30ايضا ً، ص 10-11
31ايضا ً، ص 13
32. ملڪاڻي، منگهارام پروفيسر- ادبي اصول، سنڌي ڪتاب گهر- حيدرآباد، سنڌ، ص-19-20، سال 2007 ع
33ايضا ً، ص19-20
34ايضا ً، ص- 18
35. منگي، صفي اختر، سنڌيڪار: ٿيئٽر جي تاريخ، سنڌ چهون ڪتاب سنڌ اسٽڊي سينٽر حيدرآباد- ص- 218، سال 1992 ع
36ايضا ً، ص- 217
37. ايضا ً
38ايضا ً، ص- 218
39. ميمڻ، پروين موسيٰ- سنڌي نثر جي ڪن صنفن جو اڀياس، ص383، ايچ اي سي پرنٽنگ پريس اسلام آباد، پاڪستان، سال 2008 ع
40. ايضا ً
41. عباسي، محمد احمد منصور- سنڌيڪار- تهذيبن جي عالمي تاريخ، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي- ص-139، سال 2005 ع
42ايضا ً، ص 9
43ايضا ً، ص- 117- 118
44ايضا ً، ص- 118
45. هڪڙو، انور فگار - شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو- انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، سنڌ- ص- 494 سال 2009 ع
46. ايضا ً
47. ايضا ً
48ايضا ً، ص- 496

49. Theodore W.Hatlen, `Drama: Principles & Plays` 1967, Appleton- Century- Cropts, New York. P-26.
50. Walter Kerr, “Tragedy and Comedy, 1968, Simon & Schuster P-263
51. Ibid, P.P. 14
52. Theodore Hatlen, Drama: Principles & Plays, 1967, Appleton Century Cropts, New York P-33 , 34
53. Theodore Hatlen, Drama: Principles & Plays, 1967, Appleton Century Cropts, New Yok P-52
54. Ibid, P-52


ڪتاب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

باب پيون

# سنڌي ڊرامي جي ارتقائي تاريخ

يونان ۽ يورپ جي تهذيبن کان پوءِ هندستان جو تاريخي نوعيت تمام آڳاٽي ليکي ويندي آهي ۽ ان تهذيبن سان گڏوگڏ وري سنڌ جي بڻ بنياد تمام پراڻو آهي. موهن جي دڙي منجهان مليل اهڃاڻن مان پروڙ پوي ٿي تہ هي خطو تمام آڳاٽو ۽ شاندار ماضيءَ سان واڳيل رهيو آهي. هن خطي ۾ پڻ تاريخي نوعيت جا ڪيترائي ڪارناما مطالعاتي طور ملن ٿا. پر افسوس جهڙي ڳالهہ اها بہ آهي تہ آڳاٽي سنڌ بابت تحريري تاريخ ڪان اڳ واري ڪا بہ مستند معلومات اسان کي دستاويزي يا قلمي صورت ۾ نہ ملي سگهي آهي. موهن جي دڙي مان لڌل جيڪي اکرن واريون مهرون ۽ ناچڻيءَ جي مجسمي کان علاوه چند ٻيون شيون تاريخي محرڪات جا نشان سمجهيا ويندا آهن. جيتوڻيڪ عربن جي سنڌ مٿان ڪاهہ ڪرڻ واري دور کان پوءِ جيڪي چند ڪتاب لکيا ويا تن مان ڪجهہ حد تائين اهو معلوم ٿي سگهيو هو تہ سنڌي ٻولي ان دور ۾ ڪجهہ حد تائين ڳالهائي ۽ لکي ويندي هئي. پر مستند طور تي ان جي الفابيٽ جو ڪو مستند نسخو نہ ٿو ملي. جنهن جي آڌار تي اسان اها تاريخي دعوا ڪري سگهون ۽ انهي دور ۾ ڪجهہ سيني در سيني جيڪي روايتون وڏڙن کان هلنديون اچن انهن تي ئي استفادو رهجي ويو پر ڪن محققن جي موجب تہ اوائلي دور ۾ عرب جڏهن سنڌ تي قبضو ڪري ورتو تہ ان دور جي بادشاهن پنهنجي تاريخ نويسن جي آڌار تي سنڌ جون ڪجهہ تاريخي نوعيت جهڙيون ڳالهيون رقم ڪرايون هيون جيڪي اڄ تائين عربي ۽ فارسي ڪتابن ۾ دستياب آهن. ٻيو تاريخي مثال آهي سو سنڌي ٻولي جي ارتقا جي سلسلي ۾ سو عرب سياحن، جاگرافيدانن، مورخن ۽ محققن محفوظ ڪيو آهي، جن موجب تہ سنڌ ۾ اسلام آباد ٿيڻ کان اڳ جا پڪا پختا ثبوت پڻ ملن ٿا:

”اسلامي حڪومت جي ابتدائي دور ۾، ڪيترائي سياح ۽ جاگرافيدان سنڌ ۾ آيا. انهن جي سفرنامن ۾ نہ فقط سنڌي ثقافت، وڻج واپار، علم ادب، فنون لطيفہ ۽ ٻين ڳالهين کي لکت ۾ ثبوت طور پيش ڪيو آهي، پر انهن سفرنامن مان سنڌي ٻوليءَ ۽ اُن لاءِ ڪم ايندڙ رسم الخطن جي باري ۾ پڻ احوال ملي ٿو. انهن رسم الخطن جي نالن مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ اسلام جي اچڻ کان اڳ، سنڌ ۾، سنڌي زبان روزانہ زندگيءَ جي وهنوار جو خاص وسيلو هئي.“ (الانا 2006ع ص 53)

سنڌ جي آڳاٽي ماڳن مان ملندڙ انيڪ شين مان بہ سنڌو تهذيب جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. برهمڻ آباد، آمريءَ جي دڙي، ڪوٽ ڏجي، هڙپا ڪاهوءَ جي دڙي سڏيرن جي ٿل مان لڌل سامان جي تاريخي مطالعي ۽ ٻيئور مان ملندڙ ٺڪرين جا اهڃاڻ ان تاريخي تسلسل جي گواهي پيش ڪن ٿا. عرب سياحن پڻ سنڌ جي تاريخ جو ذڪر ڪن ٿا. سندن چوڻ موجب تہ سنڌ جي


ڪتاب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

تهذيب تمام آڳاٽي آهي. جيتوڻيڪ عربن سنڌ کي 712ع ۾ فتح ڪيو هو. ان دور ۾ پڻ سنڌي علم ۽ ادب کي پڻ تمام گهڻي هٿي ملي. جن مان چند ڪتاب هن ريت آهن. فتوح البلدان، تاريخ يعقوبي، تاريخ طبري، الڪامل في التاريخ ۽ فتح النامہ سنڌ عرف چچ نامو هڪ نثري ڪتاب جنهن جو نالو "چچنامو" هو جيڪو آڳاٽي دور ۾ عربي زبان تي آڌاريل هوندو هو ۽ بعد ۾ سنڌ جي تاريخ "فتحنامي" يا "بيت الحڪمت" ۾ شامل ڪيو ويو هيو اهي سڀ ڪتاب سنڌ جي تاريخ کي بيان ڪن ٿا. هن دور ۾ عرب حڪمرانن جو سنڌ جي رهاڪن سان تمام ويجهڙا سماجي تعلقات رهيا جنهن سبب عربي ٻولي ۾ پڻ سنڌي لفظ رائج ٿيا ۽ ان سان گڏ سنڌي ٻوليءَ تي پڻ عربي ٻولي جو تمام گهرو اثر پيو ان ڪري بہ سنڌيءَ ٻولي ۾ پڻ عربي ٻولي جا لفظ عام جام ملن ٿا. ان دور کان اڳ بہ سنڌ جو وڻج واپار تمام خطن ۾ مشهور هوندو هو هڪ مثال پڻ اهو ملي ٿو تہ نبي ڪريم صلعم جن جي دور ۾ ڪنهن سنڌي ماڻهو پاڻ ڪريم صہ جن کي اجرڪ (ازرق) تحفي طور ڏنو هو. ان دور ۾ سنڌ شناسي ۽ هند شناسي جو پڻ هڪ‍ٻئي سان تمام گهڻو اثر ملي ٿو اهڙي ريت عباسي خلافت جي دور ۾ سنڌ جي قديم شهر برهمڻ آباد تي المنصوره جو نالو رکيو ويو هن دور سنڌ جو علائقو ملتان پڻ علمي ۽ ادبي سرگرمين جو اعليٰ مرڪز رهيو. عرب دور ۾ السنڌ کي صوبي جي گادي جي هنڌ جو درجو پڻ مليو. هن دور ۾ تمام وڏا نيم حڪيم ۽ عالم حديث جي حافظن، واپارين ۽ ٻين گهڻن فنن ۽ هنرن ۾ تمام گهڻا سنڌي موجود هئا. تنهن کان پوءِ جيڪي فارسي ۾ سنڌ جي تاريخ تي ڪتاب لکيا ويا تن ۾ تاريخ معصومي، تاريخ ٺٽہ، يعني تاريخ طاهري، بيگلارنامہ، مظهر شاهجهاني، حديقة الاولياء، تحفة الطاهري، تذڪرالمراد، مثنوي چنيسر نامو مثنوي حسن و ناز، تحفة الڪرام، ۽ مڪلي نامہ شامل آهن. عربن جي دور کان پوءِ سومرن جي دور ۾ پڻ سنڌي ادب کي تمام گهڻي اهميت حاصل ٿي. هن دور ۾ جيڪو سنڌي عالمن، محققن ۽ عظيم شاعرن جا ڪيترائي نسخا پڻ ملن ٿا. سنڌي ٻولي ۾ جيڪو اعليٰ ڪم آهي اهو قرآن مجيد جو سنڌي ۾ ترجمو ڪندڙ نثر جو جهونو نمونو آخوند عزيزالله ڪيو هو. تنهن کان علاوه سنڌ جي تاريخ ۾ جيڪي تاريخي دور ملن ٿا اهي هن ريت آهن. عربن جو دور حڪومت (712کان 1010ع) سومرن جو دور حڪومت (1010 کان 1351ع)، ارغونن، ترخانن ۽ سمن جو دور حڪومت )1351 کان 1555ع(، ڪلهوڙن جو دور حڪومت (1690ع کان 1782ع( ٽالپرن جو دور حڪومت (1783ع کان 1843ع( انگريزن جو دور حڪومت(1843ع کان 1947ع( ۽ )1947ع کان موجوده دور( شامل آهن. ان مٿين سڀني دورن ۾ سنڌي ادب جي تمام گهڻي تاريخي اهميت رهي آهي:

"سنڌ تي ٽالپرن 1783ع کان وٺي 1843ع تائين لڳ ڀڳ سٺ سال حڪومت ڪئي، ان سڄي عرصي دوران ٽالپرن جي ڪل ڇهن حڪمرانن مير مراد علي (1783ع- 1802ع) مير غلام علي خان (1802ع-1811ع) ميرڪرم علي خان (18011ع-1828ع) مير فتح علي (1811ع-1828ع) مير مراد علي (1828ع- 1832ع) مير نور محمد خان (1832ع- 1840ع) ۽ مير محمد نصير خان (1840ع-1843ع) ترتيبوار سنڌ تي راڄ ڪيو." (شيدائي، 2000ع، ص 378.)


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

اهڙيءَ ريت هندستان ۽ يورپ جي تاريخ کان پوءِ سنڌ جي تاريخي اهميت جو ذڪر تمام آڳاٽو سمجهيو ويندو آهي. اجان بہ ڏنو وڃي تہ جڏهن عرب دور حڪومت ۾ عباسين جي حڪومت هئي تنهن وقت بہ جهڙيءَ ريت يونان ۽ يورپ جي ڊرامن ۾ ڌرمي خيالن ۽ سال جي موسمن جي ڦيرگهير دوران مختلف موقعن تي مختلف قسمن جي روايتن جو اثر رهندو آيو ۽ انهن روايتن جي نوعيت موجب سنڌن ثقافتي طور جشنن ۽ خوشي واري موقعن تي سنڌن ملهايل موقعن تي مختلف ڪيلن جو نماءُ ڪيو ويندو هو ۽ جنهن ۾ پڻ دلچسپ قصن ۽ ڪهاڻين جي پرچار پئي هلي اهڙيءَ ريت هندستان ۾ پڻ ساڳئي ريت اهڙا ئي اثر ملن ٿا, هندستان جي هڪ هندو راجا نالي وڪرماجيت جي دور ۾ تمام وڏي پيماني تي ڊرامن/ ناٽڪن کيڏڻ جو رواج عام ٿيو.

هن دور ۾ جيڪي قديم ناٽڪ پيش ٿيا سي نہ رڳو فني ۽ پيشگي جي انداز ۾ تمام اعليٰ هئا پر ان تي تمام گهڻي لاڳت ٿيندي هئي ۽ ڏسندڙ کي ايتري تہ اچرج ۾ وجهي ڇڏيندا هئا جنهن جو ڪو بہ اندازو نہ ٿو لڳائي سگهجي. ان جي ڀيٽ ۾ قديم يوناني ڊرامن تي تمام گهٽ خرچ ڪيو ويندو هو۽ اهو تمام سادي سودي طريقي سان پيش ٿيندو هو:

"قديم هندستاني ڊرامن ۾ ڪيترائي ڪردار شامل هوندا هئا. موسيقيءَ جو اهتمام پڻ رکيو ويندو هو. هيرو هيروئن (نائڪ ۽ نائيڪا) بہ هوندا هئا, تہ اعليٰ سينريءَ جو اهتمام بہ رکيو ويندو هو. وڏي ڳالهہ تہ گفتگوءَ جا اهي سڀ انداز ان ۾ شامل هئا. جي يورپ وارن گهڻو پوءِ اختيار ڪيا هئا. مثال طور "پاسيرو ڳالهائڻ" (اسائيڊ, يا پنهنجو پاڻ پنهنجي ڪيفيت بيان ڪرڻ (سوليلاڪي) بہ اهڙن ڊرامن جي خصوصيت هئي. ٿورن لفظن ۾ تہ قديم هندستاني ڊراما, "فن" جي لحاظ کان انهن سڀني لطافتن سان مالامال هوندا هئا. جي دور جديد جي يورپي ڊرامن ۾ موجود هجن. بلڪ انهن )قديم هندستاني ناٽڪن( کي تقدس ۽ احترام جي نظرن سان ڏٺو ويندو هو۽ ان جو ڏسڻ يا ان کي ڪري ڏيکارڻ, هندن جي عقيدي موجب, عبادت ۾ شمار هوندو هو. قديم هندستاني ڊراما نويسيءَ جي ميدان ۾ ڪمال ترقي ڪري چڪو هو" (مرزا , 1981ع, ص 14)

هندستان ۾ رچيل ناٽڪن کي موقعي ۽ محل جي نزاڪت سان ننڍي پيماني يا وڏي پيماني طور پيش ٿيندڙ ڊرامن ۾ اڪثر جنگي ڪهاڻين ۽ سرتال, مڪالما, ديوتائن کي پيٽا طور ملهايا ويندڙ اهي ڏينهن مسرتن جي گهڙين کي جنم ڏيندا هئا. هندستان مان مليل چئن ويدن جي تمثيلي قصن کي پڻ هند واسين ۾ تمام گهڻي مقبوليت حاصل رهي آهي. هند ۾ پڳت جهڙي صنف کي پڻ مڪالمي ۽ موسيقي جي گڏيل امتزاج طور کيڏيو ويندو هو. انهن اڪثر ڌرمي قصن ۾ دسهري جي مقدس ڏهاڙي کي وري سري رامچندر, هنومان ذريعي راوڻ کي شڪست جهڙا ناٽڪ رچندا هئا.

هن قسم جي ڊرامہ ۾ اڪثر بدي کي نيڪي مٿان فتح ڪري ملهائڻ جو منظر پيش ٿيندو آهي, اهڙيءَ ريت وري هوليءَ جي مقدس ڏينهن تي دشت هرناڪس جو انت ٿئي ٿو. انهن ڊرامن جو سچو مقصد مذهبي رواجن کي هٿي ڏيڻ هوندو هو. اهڙي ريت معلوم ٿئي ٿو تہ ڊرامن جو رواج هند ۽ سنڌ ۾ پڻ صدين کان جاري رهندو اچي.


www.sindhsalamat.com
ڪتاب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

”هن سلسلي ۾ بين ديومالائي روايتن کان علاوه اڍائي هزار سال قبل مسيح ۾ تخليق ٿيندڙ هندن جو مقدس ڪتاب رگ ويد هڪ مستند حوالي طور آڏو اچي ٿو جنهن ۾ موجوده دوشيزائن جي مذهبي نوعيت جي ناچ، پراسرار ڇُرپر ۽ حرڪتن جي روايتن، پچن جا سرتال ۽ مڪالما، ديوتائن جي دلچسپ قصن ۽ ڪهاڻين جي چاشني کي هندستاني ڊرامہ جي اڳواٽي ڪندڙ عنصر چئي سگهجي ٿو. ائين انهن اشارن مان اهو انومان ڪڍي سگهجي ٿو تہ هن علائقي ۾ آرين جي اچڻ کان اڳ ڊرامہ جا مختلف عنصر، مڪمل طور هڪ صورت ۾ نہ سهي، پر بي ترتيب ۽ وکريل حالت ۾ عوامي سطح تي ضرور موجود هئا. اندازو لڳايو ويو آهي تہ مذهبي رسمن کان علاوه تفريح وقت ۽ نيم سماجي تقريبن ۾ ناچ، راڳ، ڊرامائي مڪالما ۽ سازن جو استعمال هن زماني ۾ عام هئو.“ (صديقي،ص 22-23)

هندستان جي تاريخ بہ ”ڊرامہ“ جي پسمنظر جاچڻ ۾ تمام اهم ڪردار ادا ڪري ٿي، هند جي تاريخ ۾ ”ڊرامہ“ جي عنصر جو باقاعده تفصيلي جائزو پڻ وڏي اهميت جو حامل آهي، اوائلي تاريخ ۾ ”ڊرامہ“ جي عنصر جو ڦهلاءُ مذهبي ۽ عوامي سجاڳيءَ جي تسلسل جي ڪڙي رهيو آهي، ان جو هڪ مثال هيٺ پيش ڪجي ٿو:

”قديم هندستان ۾، مهاراجا وڪرماجيت جي زماني ۾، ڊرامہ جي صنف پنهنجي عروج تي هوندي هئي، ان دور ۾ دنيا جو هڪ عظيم ڊرامانويس ۽ شاعر هن براعظم ۾ پيدا ٿيو هو جنهن کي هندستان جي ڊرامانويسن جو بادشاهہ ڪري چون ٿا. اها مشهور شخصيت ’ڪوي ڪاليداس‘ جي نالي سان ياد ڪئي وڃي ٿي. جنهن جو مشهور ڊرامو يا ناٽڪ ’شڪنتلا‘ اڄ بہ دنيا جي بهترين ڊرامن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. ’شڪنتلا‘ جو ترجمو دنيا جي هر وڏي ۽ وسيع ٻوليءَ ۾ ملي ٿو. ڪاليداس جو ٻيو ڊرامو ’ميگ دوت‘ يا ’ڪڪر قاصد‘ آهي. هي ٻئي ڊراما براعظم هندستان جي تاريخ ۾ سڀ کان پراڻا ۽ سڀ کان اعليٰ ناٽڪ سڏجن ٿا.“ (مرزا، 1981ع، ص 14)

هندستان جي پسمنظر جاچڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ’ڊرامہ‘ جهڙي عنصر جو رواج ٻين قومن ۽ تهذيبن تي پڻ پيو جنهن مان ٻين تهذيبن اهڙي نقالي واري عمل وسيلي پنهنجي سماجي اوٽاين ۽ مذهبي پرچارڪ جي نموني کي پيش ڪرڻ لاءِ ڊرامو رچائيندا هئا ۽ ان سان پنهنجي عوام کي هڪ قسم جو درس پڻ مهيا ڪندا هئا.

انهن صنفن ۾ سانگ جيڪو موسيقي يا شاعري تي آڌاريل هجي ٿو تنهن کي پڻ ڊرامائي صورت ۾ پيش ڪيو ويندو هو. سانگ، ’راڳ‘ ۽ ٻين لوڪ ناٽڪي روپن تي لکندي سيد امتياز علي تاج فرمائي ٿو:

”سانگ رچائڻ، راڳ رقص جا هي قديمي اهڃاڻ ناٽڪ جي ٽن مکيہ نمونن، حڪايتي ناٽڪ، منظوم يا راڳ- ناٽڪ (Opera) ۽ نرتيہ يا ناچ ناٽڪ (Ballet) جي شروعاتي دؤر سان گهڻي قدر مشابهت رکن ٿا. تنهن کان سواءِ هن نقطي کي وڌيڪ تقويت قديم سنسڪرتي ناٽڪ مان پڻ ملي ٿي، جنهن ۾ هٿن ۽ جسم جي ٻين عضون سان لفظن جي معنيٰ مناسب نرت (ناچ) يا چرپر سان اسٽيج تي ادا ڪئي ويندي هئي.“ (تاج، 1969ع، ص70)


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ان ڏس ۾ مذهبي عقيدن ڪي هٿي ملي، نه فقط اهو پر اوائلي لوڪ قصن کي پڻ اهميت ڏني وئي. اهڙي ريت سماج ۾ ملهائجندڙ ٻين خوشي ۽ غمي وارن رسمن کي پڻ اتساهه مليو. جنهن وسيلي خانه بدوش خاندانن جو گذر بسر پڻ ڊرامه جي ناٽڪي ڪردارن وسيلي ڪمائي جو ذريعو پڻ ٿيڻ لڳو هو. مير محمد نظاماڻيءَ موجب ته:

”اڳئين زماني ۾ هوليءَ جي موقعي تي هندو سانگ ڪيندا هئا. ۽ ڏياريءَ جي موقعي تي وري رام ليلائون ۽ سانوڻ جي مند ۾ راس ليلائون ڪيڻ جو رواج هو. شادين جي موقعي تي سانگ ٺهندا هئا، اهڙيءَ طرح سان آهستي آهستي اهڙن موقعن تي عام ماڻهن جي دلچسپي وڌندي ويئي. انهيءَ ڪانسواءِ پتيلن جي ڪيل، جنهن جو هندستان ۾ عام رواج هو سو پڻ سنڌ ۾ آهستي آهستي پکڙجڻ لڳو. ڪيترين ئي خانه بدوش هندستاني هندن جون ٽوليون ڳوٺ ڳوٺ ۽ شهر شهر ۾ پتيلن جو ڊانس (Puppet Dance) ڪري ڏيکاريندڀون هيون. جنهن پڻ سنڌ ۾ ڊراما جي اوسر کي ڪافي هٿي ڏني. ڪٺ پتلين جو آحوال سڀ کان پهرين ”مهاڀارت“ ۾ ملي ٿو. جنهن ۾ پتلي کي ’پنجالي‘ چيو ويو آهي، انهيءَ کيل جي ڏيکاريندڙ کي ’سوترڌار‘ چئبو آهي.“ (نظاماڻي 1966ع، ص 69-70)

اهڙيءَ ريت سنڌ ۾ پڻ ناٽڪ جو رواج پيو ۽ سنڌ جي لوڪ داستانن کي عوامي قصن ۽ لوڪ شاعري هٿي ملي جنهن جا اڪثر ناٽڪ سانگ طور ملهائجندڙ ڪردار پڻ موسيقي جي ذريعي انهن لوڪ داستاني قصن کي اهڙي ريت پيش ڪيو ويندو آهي جو ڏسندڙ کي محسوس ٿيندو آهي ته اها ڪا پراڻو قصو يا ڪهاڻي نه بلڪ هن وقت ڏسجندڙ لڳي رهي هوندي آهي. سانگ واري انداز کي نبي بخش خان بلوچ هن ريت ٿو بيان ڪري:

”ليلا چنيسر جو داستان پيش ڪرڻ وقت فنڪار قصي کي سانگ واري سٽاءِ (ڊرامائي انداز) ۾ پيش ڪندو آهي. يعني ڳائيندڙ اداڪاري ۽ ڳائڻ ذريعي ٻولن کي ائين پيش ڪندو آهي جو ڄڻ ليلا پاڻ چئي (ڳائي يا ڳالهائي) رهي آهي“ (بلوچ، 1978ع، ص 268.)

قديم راڳن جي صنفن جهڙوڪ: قصا ڳائڻ (سنڌ ۾ پيٽ فقير هاڻ به ڪيترن هنڌن تي مشهور لوڪ داستان- دودو چنيسر ۽ ليلا- ڪورو ڳائيندا رهن ٿا) ڏس ۽ بيان وارين ڪافيون ڳائڻ ۽ ناچ ۽ ٻڳتن سان حاضرين کي وندرائڻ يا وري سانگ (سانگ رچائڻ جو تمام جهونو نمونو آهي، جيڪو سنڌ ۾ هاڻ به موجود آهي). رچائي ننڍا نقل پيش ڪرڻ سنڌ جي شروعاتي محفلن جا رنگ هوندا هئا ان ڏس ۾ ڊاڪٽر حبيب الله مرزا چوي ٿو:

”اِن جو جواب سنڌ ملڪ جي قديم باشندن جي مذهبي ڏڻن ۽ وڏن ڏينهن ملهائڻ وارين ريتن- رسمن ۾ ملي ٿو. سنڌ جا اصلوڪا باشندا غير مسلم هئا. اسين انهن کي هندو سڏيون ٿا. اُهي ماڻهو ڏياري، هولي، دسهري، ۽ اهڙين ٻين ڏڻن يا موقعن تي، مذهبي نوعيت جا ڊراما ناٽڪ يا تماشا ڪندا رهندا هئا. جن ۾ موقعي جي نزاڪت کي آڏو رکي، ننڍي يا وڏي پيماني تي ڪري ڏيکاريندا هئا. مثال طورم جيڪڏهن دسهري جو ڏينهن هوندو هو ته سري رام چندر ۽ راوڻ جي لڙائيءَ جو منظر ڏيکاريندا هئا. جنهن ۾ سري رامچندر، هنومان جي مدد سان، راوڻ کي شڪست


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانه... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ڏئي مات ڪري ٿو ۽ سيتا ماتا کي حاصل ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح سان 'سچ جي جئي ۽ پاپ جي ڪئي' ٿئي ٿي." (مرزا، 1981ع، ص 14)

هن ناٽڪن ۾ پيش ٿيندڙ ڪردار پنهنجي هٿن جي اشارن، پنهنجي اداڪاري ۽ ڊرامي ۾ پيش ٿيندڙ قصن کي ڳائڻ ۽ نقالي واري عمل وسيلي اهڙو ته خوبصورت طريقي سان پيش ڪندا هئا جو ڏسندڙن کي اهو قصو تازو پيو لڳندو هو عمل نه فقط جسماني طور ٿئي ٿو پر ان جو اثر ذهنيءَ صلاحيتن سان پڻ لاڳاپو رکي ٿو. هر ناٽڪ ۾ ڪهاڻي هڪ حصي کان ٻئي حصي تائين سفر ڪندي رهندي آهي نه ته جيڪر اهو سفر ڪٿي رڪاوٽ جو سبب بڻيو ته سمجهو اهو سفر هڪ هنڌ بيهي رهندو آهي. جنهن سان ڊرامو ڪمزور ليکيو ويندو. ان ڏس ۾ محمد يوسف پنهور لکي ٿو:

"جيڪي ڳائيندي وقت قصي ۾ بيان ٿيندڙ ڪردار جي اداڪاري، هٿن جيِ اشارن ۽ آواز جي لاهن چاڙهن سان ڪئي ويجي ٿي." (پنهور، 2010ع، ص11)

سنڌ ۾ وري ڊرامي جي اوسر ۽ ارتقا جا اهڃاڻ انگريزن جي دور حڪومت مان ملن ٿا. هن دور ۾ سنڌ جي ڪيترن ئي ڊرامه نويسن ۾ ترجمو توڙي اصلوڪن ڊرامن لکڻ جو رواج عام ٿيو ۽ سنڌ ۾ ڪيترين ئي ناٽڪ منڊلين پڻ برپا ٿيڻ شروع ٿيون جنهن ڪري سنڌ ۾ پڻ ڊرامه جهڙي ادبي صنف عروج ماٺيو.

سنڌي ناٽڪ ۾ پنهنجي ادبي مڃتا رکندڙ مشهور هستي شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ کي تسليم ڪيو ويندو آهي. سندس پهريون ڊرامو "ليلان مجنون" پڻ پاڻ لکي ڊرامه نويسي جهڙي صنف کي هٿي ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيو. تنهن کان پوءِ ٻيو ڊرامو 1880ع ۾ نالي "خورشيد" لکيائين، هي ڊرامو پڻ گجراتي ڊرامه جو ترجمو ليکيو ويندو آهي. تنهن کان پوءِ 1894ع ۾ "گل بڪاولي"، 1896ع ۾ "نورجهان ۽ جهانگير" ۽ 1897ع ۾ "نادر شاهه" سڪر جي هريسنگهه پاران ڇپائي پڌرو ڪيا ويا هئا. تنهن کان علاوه مرزا قليچ بيگ جا ٻيا به ڪيترائي ڊراما سنڌ جي ناٽڪ منڊلين تي پيش ڪيا ۽ پڻ ڪتابي صورت ۾ ڇپايا ويا هئا. جن جو مختصر ذڪر هيٺين باب ۾ پيش ڪيو ويندو. تنهن کان علاوه سنڌي ڊرامه نويسن ۾ ڪوڙومل چندنمل هو 1888ع ۾ هن جو هڪ ڊرامو نالي "رتناولي" هيو جيڪو شيڪسپيئر جي ڊرامه تان ترجمو ٿيل آهي. سندس اصلوڪي ڊرامه ۾ "سنگ جو پرسنگ" جيڪو هن 1905ع ڌاري لکيو هو. تنهن ڪانپوءِ ٻيا به ڪيترائي ڊرامه نويس هن دور ۾ سنڌي ناٽڪ تي طبع آزمائي ڪندا رهيا. جن ۾ ليلارام وطڻ مل ڪجهه ڊراما ترجمو ۽ ڪيترائي ڊراما اصلوڪا پڻ لکيا. اصلوڪن ڊرامن ۾ "موهن ڪارتا 1897ع"، ۽ "سورج راڻا 1908ع" ڌاري لکيا تن ڊرامن کان علاوه ٻيا به لکيل اٿس. 1897ع ۾ سنڌ جي ڊرامه نويس ڏيئو مل گاگنمل راماڻي تان "رام بنواس" پيش ٿيو. چاندومل کتري، (مهجور ۽ جندر، منوهر ۽ موهني)، ديوان ناڪرداس (چندراولي)، ڪشنچند بيوس (خوبصورت بلا ۽ منوهر نانگڻ)، آغا حشر (بلوا منگل)، راجا هريش (دروپدي پرت پوڄارڻ ۽ هار جيت)، لعلچند امر ڏني مل (پارت ڇاوا، سيٺ ڪي ويڙ، لک ڏيڍ ڪي لت، نقد ڌرم ۽ سوديش) پيش ٿيا، خانچند درياڻي (گلاب جو گل ۽ موتئي جي مکڙي)، نانڪرام (پتي شيوا)، خانچند درياڻي (ملڪ جا مدبر،


ڪتب خانه... وانس ايپ لائبريري (گروپ ايڊ من: امير عدنان 03337516944)

فريبي فتنو، نيڪ انجام، رتنا، بليدان، پريم پڳتي، پريم پريڪشا، جيئري تي جيئري، زميندارِي ظلم ۽ انسان ڪي شيطان، مايا جو انڌ، بک هو شڪار ۽ زماني جي لهر) لکيا. ليلارام ماکيجاڻي (دنيا دورنگي ۽ پريمي پتنگ) لکيا. ياڳ سنگ (گماني گهمسان)، منگهارام ملڪاڻي (قسمت، ايڪتا جو آلاپ ۽ ڪن جي خطا) لکيا. غلام علي چاڳلا (خوني) ۽ آغا غلام نبي (دنيا دورنگي) لکيا. تنهن کان علاوه ٻيا ڪيترائي ڊراما لکيا ۽ اسٽيج ڪيا ويا جن ۾طوفان، رڃ، رستم، زليخا، رٿ ياترا، راٺو پرتاب سنگهه، تيلي مان ٽنپ، اما ۽ ونايڪ، پنگتي مقدمو، پاپ جو ڪيتو، سئبريڪا جو پيش پوڻ، چترا، ضعيف انسان، دل ۽ دماغ، ماتا جي ممتا، وڪيل، سيتا بنواس، شانتا، مڪت ڊارا، بدنصيب ٽري، ڪرشن سڏامو ايمينيو شهنشاهه اڪبر، خورشيد، اسلام تي مقدمو ڊاڪٽر، نجومي، شاهدي، اسلام تي مقدمو هئڊورجن بم کان پوءِ، ڪلندي ڪلندي مري ويو ڪمدار، اڪبر جي حياتي جو هڪ ڏينهن، ٽپال گهر، چوڙيلڻ، موسم ۽ محبت، روپ ٻهروپ، عجيب شادي، پڙاڏو سو سڏ، اداس پاڇا، پنرويدام، موت ۽ فاصلو منزل، دريا خان، وئي وهامي رات، رني ڪوٽ جا ڊاڙيل، آخري رات، دودي سومري جو موت پاڇا ۽ پڙلاءَ ۽ گلور جو سير پيش ٿيا ان کان علاوه موجوده دور ۾ پڻ هر روز سنڌي ڊراما ريڊيو ۽ ٽي ويءَ جر مختلف چينلن تان پيش ٿيندا رهن ٿا.

يونان کان وٺي يورپ ۽ يورپ کان پوءِ هندستان ۾ پڻ ڊراما کي عروج مليو تنهن سان گڏوگڏ چين ۽ انگلستان ۾ پڻ هن صنف ڏينهون ڏينهن ترقي ڪندي سنڌ ۾ اجاگر ٿي. اوائلي دور کان وٺي انساني فطرت کي سمجهڻ جا ڪيترائي جتن ڪيا، عجيب و غريب حيرت ۾ وجهندڙ ڪيترائي خيال هن جي ذهن ۾ اُڀريا... انسان خيالن تي عمل ڪيو آهي. انهن خيالن انسان جي تاريخ کي ٺاهي چڏيو آهي. انسان جي اها تاريخ اڻ ڪٿ واقعن جو تسلسل آهي. ڪهاڻي جي شروعات جي لاءِ انسان جي تاريخ جي واقعن مان ڪو به هڪ واقعو افسانوي ادب جي شروعات ٿي سگهي ٿو. پوءِ اهو واقعو خواهه قدرتي هجي يا انساني طاقت ۽ جذبي جو نتيجو. اهو واقعو ڪنهن به ريت غير حقيقي ٿي نه ٿو سگهي ڇو ته واقعي کان سواءِ ڪنهن ڳالهه جو بنياد جڙي نٿو سگهي. لوڪ ڪهاڻين ۾ اهڙا ڪيترائي مثال ۽ ڪردار روايتي تمثيل ۾ ڏنل هوندا آهن. وقت گذرڻ سان انهن ڪهاڻين ۾ خيالن جي گونا گوني ۽ فني خوبين جي حسناڪي پيدا ٿي آهي. تنهنڪري حقيقي ڪردارن سان گڏوگڏ غير حقيقي ڪردارن کي به شامل ڪري اُن ۾ معنيٰ جا موتي پوئي هدايتي انداز اختيار ڪيو ويو آهي. باز ڪهاڻيون يا آکاڻيون اهڙيون آهن جن ۾ رڳو غير حقيقي ڪردار جهڙوڪ: وڻ، ٽڻ، جانور، پٿر، پهاڙ يعني فطرت ۾ سمايل هر شيءِ اچي وڃي ٿي. اهي ڪردار هو بهو ماڻهو وانگر ڳالهائن ٿا. آکاڻيون انساني سوچ جي ترقي جوپ ڪارڻ آهن، جنهن ۾ سکيا ۽ تربيت سان گڏوگڏ وندر ۽ ورنهه جو سامان ڪنو ڪري، ناصحانه پيشڪش ۾ آندو ويو آهي. آکاڻيون تصورات تي جريل معلوم ٿينديون. آکاڻي جي ڀيٽ ڪهاڻي اجا به قديم آهي. ڪهاڻي ۾ حقيقي ڪردارن سان گڏوگڏ مافوق الفطرت ڪردار جهڙوڪ: جن، ڀوت، پريون، ديو راڪاس، ڏائڻيون. خير و شر جي تميز ڪرڻ سان گڏوگڏ انساني وهم ۽ وسوسن


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانہ...واٹس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

تي آڌارڪ آهي.هن علم ڪي عملي ڪارڪردگيءَ جي نقالي طور نالو ڏنو ويو. منگهارام ملڪاڻي صاحب لکي ٿو ته:

”عيسوي سنه کان صديون اڳ چين، هندستان ۽ يونان ڏاري توڙي انگلستان ۾ ڏرمي ناٽڪ (Miracle & Mystery Plays) شروع ٿي چڪا هئا.“ (ملڪاڻي، 1968ع، ص 116)

ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته سنڌ خطو تمام ترقي پذير خطن ۾ ليکيو ويندو آهي، ان ڳالهه جي ڪا به گنجائش ناهي ته سنڌ خطو ڪو اڻ سڌريل ۽ پنهنجي تهذيبي ساک کان ڪو گهٽ آهي. سنڌ ۾ پڻ ڪيترن ئي لوڪ داستان، آکاڻين ۽ سورمن جي ڪٿائن مان اسان کي اهڙي روشن ماضي جي خبر پوي ٿي جنهن ۾ نه رڳو ادبي صنفن کي اجاگر ڪيو ويو پر ان سان گڏ ڊرامه جي صنف کي پڻ تمام گهڻي هٿي ملي. موهن جي تاريخي دڙي مان ملندڙ ناچڻيءَ کان علاوه ٻيا ڪيترائي نوادرات انهي تاريخي پسمنظر جي گواهي ڏين ٿا. نه فقط موهن جي دڙي مان ملندڙ مهرن مان ڪي اکر يا نشانيون ۽ وڌ ۾ وڌ هڪ به جملا سنڌي ٻوليءَ سان مشابهت رکندڙ سمجهيا ويا آهن. ڪاهوءَ جو دڙو ۽ ٻيا ڪيترائي مشهور ماڳ اسان جي هن خطي جي عڪاسي ڪن ٿا. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر حبيب الله مرزا لکي ٿو ته:

”اِن ۾ ڪو شڪ ناهي ته اسان جي تهذيب ۽ اسان جي تمدن جا آثار اِئين ضرور ٻڌائي رهيا آهن ته سنڌ دنيا جي قديم ترين سڌريل ملڪن مان هڪ آهي، سو سنڌ ۾ قديم زماني کان ڊراما جهڙي اعليٰ ادبي صنف جو وجود نه هجي،اِها ڳالهه تقريباً ناممڪن آهي.“ (مرزا، 1981ع، ص 11)

موهن جي دڙي جي آڳاٽي تهذيب ۽ تمدن جي ترقي يافته ثبوتن کي دنيا جي ڪهڙي به قوت ان اعليٰ مقام درجي رکندڙ خطي کان انڪاري نه آهي، بلڪ اهڙي نوادرات ملڻ سان هن خطي کي جيڪا عزت ۽ مان مرتبو مليو تنهن جو دنيا ۾ مثال ملڻ مشڪل آهي، سنڌو قديم ثقافتي ۽ تمدني خطو رهيو آهي ۽ هن خطي ۾ امن و يڪايچاري جا ڪيترائي مثال ملن ٿا. ان ڏس ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ موهن جي دڙي مان ملندڙ ’نرتڪي‘ جي مجسمي کي سنڌ ڌرتي جي قديم ڪلچر جو لاڳاپو هن ريت ٻڌيو وڃي ٿو:

”موهن جي دڙي واري تهذيب ۽ تمدن جي نشانين مان هٿ آيل نرتڪي ۽ ٻين مجسمن مان فن جي شعبي جي تخميني ۽ ٻنيور جي ڪوتائيءَ مان هٿ آيل، ٺڪرن جي برتنن مٿان رقص ڪندڙ جوڙن جون چٽساليون گواهه آهن ته راڳ ۽ رقص سنڌوماترِيءَ جي قديم زماني ۾ هو.“ (بلوچ، سال 1978ع، ص 1)

يونان ، يورپ، چائنا، فرانس ۽ هندستان کان پوءِ سنڌ ۾ به مختلف ناٽڪ منڊلين جو قيام برپا ٿيو. جنهن وسيلي سڄي سنڌ جي اسڪول منڊلين ۾ ڊراما لکيا ۽ پيش ڪيا ويندا هئا.


ڪتب خانہ...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

## حوالا

1. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر- سنڌي ٻولي جي ارتقا، ص، 53، سال 2006ع، سنڌ لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد، سنڌ پاڪستان.
2. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر - سنڌي مؤسيقي جي مختصر تاريخ، ص 268، سال 1978ع شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، حيدرآباد سنڌ.
3. ايضا ً، ص 1
4. پنهور، محمد يوسف ڊاڪٽر- سنڌي ناٽڪ هڪ صدي، ص 11، مهراڻ آرٽس ڪائونسل، حيدرآباد.
5. سيد، امتياز علي تاج: بمبئيءَ جو ابتدائي اردو ڊرامو خورشيد، ص 70، سال 1969ع مجلس ترقي ادب، لاهور.
6. شيدائي، مولائي رحيمداد خان- سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ص- 378، سال 2000ع
7. صديقي، غلام حيدر- ننڍي کنڊ ۾ ڊرامه جي تاريخ، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ ص- 22-23، سال
8. مرزا، حبيب الله، ڊاڪٽر- سنڌي ڊراما جي مختصر تاريخ ۽ ڊراما جي اوسر- ٽماهي سنڌي ادب، ص- 14، سال نومبر 1981ع
9. ايضا ً، ص- 14
10. ايضا ً
11. ايضا ً
12. ملڪاڻي، منگهارام- سنڌي نثر جي تاريخ، ڪونج پبليڪيشن بمبئي، ص- 116، سال 1968ع
13. نظاماڻي، مير محمد، نظاماڻي، نور محمد - سنڌي ڊراما، ص 69-70، سال 1966ع حيدرآباد.


ڪتاب خانه...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

## باب ٽيون

# سنڌ جي ناٽڪ منڊلين تي پيش ڪيل ڊرامن جو مختصر جائزو

سنڌي ناٽڪن تي اثر پڻ انگريزي ٻولي تان پيو ڇو جو ابتدائي طور تي جيڪي سنڌي ڊراما پيش ٿيندا رهيا سي اڪثر ڪري انگريزي ٻولي ۽ ٻين ٻولين تان ورتا ويا هئا: ”انگريزي دور جي ابتدا ۾ ئي سنڌي ادب ۾ حقيقت نگاريءَ جي تحريڪ پيدا ٿي چڪي هئي، سڌارڪ ۽ نيم ڌرمي تحريڪون ان جو خاص سبب هيون، جن عوامي زندگيءَ تي اڻ مٽ اثر ڇڏيا.“ (عرساڻي 1984ع، ص 50)

جيئن ته 17 فيبروري 1843ع تي سنڌ جي حڪمران ٽالپرن سان انگريزن جي مياڻي جي هنڌ تي جنگ لڳي ۽ ان جنگ ۾ انگريز فتحياب ٿي سنڌ تي ديرودمائي ويٺا، ۽ جلد ئي وري 24 مارچ 1843ع تي مير شير محمد کي پڻ سنڌس ساٿين سميت ڊبي واري جنگ ۾ هارايو ويو. جنهن کان پوءِ سموري سنڌ تي باضابطہ طور انگريز راڄ نافذ ٿيو. اهڙيءَ ريت شروعاتي طور تي انگريز حڪومت کي ڪجهه عرصو انتظامي طور گذرڻ بعد مڪمل طور تي ڪنٽرول ۽ دفتري ڪم ڪار 1843 کان پارسي ٻولي ۾ ٿيندو رهيو جيڪو سلسلو پورا 9 سالن تائين جاري رهيو ۽ 1851ع ۾ سر بارٽل فريئر جو سنڌ ۾ ڪمشنر ٿيڻ جي اچڻ تمام خوش بخت ڳالهه ثابت ٿي، 1845ع ڌاري بمبئيءَ جي بورڊ آف ايجوڪيشن، سنڌ ۾ ايجوڪيشن ايجنسي ناهڻ جو ڪم ڪنيو. سنڌ جي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن پنهنجي صوبي ۾ سنڌي ٻولي کي مادري ٻولي جي حيثيت وڻائي ۽ سنڌ صوبي جو سمورو دفتري ڪم ڪار سنڌي ٻولي ۾ ڪرڻ جو حڪم نامو بمبئي جي گورنر جنرل سرجارج ڪلرڪ طرفان 1848ع ۾ باقاعده نافذ ڪرڻ جو حڪم ڏنو. اهڙي حڪم نامي ڪانپوءِ صوبي جي سموري دفترن ۾ سنڌي ۾ لک پڙهڻ جو ڪم شروع ٿي ويو. اهڙي ريت 1857ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل فريئر پاران هڪ حڪم نامو سنڌ جي سرڪاري ملازمن لاءِ جاري ڪيو ويو جنهن ۾ ان حڪم موجب ته سڀ کان اول سرڪاري عملدارن کي سنڌي ٻولي جو امتحان پاس ڪرڻ جو لازمي شرط رکيو ويو. جلد ئي 1853ع ۾ سنڌي ٻولي جي صورتخطي جڙي راس ٿي ۽ ان صورتخطي جي راس ٿيڻ بعد سنڌي ٻولي کي تمام گهڻو فائدو پهتو. سنڌي ٻوليءَ جو سمورو علم و ادب کان سواءِ تصنيف ۽ تاليف جو ڪم سنڌي ٻولي ۾ لکجڻ شروع ٿيو جنهن ۾ ڪيترائي ڪتاب ٻين ٻولين تان ترجمي ڪري پڻ لکيا ويا. تنهن کان علاوه فلسفو سائنس، موسيقي، پيمائشي ڪتاب، حسابن جا ڪتاب، لوڪ آکاڻين جا ڪتاب، ادبيات، ديني، لوڪ قصن جا ڪتاب، درسي ڪتاب، ٻاراڻا گيتن جا ڪتاب، ڊرامن جا ڪتاب ترجمو شاعري جا ڪتاب، تنقيدي ادب ۽ شاهه جو رسالو جڙي راس ٿيا. اهڙيءَ ريت جلد ئي سنڌ ۾

تعليم جو بنياد بهتر نموني وڌو ويو ۽ تعليمي سرگرمين ۾ هوشيار شاگردن کي انعام و اڪرام سان پڻ نوازيو ويندو هو:

”انهيءَ سلسلي ۾جيڪي شروعاتي ڪتاب، تعليمي مقصدن لاءِ تيار ڪيا ويا تن ۾ 1853ع ۾ تاريخ معصومي جو فارسيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ننديرام ميرچنداڻيءَ جو ايسپ جون ڪهاڻيون انگريزي مان ترجمو ننديران ۽ ايلس جو هندوستان جي تاريخ اردو مان ترجمو قاضي غلام علي جو 1855ع ۾ سڌاتورو ۽ ڪڌاتورو هندي ناول سبودي ڪبودي جو ترجمو ۽ هندي ڪتاب نظام شمسي جو ترجمو آڪاسي نروار ميران محمد شاهه اول جو دنيا جي تاريخ اردو مان ترجمو اڌارام جو، 1981ع ڪولمبس جي تاريخ انگريزي مان ترجمو ڪوڙو مل ڪلناڻي جو ۽ انگلستان جي تاريخ ترجمو واڌو مل، 1863ع ۾ فوجداري قانون يعني انڊين پينل ڪوڊ جو انگريزي مان ترجموهاسارام جو، 1868ع ۾ راسيلاس، جانسن جي انگريزي ڪتاب پرنس آف ائبسينيا جو ترجمو اڌارام ۽ ساڌو نولراءِ جو، انگلنڊ جي تاريخ ترجمو پريداس جو قابل ذڪر آهن. ان دور کان پوءِ اسان کي گهڻي تعداد ۾ ناول ناٽڪ ۽ سماجي ۽ پختگي مسئلن بابت پيا ڪتاب ملن ٿا. آخوند لطف الله (1842ع-1920ع) هنديءَ ۾ مرزا رجب علي بيگ سرور جي لکيل داستان ’فسانه عجائب‘ جو سنڌي ترجمو ’گل خندان‘، جي نالي سان ڪيو. سڄو قصو مقفيٰ ۽ مسجع نثر ۾ آهي. ديوان ڪوڙيمل 1888ع ۾ ’رتناولي‘ ناٽڪ جو سنڌي ترجمو ڪيو. اصل ناٽڪ ٻارهين صديءَ ۾ سنسڪرت ۾ ڪشمير جي راجا شري هرش ديو لکيو هو. پروفيسر صاحب سنگهه شهاڻي (1868-1930ع) ميئر آف ڪاسٽر برج جي پلاٽ تي سٽيل ناول ’بلو ڪوڪر‘ لکيو جنهن جا ڪردار ۽ ماحول ديسي آهن.“ (خالد، 1977ع، ص 55)

شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ (1853ع-1929ع) جو نالو سيني معتبر شخصيتن کان وڏيڪ ڳڻجندڙ ليکيو ويندو آهي. مرزا قليچ بيگ سنڌي ادب جو عظيم محسن ۽ بي مثل خدمتگذار انسان رهيو. سندس ٿي ڏينهن رات جي محنتن سان سنڌي ادب کي تمام گهڻو فائدو پهتو. سندس جاکوڙي ڪردار جي حيثيت سان پاڻ سڄي زندگي سنڌي ادب تي قلم فراسائي ڪندو رهيو. پاڻ پنهنجي قلم مان ڪيترن ئي ڪتابن جا آسان ترجما ڪيا اٿس، سندس ترجمو ڪيل ڊرامن ۾ سندس لکيل ڪردارن ۽ ماحول کي سنڌي ماحول ۾ پيش ڪيو اٿس ۽ سندس ڪيترائي ترجمو ڪيل ناول به سندس ئي محنت جو ثمر آهن: مرزا قليچ بيگ جي ڊرامن جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو:

## خورشيد

مرزا قليچ بيگ صاحب هي ڊرامو 1885ع ۾ هڪ گجراتي ناٽڪ ”سونا نا مول ني خورشيد“ تان التو ڪيو جو بعد ۾ سرڪاري ٻُوڪ ڊيپو ڪراچي وارن ڇپائي پڌرو ڪيو هو. هن ڊرامي جو اردو ترجمو نالي ”زرخريد خورشيد“ سان پڻ ڪيو جنهن کي پارسي وڪٽوريا منڊلي وارن ڇپايو هو.



ڪتاب خانہ...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

## ليليٰ مجنون

سنڌي ٻوليءَ ۾ هي پهريون ناٽڪ مرزا قليچ بيگ سڀ کان پهريائين 1880ع ۾ اوپيرا (سنگيت ناٽڪ) طور هندي ٻوليءَ تان شعري نموني طور ترجمو ڪيو هو. مرزا صاحب جي ترجمي ۾ جيڪا خاص ڳالهہ آهي اها اصل هندي ڊرامہ ۾ ائڪٽ ۽ بابن ۾ رکي وئي هئي پر جنهن کي بعد ۾ ترجمي طور هندي ڏوهيڙن تان ورتو ويو هو. مرزا صاحب هن شعري ناٽڪ کي ائڪٽ ۽ سين جي بدران سنڌيءَ ۾ سولي طريقي سان بابن ۽ پردن ۾ ورهائي لکيو هو. هن سموري ڪتاب جو سمورو مضمون تمام دلفريب ۽ وڻندڙ پيرايي ۾ لکيو ويو هو. جنهن کي ماستر هريسنگ پبلشر سکر وارن طرفان ڇاپيو ويو هو ۽ تنهن کان پوءِ 1980ع ڌاري مهراڻ آرٽس ڪائونسل حيدرآباد طرفان منعقد ٿيل سؤ سالہ جشن لاءِ ڊرامہ صورت ۾ پيش ڪيو ويو (جيڪو زبيده گرلس ڪاليج حيدرآباد ۾ ملهايو ويو هو) هن ڊرامہ کي ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور صاحب جن پنهنجي علمي لياقتن آهر ايڊٽ ڪيو هو. هن سؤ سالہ جشن جوان وقت خاص مهمان (شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ) جو فرزند مرزا اسد بيگ سرانجام ڏنا ۽ ان سنگيت ناٽڪ کي پوري هڪ صدي گذرڻ کان پوءِ 1980ع ۾ اسٽيج تي رچايو ويو هو:

”مرزا قليچ بيگ سڀ کان پهريائين 1880ع ۾ پهريون منظوم (اوپيرا) ڊراما ليليٰ مجنون لکيو جيڪو اصل هندي ٻولي ۾ هو. هن منظوم ڊراما کي مرزا قليچ بيگ صاحب ائڪٽ ۽ سين بجاءِ بابن ۽ پردن ۾ ورهايو آهي ساري ڪتاب جو مضمون نهايت ئي وڻندڙ ۽ دل لڀائيندڙ آهي.“ (نظاماڻي، 1970ع، ص 73)

هي ڊرامو مرزا قليچ بيگ جو هندستاني ڊرامہ ”ليليٰ مجنون“ تان ترجمو ڪيل آهي، هن سنگيت ڊرامہ جي صدابندي جو اعليٰ ڪم وري سنڌ جي ٻن اهم شخصيتن الياس عشقي ۽ مراد علي مرزا صاحب جن جي حصي ۾ آيو:

”مرزا قليچ بيگ صاحب جو هي ڊرامو “ليليٰ مجنون” منظوم هجڻ سبب فني نقط نظر کان البت اسٽيج تي پيش ڪرڻ ڏاڍو اوکو هو. انهيءَ ڪري ڪنهن بہ ڊرامهٽڪ سوسائٽي هن ڊراما کي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪئي پوري هڪ سئوسالہ جشن (جيڪو زبيده گرلس ڪاليج حيدرآباد ۾ ملهايو ويو هو جنهن جو اهتمام مهراڻ آرٽ ڪائونسل حيدرآباد وارن ڪيو هو) جي سلسلي ۾ ٽن ڪلاڪن جي هن “فل لينٿ” ڊراما جا چند مناظر اڌ ڪلاڪ جي وقت اندر اسٽيج تي اهڙي طرح سان پيش ڪيا ويا جو ڪهاڻيءَ جي تسلسل ۾ ڪجهہ فرق نہ آيو جنهن ۾ ياسمين “ليليٰ” جو ڪردار ادا ڪيو ۽ ثاقب انور نظاماڻي “مجنونءَ” جو ڪردار نهايت ئي شاندار نموني ۾ ادا ڪيو.“ (نظاماڻي، 1982ع، ص-57-56)

هن ڊرامہ جي هدايتڪار جا فرض ابو بلال نياپا ۽ ڊرامہ جي پيشگي ڪردارن ۾ جن لوڪن حصو ورتو تن ۾ سيما، ياسمين، فرح ناز، ثاقب نظاماڻي، اي آر بلوچ،يعقوب ذڪريا، حنيف ذڪريا، شميم ڪاظمي، انور شيخ، ڪامل عارضي، علي راجا، تسليم ملڪ ۽ عارف شامل هئا. هن ڊرامہ ۾ عورت جو مرڪزي ڪردار “ليليٰ” ياسمين کي ڏنو ويو هو ۽ مرد جي مرڪزي ڪردار ۾ “ثاقب انور نظاماڻي“ کي چونڊيو ويو هو. هن ٻنهي اداڪارن پنهنجي صلاحيتن موجب تمام



ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

خوبصورت انداز ۾ اداڪاري جا فرض سرانجام ڏنا هئا ۽ ترجمو ڪيل ڪهاڻي ۾ بلڪل بہ فرق نہ آيو هو.

## بدر منير ۽ بينظير

هي قصو بمبئيءَ جي هڪ پارسي ڊرامہ نويس نوشير وانجي مهر وانجي (آرام) جي تخليق هئي، هي ڊرامہ عشقيہ داستان تان ورتل آهي. جيڪو مرزا صاحب جي اصلوڪي وڏي ناٽڪ ۾ شمار ٿئي ٿو. هندستان جي هڪ ٻئي ڊرامہ نويس شيخ محمود احمد ”رونق“ بنارسي پڻ ساڳئي نالي سان ڊرامو لکيو هو. مرزا صاحب آرام جي تخليق کي آڏو رکي هي سنگيت ناٽڪ جوڙيو هو. مرزا صاحب جو هي ناٽڪ بدر منير ۽ بينظير 1918ع ڌاري سنڌ ڪاليج منڊلي، جيڪا پوءِ سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي جي نالي سان مشهور ٿي هئي، هن منڊليءَ جو 1840ع ۾ پرنسپال ڊاڪٽر جيڪسن کي مقرر ڪيو ويو هو ۽ هن منڊليءَ جي وائيس پرنسپال جا فرض هڪ پارسي بادشاه جي اُدم سرانجام پئي ڏنا. هي ڊرامو ڪراچي جي ان ناٽڪ منڊلي ۾ وڏي ڪاميابي سان رچايو ويو هو.

”1894ع ۾ سڀ کان پهرين ۽ جهوني سنڌي ناٽڪ منڊلي ’ڏيارام ڄيٺيمل سنڌ ڪاليج ايمچوئيرس ڊرامهٽڪ سوسائٽي ڪراچي‘ ليکي وڃي ٿي، جيڪا پوءِ ’سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچي جي نالي سان مشهور ٿي. هيءَ منڊلي تنهن وقت جي پرنسپال ڊاڪٽر جيڪسن ۽ پارسي وائيس پرنسپال بادشاه جي اُدم ۽ جفاڪشي جو نتيجو هئي“ .(پنهور, 1992ع, ص 22)

## بڪاولي

هن ڊرامہ جو اصل موضوع عشقيہ داستان تي مبني هو هي ڊرامو مرزا قليچ بيگ صاحب سال 1894ع ڌاري لکيو هو. جيڪو بعد ۾ ماستر هريسنگ پبلشر سکر وارن طرفان ڇپايو ويو. ”هيءَ ڊرامو مرزا قليچ بيگ صاحب سال 1894ع ۾ لکيو جنهن کي ماستر هريسنگ پبلشر سکر وارن طرفان ڇپايو ويو. جيڪو مرزا صاحب جو اصلوڪو وڏو ڊرامو آهي.“ (نظاماڻي 1982ع, ص 59.)

## پرهيز جي ٽولي

هي ڊرامو مرزا قليچ بيگ صاحب جو اصلوڪو ننڍو ناٽڪ آهي، جيڪو پاڻ 1915ع ۾ لکيو هئائين. هي ڊرامو سماجي مسئلن جي نوعيت جي بنياد تي آڌاريل آهي، هن ناٽڪ کي مرزا صاحب سماجي مسئلن جي عڪاسي ڪئي آهي.

”هن ناٽڪ کي سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچي وارن ڪاميابي سان پيش ڪيو.“ (پنهور, 1992ع ص 85)

## حرڪت مان برڪت

هي ڊرامو مرزا صاحب مزاحيہ ۽ نصيحت آميز سبق طور لکيو هو. جيڪو اصلوڪي ننڍي ناٽڪ ۾ شمار ڪيو ويندو آهي، 1911ع ۾ پاڻ هي ڊرامو لکيو هئائون جنهن کي بعد ۾ بار بار


ڪتب خانہ...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊ من: امير عدنان 03337516944)

عوامي پسندگي تي پڻ ڏسيو ويو هو شروع ۾ هن ناٽڪ کي سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي وارن ڪاميابيءَ سان پيش ڪيو هو:

”هي ڊرامو مرزا قليچ بيگ صاحب 1911ع ۾ لکيو جيڪو اصلوڪو ننڍو ناٽڪ آهي، جنهن کي سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچي وارن ڪاميابيءَ سان اسٽيج تي پيش ڪري ڏيکاريو.“ (پنهور، 1992ع ص 85) جيڪو پڻ عوام کي پسند آيو هن ڊرامي کي عوام جي پسند موجب ڪيترائي ڀيرا پوءِ به اسٽيج تي پيش ڪيو ويو هو.

## گشت کي ڪشت

هن ڊرامي جو موضوع پڻ مزاحيه آهي، جنهن ۾ سرڪاري عملدارن تي چٿر ڪيل هئي. جڏهن ته مرزا قليچ بيگ صاحب پڻ اعليٰ عملداري عهدن تي فائز رهيو هو ۽ ڪيس عملداري ماحول مان ملندڙ مختلف پهلوئن تي خاص ڌيان رهندو هو پاڻ روز جي نيم ۾ پنهنجي حياتيءَ جا ورڪ پڻ لکندو هو ۽ ان سان گڏوگڏ روزمره جي واقعن ۽ قصن کي چڱي ريت پنهنجي ذهن ۾ رکندو هو. پاڻ تمام تيز فهم ۽ آدرشي سوچ جو انسان هو. مرزا قليچ بيگ جو هي ڊرامو اصلوڪن ننڍن ناٽڪن ۾ شمار ٿئي ٿو جنهن کي مرزا قليچ بيگ صاحب 1908ع ۾ لکيو ۽ بعد ۾ هن ڊرامي کي سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچي جي سهڪار سان پيش ڪيو ويو هو.

”هن ڊرامي کي سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچي وارن پيش ڪيو هو.“ (پنهور، 1992ع ص 85)

## انڪوائري آفيسر

هي ڊرامو اصل ۾ روسي ٻولي ۾ ”گورنمينٽ انسپيڪٽر“ جي نالي سان لکيو ويو. هي ڊرامو گوگول جي تصنفين مان هڪ آهي. هن مصنف جي ان ڊرامي کي انگريزي ۾ ”انسپيڪٽر جنرل“ جي نالي سان ترجمو ڪيو ويو هو. جيڪو بعد ۾ 1896ع ڌاري مرزا قليچ بيگ صاحب پنهنجي مادري ٻولي ۾ ترجمي وسيلي انگريزي ٻولي مان سنڌي ٻولي ۾ آندو. مرزا صاحب هن ڊرامي کي سنڌي سماج جي مڪاني رنگ روپ ۾ سجائي پيش ڪيو هو. مصنف جي روسي يا انگريزي ترجمو ڪندڙ مترجم جي پيش ڪيل ترجمي مان انگريزي عملدارن جي ماڻهن بجاءِ سنڌي نالا ۽ سماجي طور پڻ سنڌي هندن جو ذڪر ڪيل آهي، سندس ترجمو ڪيل گفتگو کي پڻ عام رواجي ٻولي جو ويس اوڍايو اٿائين. مرزا صاحب جن هن ڊرامي کي سماجي عڪاسي کي نندڻ لاءِ هي ترجمو سنڌي طرز موجب لکيو آهي:

”ترجمو اهڙو ته سهڻو ۽ سولي سنڌيءَ ۾ ڪيو اٿن جو هيءَ ڪتاب ترجمو نه بلڪ اصلوڪو پيو لڳي. ٻي خاص خوبي اها آهي ته ان ۾ مقامي ماحول ڏيکاريو ويو آهي. هڪ تعلقي جا ننڍا وڏا ڪامورا ڪيئن رشوت وٺن ٿا. پوءِ انڪوائري آفيسر اچڻ جي ڊپ ۾ ڪهڙيون تياريون ڪن ٿا ۽ ڪهڙي ريت هر هڪ ملازم پنهنجا پرڪار پڌرا ڪري ٿو ۽ آخر ۾ ڪيئن هڪ اخباري رپورٽر کي انڪوائري آفيسر سمجهي ڦرجي وڃن ٿا ۽ اهو سچو اخباري نمائندو سيني کي ڦري خوب پئسا گڏ ڪري اتان هلي وڃي ٿو. پوءِ جڏهن اصلي انڪوائري اچڻ جو پتو پوين ٿو سڀ وائڙا ٿي وڃن ٿا. هن ناٽڪ ۾ رشوت خور ڪامورن جي چٽي تصوير پيش ڪئي وئي آهي“. (شوق 1990ع،


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ص24-25) ھن ڊرامہ جي مرزا صاحب جي ترجمو ڪيل مختلف ڪردارن ۾ پيش ڪري ٿو اھي ڪردار غلط فھمي جي بنياد تي ڪيئن نہ ڪنھن اوپري ماڻھو کي پنھنجو آفيسر سمجھي پاڻ ڦرائي ويھن ٿا ۽ اصل اينڊزانڪوائري آفيسر کي ڪوڙو سمجھن ٿا. ھن ڊرامہ ۾ متوقع ۽ غير متوقع واقعن کي ڏاڍي سھڻي انداز ۾ بيان ڪيو ويو آھي. ڪامورا ھڪ اخباري خاطو کي "انڪوائري آفيسر" سمجھي ھراسجي وڃن ٿا ۽ پريشاني ۽ ڇُڪتي واري حالت ۾ پنھنجا سڀ عيب ۽ گناھ پنھنجي آفيسر آڏو کولي بيان ڪندا رھن ٿا. وري جڏھن ڪين آخر ۾ صحيح حقيقت جو پتو پوي ٿو تہ پوءِ ڪين ڪيتري پشيماني کي منھن ڏيڻو پيو تنھن جو اندازو ادا ڪيل ڪردارن کي ئي وڌيڪ معلوم ٿي سگھي ٿو پر ھي ڊرامو ڏسندڙ پڻ ھن اصلاحي ڊرامہ مان تمام گھڻو فائدو پرائي سگھن ٿا. ھن ڊرامہ ۾ مرزا صاحب سماجي اوڻاين جي شفاف تصوير چٽي آھي. تہ ڪھڙي ريت ھڪ سماج ۾ ڪيترين وڏيون ناانصافيون ٿين ٿيون ۽ ادارن جا پيسا ڪين نہ ضايع ڪيا وڃن ٿا ۽ غريب غربي سان ڪھڙو حال حشر ڪيو وڃي ٿو ھن ڊرامہ ۾ مرزا صاحب جا ٻولي استعمال ڪئي آھي اھا بہ ڊرامہ جي ھوبھو ڪردارن کان اھڙي ئي پيش ڪرائي وئي آھي. جھڙوڪ جيڪر ڪو واڻيو آھي تہ ان کان ھندڪي ۾ خوش خير و عافيت واري ٻولي چوائي اٿس ۽ جيڪر ڪو مسلمان آھي تہ ان کي وري پنھنجي تھذيبي ۽ ثقافتي مھمان نوازي واري ڍنگ سان پيش ڪيو اٿس. اھڙي ريت سماج ۾ ٻيون بہ ڪوڙسارن مسئلن جي تصوير چٽي وئي آھي. ھن ڊرامہ تي تبصرو ڪندي ڊاڪٽر قاضي خادم پنھنجا خيال ھن ريت پيش ڪيا اٿس:

"ڪنھن مزاحيہ ناول نگار جون ڪاوشون وڏي مشڪل سان ڪنھن کي مرڪائڻ ۾ ڪامياب ٿي سگھنديون آھن. مرزا قليچ جي "انڪوائري آفيسر" يا محمد عثمان ڏيپلائي جي "ڊڪار" جوئي مثال ڪٽي وٺو پڙھڻ ۾ اھي ڊراما ٿي سگھي ٿو تہ ڪنھن کي کلائڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيا ھجن. ليڪن "انڪوائري آفيسر" جڏھن اسٽيج تي پيش ٿيو تہ سڄو ھال کلن جي ڪوڪرن ۾ ٻڏي ويو". (قاضي 1992ع، ص، 60)

بدقسمتي سان اڪثر ڪري اسان جي سماجي حالتن ۾ اڄ تائين ان لاءِ بہ بھتري نہ اچي سگھي آھي جو اسان جا سمورا ادارن جا ملازم ان ڪوڙھ جھڙي وبا ۾ ورتا پيا آھن. جتي ڪٿي ڪرپشن ۽ سفارش ڪلچر جو رواج اڄ بہ عام جام لڳو پيو آھي. ظاھري ڏيک تہ ھر ماڻھو وٽ تمام نماڻائي ۽ سٺي انسان جھڙو آھي پر اندر جي خبر تہ خدا کي ئي ھوندي آھي. تنھن ھوندي بہ ڪي فرد جلد ئي اھڙي ڊرامہ بازي مان جھلجيو پون. ڪين نہ الله جو خوف سندن دلين ۾ باقي رھي ٿو ۽ نہ ئي حق ۽ سچ جي سڃاڻپ ڪين رھي ٿي جو ھو ڪنھن مسڪين ۽ غريب کي ڪھڙن ڪھڙن طريقن سان پيا ڦريندا ۽ لٽيندا آھن ۽ پنھنجي من ماني ھر وقت پيا ھلائين. ھينيون طبقو ويچارو جيڪو اڳيئي سورن ۽ ڏکن ڏاکڙن ۾ مبتلا رھندو آھي ان لاءِ وڌيڪ آزار پيدا ڪيو ويندو آھي. ھن ڊرامہ مان پڻ اھڙي ئي قسم جي ڳالھين کي ننديو ويو آھي. مرزا صاحب ھن ڊرامہ جي ترجمي ۾ تمام اعليٰ خيالن سان ڪم ورتو آھي. جھڙيءَ ريت چوندا آھن تہ وڏي مڇي ھميشہ ننڍي مڇي جو شڪار ٿيندي آھي. اھڙي طرح ھن ڊرامہ جو اصلاحي پھلو پڻ اھڙي ئي ريت بيان ٿيل آھي. ھي ناٽڪ سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچي طرفان پيش ڪيو ويو ھو.



www.sindhsalamat.com
ڪتاب گھر... وائس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

## جمشيد ۽ حميده

مرزا قليچ بيگ صاحب هي ڊرامو 1918ع ۾ شيڪسپيئر جي ڊرامي "As you like it" تان سنڌي ۾ ترجمو ڪيو هو. جنهن جو پاڻ سنڌي ترجمي ۾ جمشيد ۽ حميده جو نالو رکيائين. مرزا قليچ بيگ صاحب جو هي ڊرامو 1918ع تي نيشنل ڪاليج ڊرئميٽڪ سوسائٽي حيدرآباد طرفان اسٽيج تي پيش ڪيو هو.

هن ڊرامي جو مقصد هن طرح آهي ، هڪ شهر جي شريف خاندان ۾ ٻه جاڙا ڀاءُ ۽ ڀيڻ ڄمن ٿا، جيڪي شڪل ۾ هڪٻئي جي هوبهو هوندا آهن ۽ سندن پيدائش پڻ هڪ ڪلاڪ جي وقفي سان ٿئي ٿي. سندن گهر ياتي هنن جا نالا جمشيد ۽ حميده رکن ٿا هن جا ماءُ پيءُ سندن ننڍي هوندي ئي رضا ڪري وڃن ٿا ۽ ڪين هر وقت اهو اونو هوندو هو ته سندن پيدائش ٻه هڪ ئي وقت ٿي آهي ۽ سندن شڪليون ٻه هڪجهڙيون اٿن. هو هر وقت ان ئي ويچار ۾ رهندا آهن ته شايد اسان ٻنهي جو موت به هڪ ئي وقت ٿيندو. آخرڪار ٻئي فيصلو ڪري سامونڊي سفر تي نڪري پون ٿا. سندن پاليل هڪ طوطو به هنن سان گڏ هوندو آهي. جيڪو هنن جي ٻولي ڳالهائي ۽ سمجهي سگهندو هو. سمنڊ ۾ اوچتو طوفان اچي ويندو آهي جنهن ۾ هنن جو ٻيڙو تباهه ٿي پوندو آهي ۽ اهڙيءَ ريت ٽئين هڪٻئي کان وڇڙي ويندا آهن. جڏهن ته جمشيد ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ ۽ حميده ڪنهن ٻئي هنڌ وڃي پهچندي آهي، اتي حميده مرداڻو ويس ڍڪي اتان جي بادشاهه وٽ نوڪر جي حيثيت ۾ نوڪري ڪندي آهي. آخر ڪار طوطي جي مدد سان ٻئي ڀاءُ ڀيڻ پاڻ ۾ ملندا آهن. جتي حميده جنهن محلات ۾ نوڪري ڪندي هئي ان ملڪ جي بادشاهه جي پٽ جي ساڻس شادي ٿي ويندي آهي ۽ سندس ڀاءُ جمشيد کي وري خاص وزير بڻايو ويندو آهي ۽ سندن حياتي جا آخري ڏينهن سٺي ريت بسر ڪن ٿا. هن ڊرامي جو سڄو پسمنظر "ڏکن پٺيان سک" واري فلسفي تي آڌاريل نظر اچي ٿو.

## حسنا دلدار

مرزا قليچ بيگ جي هي ڊرامو انگريزيءَ ٻولي تان التوٺيل آهي، جيڪو اصل ۾ شيڪسپيئر جي ڊرامي "Merchant of venice" تان ورتو ويو هو جيڪو پاڻ 1897ع تي سنڌي ۾ ترجمو ڪيو هئائين. جنهن جو سنڌي ۾ نالو "حسنا دلدار" رکيو هئائين. هن ڊرامي کي پوءِ سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچيءَ پاران ڪاميابي سان اسٽيج تي ڏيکاريو ويو هو:

"سنڌ ڪاليج ناٽڪ ڊرامهٽڪ سوسائٽيءَ طرفان ڪاميابي سان اسٽيج تي پيش ڪيو ويو."
(پنهور 1992ع، ص 83)

## زينت

هي مرزا قليچ بيگ جو چيپل ناول هو جنهن کي ورهاڱي کان پوءِ پاڪستان ٽيليويزن تان پهريون پيرو ڊرامائي ويس پهرايو ويو هو هن ڊرامي کي ٽوٽل ست قسطن ۾ پيش ڪيو ويو هو ۽ هن ناول کي ڊرامائي صورت ۾ شمشير الحيدري جو ڪارنامو آهي، هن ڊرامي متعلق محترم هدايت آخوند لکي ٿو ته: "ٽي وي تان پهريون ناٽڪ جيڪو 1970ع ۾ پيش ڪيو ويو سو هو "زينت" مرزا قليچ بيگ جي جڳ مشهور ناول زينت جو ڊرامائي روپ هو." سنڌ جي برک اديب ۽ شاعر

شمشير الحيدري زينت جون ڪل ٽي قسطون ڊيڪاريون هيون ۽ هن ڊرامي ۾ جن ڪلاڪارن حصو ورتو هيو تن ۾ مکيه هي آهن. غزاله رفيق, (زينت)سقربان جيلاني (علي رضا)عبدالحق ابڙو, ڪامران پٽي, عبدالرحمان ميمڻ, ممتاز پنهور, محمد صديق مغل, پروين عيساڻي, بلقيس سيد, زيبو ۽ ٻيا هدايتون ۽ پيشڪش عبدالڪريم بلوچ جي هئي. ڊراما نهايت ڪامياب رهيو. هن سيريز کي ٻيهر نشر ڪيو ويو.“ (پريم, 1994ع, ص 18)

## فيرزو دل افروز

ڊرامو فيروز دل افروز کي مرزا قليچ بيگ اردو مان ليل ونهار جي نالي واري ناٽڪ تان سنڌي ۾ ترجمو ڪيو. جنهن کي بمبئي جي وڪٽوريا ناٽڪ ڪمپني اردو ۾ ترجمو ڪيو هو جيڪو اصل ۾ انگريزي ليکڪ لارڊ لٽن جي ناٽڪ “نائٽ اينڊ مارننگ” تان ترجمو ڪيو ويو هو. هن ڊرامي کي سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچي وارن اسٽيج تي پيش ڪري ڏيکاريو هو. هن ڊرامي جي سچي ڪهاڻي هڪ رومانس جي موضوع تي آڌاريل آهي.

## شاهه ايليا

هي شيڪسپيئر جو بهترين دکدائڪ ناٽڪ ”ڪنگ ليئر“ 1404ع ۾ لکيو هو. هي ڊرامو تاريخي نوعيت جو آهي. هن ڊرامي کي ترجمي طور مرزا قليچ بيگ صاحب 1900ع ۾ “شاهه ايليا” جي نالي سان متعارف ڪرايو. هن ناٽڪ کي سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچي وارن اسٽيج تي ڪري ڏيکاريو هو.

## شڪنتلا

هيءَ ڊرامو ڪاليداس جي مشهور هندي ڊراما “شڪنتلا” تان سال 1896ع ۾ مرزا قليچ بيگ صاحب ترجمو ڪيو. سنڌي زبان ۾ ’شڪنتلا‘ جو هي پهريون ترجمو آهي. انهيءَ کان پوءِ ٻين ڪيترن ئي اديبن ”شڪنتلا“ جا ترجما ڪيا، مگر مرزا قليچ بيگ صاحب جو هي ترجمو سڀني کان اعليٰ آهي. هن ڊراما کي سال 1896ع ۾ ٿي ڏيارام جيٺيمل سنڌ ڪاليج اميچوئر ڊرامهٽڪ سوسائٽي ڪاميابيءَ سان اسٽيج تي پيش ڪيو.

## شمشاد مرجانه

هي ڊرامو مرزا قليچ بيگ صاحب شيڪسپيئر جي ڊرامي ”سيمبلن“ تان ورتو هو ۽ سال 1908ع ۾ سنڌي ۾ ترجمو ڪيو هو. جنهن جو نالو “شمشاد مرجانه” تجويز ڪيائين. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي ڪراچي ڪاليج جي هڪ ساليانى جلسي تي شاگردن کان ڪرايو هو جنهن کي بـ خلق جام پسند ڪيو هو.

## شهريار شهربانو

مرزا صاحب هي ڊرامو سنڌي لوڪ ادب جي مشهور قصن ”ڪامسين ۽ ڪامروپ“ جي رومانوي قصي کان متاثر ٿي نظم جي صورت ۾ سال 1918ع ۾ لکيو هي داستان اوائل ۾ ڏوهيڙن ۾ ٺهيل هو هن جو موضوع عشقيه آهي. هن ڊرامي کي سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي وارن ڪاميابي سان اسٽيج ڪري ڏيکاريو


ڪتب خانو...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

## شيرين فرهاد

مرزا قليچ بيگ صاحب جي ڊرامن مان هي اصلوڪو وڏو ناٽڪ آهي. جيڪو 1923ع ۾ "فرهاد شيرين" جي مشهور ايراني رومانوي داستان کان متاثر ٿي لکيو ويو جنهن کي بعد ۾ سنگيت ڊرامي جي صورت ۾ مرزا قليچ بيگ 1918ع ۾ آندو هن ڊرامي جو موضوع پڻ عشقيہ قصي تي مبني آهي. هن ڊرامي کي سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي وارن ڪاميابي سان ڪري ڏيکاريو.

## شيخ چلي/ اگڙ مسخرو

هيءُ مرزا قليچ بيگ صاحب جو اصلوڪو مزاحيہ ناٽڪ آهي. جنهن کي مرزا صاحب سال 1899ع ۾ لکيو هو. هي ناٽڪ ڪيترائي ڀيرا اسٽيج تي پيش ڪيو ويو.

## عزيز ۽ شريف

هي ڊرامو مرزا قليچ بيگ صاحب "شيڪسپيئر جي ڊرامي 'ٽو جينٽلمين آف ويرونا' تان سال 1909ع ۾ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو هو. هن ناٽڪ کي سنڌ ناٽڪ ڪاليج منڊلي ڪراچي وارن اسٽيج تي آندو.

## شهزادو بهرام

مرزا قليچ بيگ صاحب هي ڊرامو شيڪسپيئر جي ناٽڪ هئمليٽ تان 1914ع ۾ سنڌيءَ ۾ ۾ الٿو ڪيو هو جنهن جو نالو "شهزادو بهرام" تجويز ڪيائين. هي ڊرامو مرزا قليچ بيگ جي دکدائڪ ڊرامن ۾ شمار ٿئي ٿو.

## گلزار ۽ گلنار

مرزا قليچ بيگ صاحب هي ڊرامو شيڪسپيئر جي مشهور رومانوي ناٽڪ "روميو اينڊ جيوليٽ" جو 'گلزار ۽ گلناز' جي نالي سان 1909ع ۾ سنڌي ۾ ترجمو ڪيو هو. هن اصل ڊرامي جي ڪهاڻي پڻ رومان سان شروع ٿئي ٿي ۽ آخر ۾ موت سان ختم ٿئي ٿي جنهن ۾ عاشق ۽ معشوق پيار ۽ محبت جي جيون ۾ هڪ ٻئي پنيان پنهنجو انت آڻين ٿا پر مرزا قليچ بيگ هن ڊرامي جي آخر ۾ گلزار ۽ گلناز (روميو ۽ جيوليٽ) کي پاڻ ۾ ملائي ڪهاڻي کي دک انت مان بدلائي سک انت ۾ بدلائي ڇڏي ٿو.

## نادر شاهه

هي اصلوڪو تاريخي ڊرامو مرزا قليچ بيگ صاحب سال 1897ع ۾لکيو هو. جنهن کي ماسٽر هريسنگ پبلشرز سکر وارن طرفان ساڳئي سال شايع ڪيو ويو.

## گلن واري چوڪري

مرزا صاحب جو هي پهريون ناول دلا رام 1888ع ۾ لکيو هو ۽ تنهن کان پوءِ ٻيو ناول زينت 1890ع ۾ پنهنجي قلمي پورهيي سان سرجيو هو. ناول "زينت" جي ڪهاڻي سماجي حالتن کي بيان ڪري ٿي. جيئن تہ انگريزن جي دور ۾ سنڌي ٻولي جي الفابيٽ جڙي راس ٿي هئي ۽ ان ڏس ۾ ڪيترن ئي محققن ۽ ادب دوست پارکوئن سنڌي ادب ۾ پرڏيهي ترجمن جا ڪيترائي ئي


ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ترجما ڪري سنڌي ادب ۾ سنڌي ٻوليءِ ۾ آندا پئي، اهڙي ريت اسان جي سماج ۾ سنڌي ادب جو هڪ نئون دور شروع ٿيو. هر مرد پنهنجي سماج ۾ جيترو عورت جي ظاهري حُسن کان متاثر ٿئي ٿو اهڙي ريت عورت پڻ ڪنهن نہ ڪنهن مرد مان متاثر هوندي آهي. پر اصل ۾ گهر جي سگهڙ عورت کي ئي سماج ۾ وڏي اهميت ملي ٿي هن ناول جو مقصد پڻ زماني جي لاهين چاڙهين تي ٻڌل آهي. :مرزا قليچ بيگ جي ناول زينت کان علاوه سندس هڪ ٻئي ناول "گلن جي ٽوڪري" کي پڻ ٽي وي ڊراما سيريز ۾ پيش ڪيو ويو. علي بابا هن ناول کي قسطن ۾ ڊرامائي شڪل ڏئي نالو رکيو "گلن واري چوڪري" هي سيريز پڻ ڪامياب وئي ۽ پسند بہ ڪئي وئي. اداڪاري جي لحاظ کان پڻ هڪ سٺي سيريز هئي هن سيريز ۾ جن ڪلاڪارن پاڳ (حصو) ورتو سي هي آهن نور محمد لاشاري، ممتاز ڪنول، ٻيبي شگفتہ، محمود صديقي، قربان جيلاني ۽ ٻيا شامل هئا. جنهن کي عوام طرفان بيحد پسند ڪيو ويو هو. هن ناول جو "گلن جي ٽوڪريءَ جي ديباچي ۾ مرزا قليچ بيگ صاحب لکي ٿو تہ:

"هي ڪتاب اصل جرمنيءَ جي هڪڙي عالم جو لکيل هو. جنهن جو نالو "ڪرستاف وان شمڊ" هو... جيڪو سرڪاري اسڪولن جو انسپيڪٽر هو. هن ٻارن لاءِ گهڻائي ڪتاب لکيا... انهن مان "گلن جي ٽوڪري" جو ڪتاب سيني فرينچ ۽ يورپ جي ڪن ٻولين ۾ ترجمو ٿيو آهي. منجهس روحاني ۽ اخلاقي تعليم چڱي ڏنل آهي مون هڪڙي دوست جي چوڻ تي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو." (پريم، 1994ع، ص 18)

## لوڀي ۽ ٺوڳي

مرزا قليچ بيگ صاحب هيءُ ڊرامو سال 1894ع هي ڊرامو پڻ سندس اصلوڪن ڊرامن ۾ ليکيو ويندو آهي. هن ڊرامہ کي پڻ مزاحيہ ڊرامن جي ضمري ۾ آندو ويو آهي.

## منشي

مرزا قليچ بيگ صاحب جو هي ڊرامو نالي منشي 1966ع مزاحيہ ننڍي ناٽڪ تي ٻڌل آهي ۽ هن ڊرامہ کي پريات آرٽ سرڪل حيدرآباد وارن ڪاميابيءَ سان اسٽيج تي ڪري ڏيکاريو: "هن ڊرامہ کي پريات آرٽ سرڪل حيدرآباد وارن ڪاميابيءَ سان اسٽيج تي آندو" (پنهور، 1992ع، ص 109)

## موهني

هي ناٽڪ مرزا قليچ بيگ 1924ع ڌاري هڪ اردو ڊرامہ "شريمتي منجري" تان الٿو ڪري سنڌي ۾ آندائين: "مرزا قليچ بيگ هي ڊرامو 1924ع ۾ رياض الدين دهلوي جي اردو ڊرامہ "شريمتي منجري" تان سنڌي ۾ ترجمو ڪيو ساڳئي سال حيدرآباد نيشنل ڪاليج ڊرامهٽڪ سوسائٽي ناهي هئائون ۽ پهريون مرزا قليچ بيگ صاحب جو "موهني" ڪامياب ڪري ڏيکاريو هئائون." (ملڪاڻي 1977ع، ص 136)

هن ڊرامہ ۾ مسلمانن ۽ هندن کي پائيچاري جو پيغام ڏنو ويو آهي. هن ڊرامہ کي ان دور ۾ تمام گهڻي مقبوليت ملي هئي.


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

## نورجهان ۽ جهانگير

مرزا قليچ بيگ صاحب جو هي ڊرامو اصلوڪو وڏو ڊرامو آهي. جيڪو هن سال 1896ع ۾ لکيو هو ۽ ان ڊرامہ کي ماستر هريسنگ پبلشرز سکر پاران ڪتابي صورت ۾ آندو هو. هن ڊرامہ جو موضوع تاريخي آهي جيڪو مغل بادشاهن جي دور حڪومت نورجهان ۽ جهانگيربادشاھ جي پريم ڪٿا سان منسلڪ ڪيل ڏسجي ٿو:

”هن ڊرامہ کي ماستر هريسنگ پبلشرز سکر پاران ڇپايو ويو هو“ (پنهور، 1992ع، ص 82)

## نيڪي ۽ بدي

هي ڊرامو محترم مرزا صاحب جن التوڪري سنڌي ادب ۾ آندو هي اصل ڊرامو شيڪسپيئر جو لکيل هو جيڪو سڀ کان اول اردو ٻولي ۾ ترجمو آغا حشر ڪاشميري ترجمو ڪيو هو. تنهن کانپوءِ مرزا قليچ بيگ صاحب ان کي سنڌي ۾ ترجمو ڪري سال 1911ع ۾ اسٽيج تي آندو.

## نيم حڪيم خطره جان

هي ڊرامو مرزا صاحب جو اصلوڪي صورت ۾ سال 1897ع ۾ لکيو هو. جيڪو بعد ۾ سنڌ ناٽڪ ڪاليج منڊلي، ڪراچي پاران اسٽيج تي آندو ويو.

”سنڌ ناٽڪ ڪاليج منڊلي، ڪراچي پاران اسٽيج تي آندو ويو.“ (پنهور، 1992ع، ص 83)

## رامايڻ

هي ڊرامو ڏيئو مل گاگنمل پاران سن 1897ع ڌاري سنڌن ڌرمي قصي رامايڻ تان ورتو هو جيڪو قافيہ دار نثر تي ٻن ڀاڱن تي آڌاريل هو. جيڪو بعد ۾ سنڌ ناٽڪ ڪاليج منڊلي، ڪراچي پاران اسٽيج تي آندو ويو. ”سنڌ ناٽڪ ڪاليج منڊلي، ڪراچي پاران اسٽيج تي آندو ويو.(پنهور، 1992ع، ص 83)

## شڪنتلا دشينت

هي ڊرامو هندي ناٽڪ تان ورتل آهي جنهن کي گاگننسنگ آڏواڻي پاران سن 1897ع ڌاري لکيو. جنهن کي بعد ۾ ڌرم اُپڪار ڊرئمٽڪ سوسائٽي، شڪارپور پاران اسٽيج تي آندو ويو. ”ڌرم اُپڪار ڊرئمٽڪ سوسائٽي، شڪارپور پاران اسٽيج تي آندو ويو.“ (پنهور، 1992ع، ص 83)

## دروپدي

هي ڊرامو ليلا رامسنگ وطڻ مل پاران سن 1905ع ۾ هندستان جي تاريخي ڪتاب مهاڀارت تان ورتو هو جنهن کي بعد ۾ سنڌ ناٽڪ ڪاليج منڊلي، ڪراچي پاران اسٽيج تي آندو ويو. ”سنڌ ناٽڪ ڪاليج منڊلي، ڪراچي پاران اسٽيج تي آندو ويو“.(پنهور، 1992ع، ص 83)

## سنگ جو پرسنگ

هي ڊرامو ڪوڙومل چندن مل پاران سن 1905ع ۾ لکيو هي ڊرامو اصلوڪي تحرير تي مبني آهي، هي ڊرامو اصلوڪي ننڍي ناٽڪن ۾ شمار ڪيو ويندو آهي جنهن کي بعد ۾ سنڌ ناٽڪ ڪاليج منڊلي، ڪراچي پاران اسٽيج تي آندو ويو.


ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

”سنڌ ناٽڪ ڪاليج منڊلي، ڪراچي پاران اسٽيج تي آندو ويو.“ (پنھور، 1992ع، ص 84)

## چندرا ولي

ھي ڊرامو ديوان ٺاڪر داس پاران سن 1901ع ۾ لکيو ھي ڊرامو اصلوڪي تحرير تي مبني آھي. ھي ڊرامو اصلوڪي وڏي ناٽڪن ۾ شمار ڪيو ويندو آھي جنھن کي بعد ۾ ڌرم اُپڪار ڊرئمٽڪ سوسائٽي، شڪارپور پاران اسٽيج تي آندو ويو.

”ڌرم اُپڪار ڊرئمٽڪ سوسائٽي، شڪارپور پاران اسٽيج تي آندو ويو. (پنھور، 1992ع، ص 84)

انھن مختصر چونڊ ڊرامن کان علاوه ٻيا ڪيترائي ڊراما سنڌي ادب ۾ ترجمو ۽ اصلوڪي ننڍي توڙي وڏي ناٽڪن ۾ شمار ٿين ٿا جنھن جا نالا ھن ريت آھن.

## رتناولي

سال 1888ع ۾ ديوان ڪوڙو مل ڪلناڻي ”رتناولي“ ناٽڪ جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو ھو. جيڪو اصل سنسڪرت ٻولي ۾ راجا شري ھرش ديو جو ھو.

ھن ڊرامي جي ترجمي ۾ اجاين ھندڪي رسمن جي پاڙ پٽڻ لاءِ خاص طور تي لکيائين. ھي ڊرامو اڄ ڏائين اسٽيج تي اچي نہ سگھيو آھي.

## ھير رانجھو

سال 1879ع ۾ حاجي امام بخش خادم بدوي جي ڊرامي جو ڪتاب ”ھير رانجھو“ لکيو ھئائين. ھن ڊرامي ۽ مرزا قليچ بيگ جي ڊرامي ”خورشيد“ تي اسان جي محقق دانن جا مختلف رايا آھن ڪن جو چوڻ آھي تہ سنڌي ڊرامن جو سڀ کان پھريون ڊرامو ھير رانجھو آھي تہ ڪن جو اشارو وري مرزا صاحب جي ناٽڪ طرف آھي.

## نل دمينتي

سال 1894ع ۾ ماسٽر چيناند ڪلڌاس جو ھي پھريون سنڌي ناٽڪ ”نل دمينتي“ آھي جيڪو بعد ۾ ان ئي سال ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج اميچوئر ڊراميٽڪ سوسائٽي ڪراچيءَ طرفان اسٽيج تي آندو ويو.

## مھن ڪارتا

سن 1896 ع ۾ روچيرام گجُو ”مھن ڪارتا“ نالي ھي ناٽڪ لکيو ھو.

ان کان علاوه سندس ئي ٻيو ڊرامو 1897ع ۾ ”سورجن راڏ“ ناٽڪ لکيائين ھي سماجي حالتن تي مبني ناٽڪ آھي.

## مومل ۽ مينڊرو

حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي رح جي شاھ جي رسالي مان سُرن تي آڌاريل لوڪ قصن تي پڻ ڪيترن ئي ڊرامہ نويسن طبع آزمائي ڪئي.

جنھن ۾ سال 1922ع ۾ خانچند درياڻي جو ”مومل ۽ مينڊرو“ لکيو.


ڪتب خانہ...وٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

## عمر مارئي

لعلچند آمر ڏنو مل جڳتياڻي جو 1925ع ۾ ”عمر مارئي“ سندس پيو ڊرامو ”سهڻي ميهار“ 1939ع. ٽيون ”سهجان جي سڪ“ ۽ چوٿون 1946ع ۾ ”سهڻي رُل مئي“ لکيائين.

## هڪڙي رات

ڊاڪٽر ليلا رام ڦيرواڻي جو 1936ع ۾ ليلا چنيسر جي قصي تي آڌاريل ”هڪڙي رات“ ۾ لکيو.

## پڪي ۾ پدمڻي

سال 1941ع ڌاري رام پنجواڻيءَ جا ”مومل راڻو“ ۽ عمر مارئي جي قصي تي ٻڌل 1943ع ”پڪي ۾ پدمڻي“ لکيو.

## سهڻي ميهار

سال 1946ع ۾ نانڪرام ڏرمداس جو ”سهڻي ميهار“ لکيو.

## نادرشاهه

1897ع ۾ مرزا قليچ بيگ ”نادرشاهه“ نالي هي ڊرامو الٿو ڪيو.

## تريا چلتر

سال 1913ع ۾ ديوان ناڪرداس ”تريا چلتر“ ترجمو ڪيو هي ڊرامو شيڪسپيئر جي انگريزي ڊرامه (هيمليٽ) تان الٿو ڪيو ويو آهي.

## جرم وفا

سال 1940ع ڌاري عثمان علي انصاري ”جرمِ وفا“ ترجمو ڪيو هي ڊرامو شيڪسپيئر جي ڊرامه (Cymbelin) تان الٿو ڪيل آهي. ان کان علاوه عثمان علي انصاري جو ٻيو شڪسپيئر جي ڊرامه (The Gentle of Verona) جو الٿو ڪيل ڊرامو ”گمراهه دوست“ جي نالي سان 1940ع ۾ الٿو ڪيو هو. ان کان علاوه ٻيا ڪيترائي ترجمو ٿيل ۽ اصلوڪا ڊراما لکيا ويا هئا.

## ضعيف انسان

هي ڊرامو پروفيسر منگهارام ملڪاڻي صاحب جن جو لکيل آهي، جيڪو ننڍن ناٽڪن ۾ شمار ٿئي ٿو. هن ناٽڪ ۾ پيش ڪيل ڪهاڻي زينت ۽ محمد جي سچي محبت تي آڌاريل آهي، سماج جي فرسوده رسمن مان آجو ٿيڻ لاءِ پريم جو وچن ورجائيندي ٻئي پاڻ کي درياهه جي ويرن حوالي ڪري ڇڏين ٿا. هن ڊرامه ۾ سنڌ جي لوڪ قصي سهڻي ميهار جي حقيقي عشق جي جهلڪ پسائڻ وارو سبق سمايل آهي. هن ڊرامه ۾ ڪردارنگاري جو ڪم تمام مختصر طور تي پيش ٿيل آهي جيتوڻيڪ ڪردارنگاري جون ڪڙيون هڪٻئي سان تسلسل ۾ جڙيل نظر اچن ٿيون. هي ڊرامه هڪ ڳوٺ تي آڌاريل سنڌي سماج جي ريتن رسمن ۽ رحمدلي جهڙن عنصرن تي مبني آهي. ڪردارن ۾ بخشڻ خان (وڏيرو)، محمد (مرڪزي ڪردار وڏيري جو پٽ)، زينت

(مرڪزي ڪردار محمد جي سوٽ ۽ مڱ)، عثمان (غريب نوجوان ڳوٺاڻو)، غلام (ڪمدار) ۽ حسينا (ڪمدار جي ڌيءُ) شامل آهن.

## نجومي

هي ڊرامو محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو لکيل آهي، جيڪو ننڍين ناٽڪن ۾ شمار ٿئي ٿو ۽ اصلاحي ناٽڪ جي پسمنظر ۾ لکيل آهي.

## ملڪ جا مدبر

هي ڊرامو ابسن جي ناٽڪ تان ترجمو ڪري خانچند شامداس دريانيءَ سنڌي ۾ ترجمو ڪري ملڪ جا مدبر جي نالي سان پيش ڪيو جنهن ۾ ملڪ جي اعليٰ فردن، سماج ۾ رهندڙ ضمير فروشن، خود غرض فردن ۽ خوشامد ڪندڙ شخصيتن جا واضح نقش چٽيا ويا آهن.

## هوشو

هي ڊرامو ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور جو لکيل آهي، جيڪو تاريخي پسمنظر ۾ شمار ٿئي ٿو ۽ هن ڊرامي ۾ محب وطن ڪردارن تي روشني وڌي وئي آهي.

## سسئي پنهون

هي ڊرامو ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور جو لکيل آهي، جيڪو پڻ تاريخي پسمنظر ۾ شمار ٿئي ٿو هن ڊرامي ۾ سنڌ جي عظيم مفڪر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي عليه رحمت جي رسالي مان ورتل تمثيلي قصو آهي جيڪو تاريخي لوڪ داستانن تي مبني آهي.

## نجومي

هي ڊرامو محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو لکيل آهي، جيڪو ننڍين ناٽڪن ۾ شمار ٿئي ٿو ۽ اصلاحي ناٽڪ جي پسمنظر ۾ لکيل آهي.

## مقروض جو قرض

هي ڊرامو ڊاڪٽر نواز شوق صاحب جن جو لکيل آهي، جيڪو اصلاحي ناٽڪن ۾ شمار ٿئي ٿو.


ڪتب خانہ... واٹس ایپ لائبریری (گروپ ایڈمن: امیر عدنان 03337516944)

# ناٽڪ منڊليون

سال 1894ع ڏيارام جيٺيمل سنڌ ڪاليج ايمچوئر ڊرامھٽڪ سوسائٽي (سنڌ ڪاليج منڊلي) ڪراچي. هن منڊلي جا برپا ڪندڙ نالي جئڪسن (ڪاليج جو پرنسيپال ) ۽ پادشا (ڪاليج جو وائيس پرنسيپال هئا جن جي ڪوشش سان هي سڀ کان جهوني ناٽڪ منڊلي ڪراچي ۾ قائم ٿي، هن منڊلي لڳ ڀڳ 25 سالن تائين ناٽڪ پيش ڪندي رهي هئي:
”سال 1894ع ڏيارام جيٺيمل سنڌ ڪاليج ايمچوئر ڊرامھٽڪ سوسائٽي (سنڌ ڪاليج منڊلي) ڪراچي. هن منڊلي جا برپا ڪندڙ نالي جئڪسن (ڪاليج جو پرنسيپال ) ۽ پادشا (ڪاليج جو وائيس پرنسيپال هئا.“ (پنهور 1992ع، ص 83)
سال 1897ع ۾ ڌرم اُپڪار ايميچوئر ڊرامھٽڪ سوسائٽي شڪارپور (سکر) هي منڊلي برپا ڪندڙ نالي ناڪرداس ناگراڻي هو جنهن هن منڊلي کي برپا ڪري ڪيترائي اصلوڪا توڙي ترجمو ٿيل ڊراما پيش ڪيا:
”1897ع ۾ برپا ٿيل هن ناٽڪ منڊليءَ جو روح روان ديوان ناڪرداس هو“. (پنهور 1992ع، ص24)
سال 1905ع ۾ پليڊرس ڪلب، حيدرآباد ناٽڪ منڊلي برپا ٿي، هن منڊلي جي برپا ڪرڻ ۾ سنڌ جي وڪيلن جو هٿ هيو. هن منڊلي پڻ حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ مرزا قليچ بيگ جي ناٽڪن کان علاوه ٻيا بہ ڪيترائي ڊراما پيش ڪيا: ”1905ع ۾ حيدرآباد جي وڪيلن هيءُ ڪلب قائم ڪئي.“ (پنهور 1992ع، ص 25)
سال 1906ع ڏاري ڏيتي ليتي ناٽڪ منڊلي، حيدرآباد ۾ برپا ٿي، هي ناٽڪ منڊلي شاهي بازار ۾ هوندي هئي ۽ مزاحيہ ڊرامن کي پيش هٿي ڏنائين:
”1906ع ڏاري جڏهن حيدرآباد ۾ اجا تختن واري اسٽيج جو رواج ڪو نہ پيو هو تڏهن هيءَ منڊلي شاهي بازار ۾ مشهور ”ڪڪڙ ڪمپني“ جي دڪان جي ڪُڏ تي ڏيتي ليتي جي، روڳ خلاف وندرائيندڙ ڇهچٽا ڪري ڏيکاريندي هئي.“ (پنهور 1992ع، ص 25)
سال 1907ع ۾ چانڊڪا ايميچوئرس ڊرئمٽڪ سوسائٽي، لاڙڪاڻو برپا ٿي هئي، هن منڊلي جو سرواڻ ڪشنچند ٻيوس هوهن منڊلي ۾ تمام گهڻي حد تائين لوڪ داستان پيش ڪندڙ هئي، هن منڊلي جو سرواڻ پاڻ بہ هڪ ڊرامہ نويس رهي چڪو هو ۽ پاڻ هڪ سنو شاعر پڻ رهيو آهي:
”1907ع، ۾ هيءَ ڊرئمٽڪ سوسائٽي قائم ٿي جنهن جو روح روان ڪشنچند ٻيوس هو.“ (پنهور 1992ع، ص 26)
تنهن کان علاوه ٻيون جيڪي ناٽڪ منڊليون برپا ٿيون تن جا نالا ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور جي ڪتاب ”سنڌي ناٽڪ جي تاريخ“ سال 1992ع ۾ هن ريت ڏنل آهن:


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

عامل يونين ڊرئمٽڪ انسٽيٽيوٽ، ڪراچي. پريم ناٽڪ منڊلي، ڪراچي. ينگ سنڌيز ائسوسيشن ڊراما ڪلب، ڪراچي. ايميچوئرس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد. پريتم ڏرم سڀا ناٽڪ منڊلي، ڪراچي. سارسوت براهمڻ ڊرئمٽڪ سوسائٽي، ڪراچي. نئشنل ڪاليج ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد. نيو هاءِ اسڪول ڊرئميٽڪ سوسائٽي، ڪراچي. ساڌو هيرانند ائڪيڊمي اسڪول آس جي ٽولي، حيدرآباد. ينگ سٽيزنس ڊرئميٽڪ سوسائٽي حيدرآباد ، نانڪرام ناٽڪ منڊلي، حيدرآباد. سوشل سروس درئميٽڪ ڪلب، ڪراچي. رابندرناٿ لٽرري ۽ ڊرئمٽڪ ڪلب، حيدرآباد ۽ ڪراچي. سنڌ سوشل لٽرري ڊرئميٽڪ ڪلب، حيدرآباد. هندو ائڪيڊمي ڊرئميٽڪ سوسائٽي ڪراچي. پيرومل ٺاڪرداس ڊرائميٽڪ سوسائٽي، ڪراچي. ينگ مين ڊرئميٽڪ ڪلب، حيدرآباد. شاهاڻي اسڪول ناٽڪ منڊلي، ڪراچي. ديس ناٽڪ ڪمپني، ڪراچي. شنڪر ايموپچوئرس ڊرئميٽڪ سنسٿا، سکر. ٿلٽي ايميچوئرس سوسائٽي ڪراچي. حيدرآباد ناٽڪ منڊلي، حيدرآباد. ايميچوئرس ڊرئمٽڪ سوسائٽي ڪراچي. ڪاليج اسٽوڊنٽس ڊرئمٽڪ ڪلب، حيدرآباد. ڪاليداس ڊرئمٽڪ آرٽسٽس ائسوسئيشن، ڪراچي. ڪاليج اسٽوڊينٽس ڊرئميٽڪ ڪلب، ڪراچي. يونائيٽيڊ آرٽسٽس ڊرئمٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد. اسڪول ناٽڪ منڊلي، ميرپور خاص. ساهتي ڊرئمٽڪ سوسائٽي، نوشهروفيروز. ڊي جي ڪاليج سنڌ سرڪل، ڪراچي. ڊي جي ڪاليج سرسوتي منڊل، ڪراچي. سنڌي ساهتيہ منڊل بمبئي. ٽريننگ ڪاليج فارمين ڊرئمٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد. سنڌ ساهتيہ سڀا، دهلي. سنڌو ڪلاڪيندر، دهلي. گربي ناٽڪ منڊل، احمد آباد. سنڌو ساهتيہ سڀا، جئپور. جئہ هند ڪاليج سنڌي سرڪل بمبئي. سنڌي نوجيوان سڀا، دهلي. سنڌو ناٽڪ منڊل، الهاس نگر، بمبئي. سنڌي پئنچات، پٽيل نگر، دهلي. ڪلاڪار منڊل، ڀوپال. سنڌو ساهتيہ منڊل، آگرو. اتحاد آرٽ ڪلب، حيدرآباد. ڪوهہ نور ڊرئمٽڪ ڪلب، حيدرآباد. سنڌو سماج، دهلي. مهراڻ آرٽ سرڪل، حيدرآباد. وديارٿي ناٽڪ منڊل، احمد آباد. سنڌوسنگت، دهلي. ڪلاڪار منڊل، بمبئي. سنڌوسماج، لکنو. گورنمينٽ ڪاليج ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد. سنڌو ڪلامندر، بمبئي. لوڪ يسر، بمبئي سنڌوپال ڪلاڪار منڊل، احمدآباد. سنڌوڪلاسنگم، دهلي. زرعي ڪاليج ڊرئمٽڪ سوسائٽي ٽنڊوڄام. سنڌوڪلاڪار منڊل، احمدآباد. سنڌ ٿيئٽرس، حيدرآباد. پرڀات آرٽ سرڪل، حيدرآباد. ڪلا سنڌو ڪلچرل سوسائٽي، جئپور. سچل آرٽس ڪاليج سنڌي ڊرئمٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد. جئہ ڀواني ڪلاڪار منڊل، احمد آباد. سنڌو ساهت سڀا، بڙودا. سنڌو آرٽ ٿيئٽر، بمبئي. جهنڪار ڊرئميٽڪ سوسائٽي، الهاس نگر، بمبئي. سنڌي ساهتيہ ۽ ڪلانڪتين، احمد آباد. سنڌو ڪلامندر گانڌيڌام آديپور. سنڌو ڪلانڪيتن، بمبئي. سنڌي ڪلچرل سوسائٽي، دهلي. سنڌو ساگر ڊرئميٽڪ سوسائٽي، بمبئي. سنڌو ويلفيئر سوسائٽي، جئپور. سنڌي ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد. سنڌو ڀارتي سوسائٽي، دهلي. سنڌو ڪلاسرڪل، احمدآباد. پوڄا ٿيئٽرس، بمبئي. للت ڪلاسنگم، بمبئي. سنڌ آرٽ ائنڊ ڊرئميٽڪ سوسائٽي حيدرآباد. مهراڻ ناٽڪ منڊلي، دهلي. ناٽيہ سنڌ، بمبئي. سنڌ پيپلز ڪلچرل ائنڊ آرٽس ڪائونسل، حيدرآباد. جوتي ڪلامندر، بمبئي. گلفام آرٽس سرڪل، حيدرآباد. شاهہ لطيف

ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد. سنڌوساهتيہ سنگت، اجمير. سنڌوڪلاڪار سنگم، سانگانير - جئپور. رسڪلا ٿيئٽر يونٽ، احمدآباد. سنڌي ليڪڪ فورم، بمبئي. سنڌي ڊراما ورڪشاپ، احمد آباد. انواد سوسائٽي، بمبئي. رنگ ڪرم ٿيئٽر، احمد آباد. سنڌوڪلاڪيندر، ناگپور. جيوتي ڪلاسنستان، جئپور. مهراڻ آرٽ ڪائونسل ڪلب، شهدادڪوٽ. سنڌي ناٽڪ گهر، ڪلڪتو. ايشين آرٽس ائڪيڊمي، ڪراچي. سنڌي آرٽس فورم، حيدرآباد. سنڌوناٽيہ ڪلاڪيندر، بڙودا. سنڌي آرٽسٽ ڪلب، حيدرآباد. سرسوتي آرٽ سرڪل، احمدآباد. پٿائي آرٽ سرڪل، خانپور. ساگر آرٽ ٿيئٽر، احمد آباد. رزرو بئنڪ سنڌ سڀا، بمبئي. جهولي لال ڊرئميٽڪ سوسائٽي،حيدرآباد. ڪائونسل آف آرٽس ائنڊ ڪلچر، حيدرآباد. ستيہ ڪلامندر، احمدآباد. ڪونج يونيورسل، بمبئي. ناٽيہ ڪلاڪيندر، احمدآباد. ٿيئٽروالا ناٽڪ منڊلي، بمبئي ۽ سويٽي ٿيئٽر، احمد آباد جهڙيون مکيہ ناٽڪ منڊليون سنڌي ناٽڪ ۽ اسٽيج ڊرامن کي هٿي ڏينديون رهيون آهن. اهڙي طرح پوري سنڌ توڙي هند ۾ڊرامهٽڪ سوسائٽيون ۽ ناٽڪ منڊليون قائم ڪيون ويون جيڪي ڪراچي، حيدرآباد، شڪارپور، بمبئي، احمدآباد، حيدرآباد دکن، شڪارپور، ميرپور خاص ۽ لاڙڪاڻي جهڙي شهرن ۾ قائم ڪيو ويون هيون. جيتوڻيڪ پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ پاڪستان ۾ پڻ سرڪاري سطح تي ريڊيو اسٽيشنون قائم ڪيون ويون ۽ ريڊيو تي پڻ سنڌي ڊراما پيش ڪيا ويندا هئا. جنهن ۾ سنڌي ريڊيو ناٽڪن جا ڪيترائي علمي، تاريخي، مزاحيہ، سماجي ۽ فلاحي ڊراما پيش ٿيندا رهيا آهن ۽ اج تائين پڻ ٿيندا رهن ٿا. جيتوڻيڪ پاڪستان ۽ هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ پاڪستان جي ڪجهہ شهرن ۾ پڻ اجا سوڙو اسٽيج ڊراما پيش ڪيا ويندا آهن. هاڻي تہ هن جديد دور ۾ڪيترائي سنڌي نجي توڙي سرڪاري ٽي وي چينلن جو آغاز ٿي چڪو آهي جنهن تان بہ اڪثر ڪري سنڌي ناٽڪ پيش ڪيا ويندا آهن ۽ جيڪي پڻ اج تائين سهڻي نموني ۾ پيش ٿين ٿا.

## حوالا

1. بيگ، مرزا قليچ- شوق، نواز علي ڊاڪٽر، ثقافت ۽ سياحت کاتو، ص-24-25، سال 1990ع.
2. پريم، هدايت آخوند - سنڌي ۾ ٽي وي ڊراما، ڇماهي سنڌي ادب، سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ص-18، سال 1994ع.
3. ايضاً، ص 19.
4. پنهور محمد يوسف ڊاڪٽر - سنڌي ناٽڪ جي تاريخ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ص 22، ڄامشورو، 1992ع.
5. ايضاً، ص 85
6. ايضاً
7. ايضاً، ص 84
8. ايضاً، ص 83



www.sindhsalamat.com
ڪتاب خانہ... وائس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

9. ايضا ، ص 109
10. ايضا ، ص 82
11. ايضا ، ص 83.
12. ايضا ، ص 83
13. ايضا ، ص 83
14. ايضا ، ص 84
15. ايضا ، ص 84
16. ايضا ، ص 83
17. ايضا ، ص 22
18. ايضا ، ص 24
19. ايضا ، ص 25
20. ايضا ، ص 25
21. ايضا ، ص 25
22. خالد، ڪريم بخش- سنڌي ٻوليءَ ۾ عالمي ادب، پيغام رسالو، ص، 55، نومبر 1977ع.
23. عرساڻي، شمس الدين ڊاڪٽر - آزاديءَ کان پوءِ ڪهاڻي، ناول ۽ ناٽڪ جي اوسر، پيغام رسالو ڪراچي، ص، 50، سال مارچ اپريل 1984ع.
24. قاضي، خادم، ڊاڪٽر- ادب ۽ روايتون ، سنڌي اشاعت گهر حيدرآباد، ص 60، سال1992ع.
25. ملڪاڻي، منگهارام پروفيسر - سنڌي نثر جي تاريخ، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، ص 136، سال 1977ع.
26. نظاماڻي مير محمد - سنڌي ڊراما، ص 73، جلد ٻيو آر.ايم فتح اينڊ برادرس سال 1970ع.
27. ايضا ، ص 56-57
28. ايضا ، ص 59


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانُ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

## باب چوٿون

# 1947ع کان پوءِ سنڌي ڊرامي جو مختصر جائزو

انگريزن جهڙي ريت ٻين ٻولين کي سهوليتون فراهم ڪيون هيون اهڙي ريت سنڌي ٻولي سان پڻ اها روايت رکي وئي. انگريزن جي دور ۾ ئي سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏنو ويو ۽ سنڌي ٻولي کي دفتري ٻولي طور استعمال ڪرڻ جو حڪم نامو پڻ جاري ٿيو. تنهن کان پوءِ سنڌ جي علم ۽ ادب جي خدمت لاءِ عالمن تمام گهڻا سارا اعليٰ ڪارناما سرانجام ڏنا. شروع ۾ ٻين ٻولين جنهن ۾ سنسڪرت، انگريزي، گجراتي ۽ ٻين ڪيترن ئي ٻولين مان نادر ڪتابن ترجمي طور سنڌي ٻولي ۾ آندا ويا ۽ ڪيترائي ڊراما پڻ انهن ٻولين مان آڻي انهن کي سنڌي جامو پهرايو ويو.

جيتوڻيڪ هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ ڪيترائي سنڌي هندو جن ۾ هر هر طرح جا ماڻهو شامل هئا، انهن کان علاوه هندي اديبن، شاعرن، عالمن، فاضلن، ۽ اديبن ڊپ وچان پنهنجي ڪتبن سميت هندستان طرف رخ رکيائون. ان ورهاڱي دوران پڻ ڪيترائي تاريخي نوعيت جا واقعا نمودار ٿيا. هندستان ۽ پاڪستان جي ڪيترن ئي علائقن ۾ ابتدائي طور هنگاما ٿيندا رهيا ۽ انهن هنگامن ۽ حادثن ۾ ڪيترن ئي انسانن پنهنجون جانيون وڃايون ۽ ڪيترن جا لاش روڊ ۽ رستن تان مليا. اهڙي انڌوناڪ حالتن ۾ ڪيترن ئي واقعن ڪر ڪنيا بعد ۾ انهن واقعن جو ذڪر ادب نويسن پنهنجي قلم وسيلي نروار پڻ ڪيا.

جڏهن سنڌي هندو لڏپلاڻ ڪري هندستان طرف راهي ٿيا تہ هندستان مان ايندڙ مهاجر مسلمانن جا ڪيترائي ڪٽنب پاڪستان جي مڙني صوبن ۾ اچڻ لڳا. اهڙي صورتحال ۾ سنڌ صوبي کي ڪيترائي ڳنڀير مسئلا درپيش آيا، هڪ تہ سنڌ جي اهم شهر ۽ علائقن ۾ اردو ڳالهائيندڙن ۽ ٻين قومن جي تمام گهڻي حصي کي منتقل ڪيو ويو ۽ ٻيو جيڪو وڏي ۾ وڏو سانحو ٿيو سو هو ٻوليءَ جو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پاڪستان جي قومي ٻولي ”اردو“ کي قرار ڏنو ويو. تنهن کان پوءِ مهاجرن جي اچڻ سان سنڌ جي سماجي، سياسي، ثقافتي، علمي ۽ ادبي حالتن تي تمام هاڃيڪار اثر پيا. ڇاڪاڻ تہ هر سماج جا پنهنجا طور طريقا ۽ رسمون رواج هوندا آهن اهڙن سماجي قدرن کي آزادانہ سوچن جهڙا فقرا ايترو آساني سان تہ هرگز نہ ٿا تبديل ڪري سگهن ڇاڪاڻ تہ هر ثقافت ۽ تهذيب جا پنهنجا رجحان توڙي اقدار بنهہ الڳ ٿلڳ نظر ايندا آهن، جنهن سان ان قوم جي زندگي جا رنگ چٽي سگهبا آهن. جن کي جيڪر ٻين قومن جي هٿن ۾ ڏئي ڇڏبو آهي تہ انهن جي اصل شڪل بگاڙي ويندي آهي.

اهڙي ريت ورهاڱي واري واقعي مان مليل پيڙا اکين مان وهندڙ لڙڪ مثل آهي، هڪ انسان جي اک مان وهندڙ لڙڪن جي هر هڪ بوند ۾ هائيڊروجن، آڪسيجن، لوڻ ۽ اُس جي ڪيميائي


ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

جزن کان سواءِ انهيءَ انسان جا غم، خواهشون، خيال، تصور، خوشيون، ماحول ۽ سندس ذهني ڪيفيت، شخصيت، سندس جسم ۽ روح سڀ شامل هوندا آهن. سماج جون آرزو، تصور، خوشيون، خواهشون، غم، ماحول، ورثو جاگرافي، آبهوا، تواريخ، تهذيب، روح ۽ جسم سڀ ان جي دردن ۾ سمايل رهن ٿا. چو ته سنڌي ادب جي اوائلي دور ۾ جيڪي سنڌي هندو ۽ سنڌ جا مسلمان رهاڪو هوندا هئا تن پنهنجي ادبي ڪارنامن وسيلي گڏيل طور ڪيترائي ڪارناما سرانجام ڏنا هنن پنهنجو نور نچوئي سنڌ جي شان ۾ ڪيترائي قصا لکيا. تنهن کان علاوه سندن ئي گڏيل ڪوشش سان ٻين به ڪيترن ئي ڪتابن جهڙوڪ: سائنس، حڪمت، تاريخ، لغت، گرامر جا قائدا، قصا، ڪهاڻيون، داستان، آکاڻيون، افسانه، مضمون، خاڪا، سوانح حيات، آتم ڪٿا، ڊراما، ناول، خطوط، دستاويز، واپاري ڳالهيون، حڪومت جا قائدا، سياسي ڳالهيون، ڪورٽن جا فيصلا روئدادون، سلوڪ ۽ معروفت جو بيان، خاص خاص موضوعن تي لکيو ويو هو. جنهن جو سمورو رڪارڊ اڃا به موجود ملي ٿو.

انگريزن جي دور ۾ جيڪي اعليٰ مرتبت جا جاکوڙي ڪردار نمايان نظر اچن ٿا انهن ۾ شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ علمي ۽ ادبي ميدان ۾ سڀن کان اول صف ۾ نظر تي اچي ٿو. تنهن کان علاوه، ديوان ڪوڙو مل چندنمل، ڄيٺانند پرياڻي ، ليلا رامسنگه، ڏيئو مل گاگنداس، گاگنداس آڏواڻي، ديوان ٺاڪر داس، شيواسنگ اجواڻي، لوڪسنگ وطڻمل، ڪشنچند بيوس، ٻيرومل مهر چند، نانڪرام ڏرمداس، چاندومل ڪتري ٿهلرام چانڊواڻي، هرومل پريمچند، کانچنددرياڻي، آوتراءِ ٺاڪرداس، ليلارام ماکيجاڻي، تيجورام شرما، ٻاگسنگ آڏواڻي، لعلچند امر ڏنو مل، ڊنگومل، جهمٽل مل ٻاوناڻي، جڳتراءِ آڏواڻي، تيجومل شهاڻي، موٽومل گڏواڻي، منگهارام ملڪاڻي، ليکراج عزيز منگلسنگ رامچنداڻي، اڏو جهانگياڻي، احمد چاڳلا، آغا غلام نبي، مرزا نادر بيگ، جهمٽمل ٽڏاڻي، ليلارام ڦيرواڻي، ٺاڪرداس ورما، موتي منسڪاڻي، رمڻلال شرما، رامچند ڪيولراماڻي، محمد اسماعيل عرساڻي، موهن ڪلپنا، عثمان علي انصاري، رام پنجواڻي، ايڇ سي بلي، ل ل ڏوڏيجا، ڪلياڻ آڏواڻي، محمد عثمان ڏيپلائي، دوارڪاپرساد شرما، تيرٿ بسنت، ميلارام واسواڻي، حاجي امام بخش ”خادم“، محمد يوسف پنهور، آغا سليم، امر جليل، اياز عالم ابڙو، اياز قادري، در محمد پناڻ، قمر شهباز، جي جي زرينه بلوچ، زيڊ اي شيخ، سليم جمالي، شمشير الحيدري، شوڪت حسين شورو،طارق عالم ابڙو، عبدالڪريم بلوچ، عبدالقادر جوڻيجو، علي بابا، علي محمد جراح، فاروق سولنگي، ڪيهر شوڪت، قاضي خادم، ماڻڪ، مراد علي مرزا، مشتاق سومرو، منظور قريشي، منير احمد چانڊيو، ممتاز مرزا، نسيم احمد کرل، نور گهلو، آغا نادر، ارشاد قمر، اسماعيل بن واصف، امير صديقي، امير علي، ايوب سرحدي، بانو قدسيه، نورالهديٰ شاهه، سعيده ميمڻ، شاهد ڪاظمي، نوازعلي شوق، ڊاڪٽر يوسف پنهور، عبدالحق ابڙو، غلام نبي مغل، فيض محمد ٻگهيو، غلام نبي ميمڻ، الاهي بخش بلوچ، شبير چنا، سراج، مصطفيٰ قريشي، ناصر مورائي ۽ يوسف شاهين ڊرامه نويسن طور شامل آهن. هن ڊرامه نويسن ۾ اوائلي توڙي موجوده ڊرامه نويسن جو ذڪر ٿيل آهي ۽ هن فهرست ۾ اسٽيج، ٿيٽر، ٽي وي ۽ ريڊيو ڊرامه نويس جا نالا پڻ شامل ڪيا ويا آهن. ورهاڱي کان پوءِ حالتون بدلجنديون رهيون ۽ اهڙيءَ ريت سنڌي


ڪتب خانه... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊ من: امير عدنان 03337516944)

سماج ۾ ڪيترن ئي مسئلن ڪر ڪنيو. چاڪاڻ تہ سنڌي ماڻهو پنهنجي طبيعت ۾ تمام سياويڪ، سٻاجهو ۽ پورڙو ٿيندو آهي. جنهن ڪي سماج ۾ موجود پيرن، فقيرن، پنڊتن، سرمائيدارن، ڪارخانيدارن، واپارين، پوليس، ڪامورا شاهي جي ظلمن جي عتاب هيٺ رهندا آيا آهن ۽ اڄان تائين اهو سلسلو جاري رهندو اچي. ان جو وڏي ۾ وڏو سبب تعليم جي گهٽتائي وارو آهي. سنڌ جي ٻهراڙين ۾ تعيلم جا انتظام پڻ تمام ناقص رهيا آهن چاڪاڻ تہ ٻهراڙين ۾ اڪثر ڪري وڏيرن جو قبضو آهي، جيڪي غريب ٻارن فقط پنهنجو غلام ڏسڻ ئي پسند ڪندا آهن، انهن ٻهراڙي ۾ سرڪار پاران جيڪي بہ اسڪول قائم ٿيل آهن تن ۾ وري ماسترن جي غير حاضر رهڻ ۽ گهر ويٺي پگهار کڻڻ جي رسم پڻ عام جام آهي. جنهن ڪري اهي اسڪول يا تہ ڪنڊرن جو ڏيک ڏين ٿا يا وري انهن ڪي وڏيرن جي اوطاقن طور تي استعمال ڪيو ويندو آهي. ٻيو تہ سنڌي ماڻهو وهمي ٿئي جنهن ڪري هو پيرن ۽ فقيرن جي جنترن منترن ۾ جلد ئي سوگهو ٿيو پئي، يا وري عطائي ڊاڪٽرن جو هجوم اڄي سنڌ جي ٻهراڙين ۾ لڏو لاهي ويهي رهندو آهي، ڪين مڪمل ڄاڻ نہ هجڻ سبب غلط دوائن جو استعمال ۾ ڪيترن ئي ماڻهن جون حياتيون نيون وينديون آه. هڪ تہ بيروزگاري جيڪر ٿورو اپرو سيرو هوندو تہ ان ڪي پير ۽ فقير ڦريو ڪنگال ڪيو وجهن. ٿيون وري قبائلي دشمنيون هڪٻئي ڪي ٿوري ٿوري ڳالهين تي ٿا ٿا همراه ويو. وري پلاند ۾ ٻي ڏر جا چار پنج گهر ياتي چٽ. ٻيو وري سنڌ جا پير مير، ذات نسل، ڪارو ڪاري، نياڻين جون قرآن سان شاديون ڪرايون وينديون آهن. شادي مرادي ۾ اجاين فضول خرچ، جيڪي وڏيرن ڪان اوڌر تي ڪنيا ويندا آهن ۽ پوءِ انهن ڪي لاهڻ لاءِ سالن جا سال لڳيو وڃن، اها صورتحال اڪثر ڪري سنڌ جي ٻهراڙين ۾ عام جام ملي ٿي. ٽيون آزار جيڪو ٻهراڙين ۾ آهي سو وري ڪارو ڪاري جهڙا ڳنڀير مسئلا. ان ڪان علاوه، ننڍين ڳالهين تان روز جا جهيڙا معمول بڻيل آهن. ملڪيتن تي جهيڙا، ٻنين تي ناجائز قبضا، پاڻي جي واري تي خونريزي ۽ ٻيا ڪيترائي مسئلا سنڌي سماج ۾ روز بروز ٿيندا رهن ٿا:

”سنڌ ۾ سماجي مسئلن جو هڪ بنيادي سبب تعليم جي گهٽتائي پڻ آهي. انساني اوچ نيچ، ذات پات، رنگ نسل، ڪارو ڪاري، ۽ ٻيا ڪيترائي سماجي مسئلا سنڌي علم و ادب جا موضوع رهيا آهن. جن ڪي شاعريءَ ڪان سواءِ نثر ۽ افسانن، ناولن، ڊرامن ۽ قصن ۾ بيان ڪيووبو آهي.“ (الانا، 1987ع، ص 58)

اهڙي ريت سنڌ ۾ جيڪي سرڪاري يا نيم سرڪاري توڙي خانگي ادارا جيڪي قائم ٿيا تن ۾ وري، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، شاهہ ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد. شاهہ لطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ/ حيدرآباد. پاڪستان سرڪار جو اشاعتي ڪاتو، سنڌ سرڪار جو اشاعتي ڪاتو، سنڌي ادبي سنگت، سنڌ. اداره آواز ادب، حيدرآباد. اداره ادب نو، حيدرآباد. سنڌي ڊراما پبليڪيشن، حيدرآباد. اداره انسانيت، حيدرآباد. اسلاميہ درالاشاعت، حيدرآباد. زندگي پبليڪيشن، حيدرآباد. انجمن اماميہ، حيدرآباد. زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد. سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد،، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، ڄامشورو. انجمن علم و ادب، هالا. اداره سنڌي ادب، ٽنڊومحمد خان، سلسلہ اشاعت، ٽنڊومحمد خان، جيلاني پبليڪيشن، بدين.


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانہ...وانس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

مهراڻ پبليڪيشن لاڙڪاڻو. جمعيت الشعراءِ سنڌ لاڙڪاڻو. سنڌي سڌار سوسائٽي، لاڙڪاڻو. حبيبي پبليڪيشنس، سکر. سنڌي ادبي سنگت، ڪراچي. سنڌي ادبي سوسائٽي ڪراچي ۽ سنڌي ادب گهر وغيره شامل آهن.

اهڙيءَ ريت 4 آڪٽوبر 1954ع تي چئن ئي صوبن کي ملائي ون يونٽ ٺاهيو ويو. ان دور ۾ اسان جي سنڌي ماڻهن وڏي دليري سان پنهنجي وطن عزيز کي پيٽا طور زور شور سان ون يونٽ تحريڪ کي ختم ڪرڻ لاءِ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان واڪا پئي ٿيندا رهيا. جوان، ٻار ٻچا، ٻڍا، عورتون ۽ مرد سڀئي هن تحريڪ ۾ تمام زور وٺندا ٿي ويا. ون يونٽ ۾مزاحمتي ادب کي تمام گهڻي هٿي ملي ۽ ڪيترن ئي اديبن، شاعرن ۽ ليکڪن کي جيلن ۾ واڙيو ويو. ان سان پوري سنڌ ۾ هڪ مزاحمتي هلچل وڏي وئي. ان جو رد عمل طور سنڌي شاگردن پڻ قربانيون ڏنيون.

”ورهاڱي کان پوءِ هندو اديبن جي لڏي وڃڻ کان پوءِ ائين ٿي سمجهيو ويو ته سنڌي ادب پوين پساهن ۾ اچي ويندو. ان وقت سنڌي ڪتاب سرڪار طرفان نڪرندڙ ’مهراڻ‘ رسالو به بند ٿي ويو. سنڌي ڪتاب ڇپجڻ بند ٿي ويا.“ (خواجه، 2010ع، ص 123)

هن دور کي اسان سنڌي ٻولي جي نئين سر تعمير جو دور چئي سگهون ٿا. ڇو ته ون يونٽ واري ڦهري ڪوٺ کي ڊاهڻ لاءِ سنڌي عوام جي هر فرد پنهنجو پاڻ ملهايو. ان دور ۾ جديد سنڌي ادب جو پايو پيو جنهن ۾ شاعري، ناول، ڪهاڻيون، افسانا ۽ ڪيتريون ئي اخبارون ڪڍيون ويون ۽ ائين سنڌي ادب جديد دور جي ڪمپيوٽنگ ۾ پڻ جڳهه ٺاهي ورتي هئي.

”قوميت جي ترقي ۽ استحڪام لاءِ ضروري آهي ته انهن جي علحده حيثيت کي مڃيو وڃي. ۽ هر قوميت کي پنهنجي سيني ڪمن کي پاڻ پورو ڪرڻ جو اختيار ڏنو وڃي.“ (الانا 1987ع، ص 380)

سنڌ ۾ ڊرامن، ٿيٽرن، ناٽڪن، نوٽنڪين جون ڪيتريون ئي تنظيمون، ايسوسيئيشنس وغيره ۽ اسڪولن ۽ ڪاليجن جي شاگردن، سوين فنڪارن پنهنجي پنهنجي منڊلين کي انهن ناٽڪن وسيلي آباد پئي ڪيو هو. ناٽڪ لکندڙن ۾ مرزا قليچ بيگ، مراد علي مرزا، غلام حيدر صديقي، آغا سليم، امر جليل، قمر شهباز، نورالهديٰ شاهه، طارق اشرف، غلام نبي مغل، زيب سنڌي، علي بابا، بدر ابڙو ڪيهر شوڪت، ملڪ آگاڻي، منير چانڊيو مقبول ميمڻ، ممتاز ابڙو منظور لاڙڪ، ايم اي راجا، حميد آخوند، رزاق چانڊيو صديق ساگر، پرنس سعيد، ڊاڪٽر الطاف بخاري، ذوالفقار علي راڄپر، پروفيسر علي رضا شاهه، استاد تيجورام ، اسماعيل چانڊيو معشوق بلوچ، سعيد منگي، حميد پنهور استاد ارباب خان کوسو علي محمد عاجز عبدالوهاب شيخ، فتاح گهانگهرو منير گهانگهرو دولت رام کتري نعمت الله خلجي، عبدالغفار سنگهڙ، ارشد سومرو عبدالرزاق جمالي، ايم يحيا پنهور سعيد منگي، رشيد صابر، انور سولنگي، لالا معين فيروز احمد خان لغاري، رشيد جمال، اورنگزيب ساگر ۽ پيا کوڙسارا نالا ان ڪم ۾ پڻ جنبيل ها. انهن ۾ به چار نالا اڄ به سرگرم نظر اچن ٿا. جيڪي ڊراماٽڪ سوسائٽيون ۽ ايسوسيئشنس هيون تن ۾ جيڪي نالا ملي سگهيا آهن. انهن ۾ : ممتاز ڊرامهٽڪ ايسوسيئيشن، ملير آرٽ سرڪل، سنڌي ناٽڪ سوسائٽي، لياري اسٽيج ڊراما اڪيڊمي، ناٽڪ منڊل، سنڌو سپيتا سوسائٽي (ڪراچي)، شاهه آرٽس گروپ ( ٺٽو)، سنڌ ناٽڪ


ڪتب خانو...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

سوسائٽي،انڊس آرٽس انسٽيٽيوٽ، سنڌ ٿيئٽر، حيدرآباد اسٽيج ڪائونسل، سنڌ اسٽيج ڊراما ڪائونسل، سنڌي وليج ٿيئٽر، جهولي لعل ڊرامهٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد ڊراما اڪيڊمي ( حيدرآباد)، ٽر ناٽڪ ڪائونسل ڪيڙڇ ( بدين)، سنڌ اسٽيج آرٽسٽ فورم ، الفنڪار ڊرامهٽڪ سوسائٽي، مهراڻ ٿيئٽر ويزن، پاڪستان ڊرامهٽڪ سوسائٽي ( ميرپورخاص)، آرٽس ڪائونسل، اسٽيج آرٽس ڪائونسل، ساوڪ آرٽ اڪيڊمي رتوديرو (لاڙڪاڻو)، سرمست ڊرامهٽڪ سوسائٽي ڏهرڪي، شاهه لطيف ڊرامهٽڪ سوسائٽي، اجرڪ ڊرامهٽڪ سوسائٽي ، سنڌي ڊرامهٽڪ سوسائٽي قادرپور ( گهوٽڪي ۽ سکر) شيخ سنڌي آرٽس ڪلب ميهڙ، استاد بخاري اڪيڊمي، (دادو)، سنڌ اسٽيج ڊراما ڪائونسل نوابشاهه، راجا پروڊڪشن هگورجا، سچل ڊرامهٽڪ آرٽ سوسائٽي گمبٽ، شيوا منڊلي، سنڌ ٻالڪ سنگت ڊراما سوسائٽي، ڊراما آرٽسٽس فورم ۽ مهراڻ ڊراما آرٽسٽس اينڊ ايجوڪيشن فورم پير ڳوٺ ( خيرپور ميرس) بخاري آرٽ سرڪل شڪارپور، مهراڻ ڊراما ميوزيڪل گروپ ٿُل، سنگمر آرٽس اڪيڊمي، ارباب آرٽس اڪيڊمي (جيڪب آباد)، سچل ساهتيه سنگت، ڪنڊڪوٽ، ڪارونجهر آرٽس ڪائونسل مٺي وغيرهه شامل آهن. موجوده دور ۾ سنڌ ۾ ناٽڪ، ٿيئٽر، اسٽيج ۽ نوٽنڪي سرگرم ڪرڻ جي نه رڳو گهرج آهي پر ان سلسلي ۾ سنڌ جو ثقافت کاتو انهن سمورين تنظيمن سان لهه وچڙ ۾ اچي، ڪي ڪارگر ۽ ٺيڪ جهڙا ڪم ڪري. انهن سمورين سوسائٽيز سرڪلز ڪلبز اڪيڊميز ڪائونسلز کي هڪ هنڌ گڏ ڪري، انهن جي فن ۽ ايڪشن مان فائدا ورتا وڃن. سنڌ ۾ عاليشان فنڪار پيدا ڪرڻ جو اهو ڪم ٽي وي چينل به ڪري سگهن ٿا:

”آزاديءَ کان پوءِ ترت پهرين، ڪراچيءَ ۾ ريڊيو اسٽيشن قائم ٿي. جتان سنڌي ٻولي ۾ به پروگرام نشر ٿيڻ لڳا. ون يونٽ واري زماني ۾ حيدرآباد ۾ به ريڊيو اسٽيشن قائم ٿيڻ جي ڪري هن اسٽيشن تان سنڌي ٻوليءَ ۾ شاهه جي ڪلام کان سواءِ ٻين شاعرن جو ڪلام، ڪافيون،غزل، گيت، نظم ۽ لوڪ گيت نشر ٿيڻ لڳا..“ (الانا 1987ع، ص 380)

آزاديءَ کان پوءِ ريڊيو پاڪستان جي قيام دوران پڻ سنڌي ادب کي تمام گهڻي هٿي ملي. ان سان گڏ آزادي کان اڳ جيڪو سنڌي ناٽڪ اسٽيج تي پيش ڪيو ويندو هو ان جو وري نئين سر رواج پيو ۽ ڊرامه وري اسٽيج تي پيش ٿيڻ لڳا. ريڊئي پاڪستان ڪيترين ئي عورتون فنڪار پيدا ڪيا. ان ڪري اسٽيج ۽ فلمن ۾ پڻ عورتن جو انگ تمام گهڻو وڌڻ لڳو. اهڙي ريت ڪراچيءَ ۾ ٽي وي اسٽيشن جو پڻ قيام عمل ۾ آيو:

”ڪراچي ٽي وي اسٽيشن تان، سنڌيءَ ۾ هر هفتي ڊراما ۽ لوڪ رس جا پروگرام، لوڪ ناچ، لوڪ ڪچهريون، ادبي محفلون ۽ چٽاپيٽيءَ توڙي معلوماتي پروگرام، ٻارن ۽ آبادگارن جا پروگرام نشر ٿيڻ لڳا آهن.جن سنڌي ٻوليءَ ۾ نئون اُتساهه جاڳايو آهي..“ (الانا، 1987ع، ص 431)

اهڙي طرح سنڌي عوام ۾ سجاڳي وارو دور پيدا ٿيو ۽ انهن جي عوامي جدوجهد رنگ لاتو سنڌي ٻولي کي وري نئون اتساهه مليو ۽ هن دور ۾ ريڊيي جي وسيلي پڻ سنڌي ٻولي کي هٿي ملي، ۽ ٽي وي اسٽشن اچڻ ڪري پڻ سنڌي پراڻن ناٽڪن توڙي ان وقت جي ڊرامه نويس کي پڻ هٿي ملي ۽ اهڙي ريت سنڌي سماج مان ڪيترن ئي موضوعن تي آڏاريل ڊراما لکيا ويا ۽ پيش ٿيندا رهن ٿا:


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944 )

”اھڙيءَ طرح اسٽيج ڊراما، ٽي وي ڊراما، ھن دور جون اھم صنفون آھن. ريڊيائي ڊرامن ۾ محترم منظور نقوي، مراد علي مرزا، ممتاز مرزا، آغا سليم، امرجليل، غلام حيدر صديقي ۽ علي بابا، سنڌي ڊرامہ لکڻ ۾ نوان تجربا ڪيا. ۽ عشقيہ داستانن کان سواءِ جاسوسي ڪھاڻين، لوڪ ڪھاڻين، تاريخي ۽ نيم تاريخي داستانن جي پلاٽ تي ريڊيائي ڊراما پيش ڪري ٻڌندڙن ۾ نئون جذبو جاڳايو“ (الانا، 1987ع، ص 432)

اھڙي ريت محترم آغا سليم صاحب جن ”دودو چنيسر“ لکيو ھي تاريخي پسمنظر جو ڊرامو آھي، ان کان علاوہ ٻيو سندس تاريخي ڊرامو ”دولھہ دريا خان“ آھي، ۽ ان کان پوءِ ”گل چنو گرنار جو“ جھڙا اعليٰ ڊراما لکي سنڌ جي قومي جذبو رکندڙ ڪردارن کي اجاگر ڪيو اٿس. علي بابا جو ڊرامو ”رج جا راھي“، سنڌ جي تاريخ ۽ وطن پرستي جي جذبي سان ٽمٽار ۽ اُتساھہ جاڳائيندڙ ۽ ھڪ نہ وسرڻ جوڳو ڊرامو آھي. اھڙي ريت علي بابا، امدادحسينيءَ ۽ امر جليل جا ريڊيائي ڊراما سنڌي ٻوليءَ لاءِ اعليٰ ڪارنامو رکندڙ ليکيا وڃن ٿا. ريڊيئي توڙي ٽي وي ڊرامن جي موضوعن ۾ ڏينھون ڏينھن تمام گھڻي وسعت اچي رھي آھي:

”ھاڻ تہ ڪيترائي اديب، اسٽيج، ريڊيئي ۽ ٽي وي ڊرامن، ڪالمن، شوبزنس ۽ ٻين پروگرامن ۾ پنھنجو پاڻ ڪي مڃائي چڪا آھن. اُنھن ۾ ڪي نامور نالا ھي آھن. منظور نقوي، مراد علي مرزا، ممتاز مرزا، علي بابا، عبدالڪريم بلوچ، شمشيرالحيدري، آغا سليم، عبدالحق ابڙو، عبدالقادر جوڻيجو، نورالھدي شاھہ، امر جليل، قمر شھباز، امداد حسينيءَ شوڪت ڪيھر، شوڪت شوري، آغا رفيق، زيب سنڌيءَ، طارق عالم ابڙي، حفيظ ڪنير ۽ ٻين ڪيترن جا نالا لکي سگھجن ٿا.“ (الانا، 1987ع، ص 431)

اھڙيءَ ريت موجوده دور ۾ پڻ سنڌي ٽي وي چينلن جو آغاز ٿي چڪو آھي، جن تي پڻ ڪيترن ئي ڊرامہ نويسن جا ڊراما ھر روز شايع ٿي رھيا آھن ھاڻ تہ ھن ٽيڪنالاجي جي دور ۾ ڪيترين ئي سنڌي ٽيلي فلمون پڻ پيش ٿي رھيون آھن.

ريڊيو جي ايجاد سان ڊرامہ جو رخ نين ٽيڪنڪس طرف وڌيو ھن وقت تائين ريڊيو تي ڪيترائي سنڌي ترجمو ٿيل توڙي اصلوڪا ڊراما نشر ڪيا ويندا آھن، شروع وارن ريڊيو ڊرامن مان ڪجھہ ھي ڊراما پڻ خاص مشھوري ماڻي چڪا آھن. ”نپال گھر“ اصلوڪو ٽئگور جو ترجمو الاھي بخش بلوچ. ، ”موسم ۽ محبت“ مصطفيٰ قريشي. ”سورج مکي“ ممتاز مرزا. ”معزز طوائف“ اصلوڪو لکيل سارتر مترجم غلام نبي ميمڻ. ”کلندي کلندي مري ويو“ اصلوڪو لکيل چيخوف مترجم شبير چنا. ”انصاف“ اصلوڪو لکيل شيڪسپيئر مترجم محبوب علي جوکيو. ”نجومي“ اصلوڪو ناٽڪ محمد عثمان ڏيپلائي. ”ھئڊروجن بم کان پوءِ“ اصلوڪو لکيل ابن حيات پنھور. ”دريا خان“ شبير چنا. ”روپ بھروپ“ اصلوڪو لکيل آغا سليم. ”جھڪندڙ ديوارون“ موھن ڪلپنا. ”آخري رات“ ممتاز مرزا. ”گھاتو گھر نہ آيا“ اصلوڪو لکيل سراج. ”چوراھو“ اصلوڪو لکيل مراد علي مرزا. ”سچا سيج پلنگ“ بشير چنہ ۽ ٻيا بہ ڪيترائي ڊراما شامل آھن.اڄڪلھہ ٽي وي ڊرامو سنڌي ادب جي بھترين جديد ۽ اھم صنف طور لکيو وڃي ٿو سنڌي ڊرامہ نويس ٽي وي ڊرامہ ڏي ايڏو تہ مائل ٿي ويا آھن جو سنڌي ڊرامہ سان گڏوگڏ اردو ڊراما پڻ لکي رھيا آھن.


ڪتاب خانہ...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

سنڌ ۾ جيڪي ڊرامہ نويسن متعارف ٿيا انھن ۾ آغا سليم، ممتاز مرزا، مراد علي مرزا، امر جليل، عبدالقادر جوڻيجو نورالھدي شاھہ، عبدالڪريم بلوچ، علي بابا، ڪيھر شوڪت، شوڪت شورو طارق عالم ابڙو حفيظ ڪنير، محمود مغل، نور گھلو رحمت الله ماجوتي ۽ آغا رفيق اھم آھن. سندس پيش ٿيل مشھور ڊراما ھن ريت آھن. "دنگيءَ منجھ درياھہ"، "آخري رات"، "اداس پاڇا"، "وڏيري"، "سوال"، "راڻي جي ڪھاڻي"، قسطوار ڊرامو "سام".

ڊاڪٽر محمد يوسف پنھور جا ناٽڪ، "مھمان"، "سسئي پنھون" ۽ ڪجھہ ٻيا پڻ ملن ٿا.

آغا سليم جا ٽي وي ڊراما، "پاڳل خانو"، "چانڊوڪيءَ جو زھر"، "خواب جو سورج"، "تماشو"، "پاس ناپاس"، "پرھہ جا مسافر"، "ٽيليفون"، "بري ھن پنيور ۾" ۽ "سڪ جي وستي" شامل آھن.

امر جليل جا ٽي وي ڊرامہ "اونده ۽ روشني"، "شڪست ڪان پوءِ"، "ماءُ" شامل آھن.

اياز عالم ابڙو جا ٽي وي ڊرامہ، "ڌات جي ڏيھہ ۾"، "گھايل مرڪ" ۽ "نيھن جا ناتا" شامل آھن.

اياز قادري جو ڊرامو "سامين ٿمير سور".

در محمد پٺاڻ جو "اونداھيءَ جا اولڙا".

جي جي زرينہ بلوچ جو ڊرامو "ليلا مليس ڪنوار".

زيبد اي شيخ جو ڊرامو "روح ۽ رُج".

سليم جمالي جو ڊرامو "پاڙي ناھہ پروڙ".

شمشيرالحيدري جا ناٽڪ "عيد پارٽي"، "ناھہ"، "پلٽڻ"، "علاج" ۽ "احساس" شامل آھن.

شوڪت شوري جا ڊراما "احساس"، "اڌ مڙھيل سٽيئر"، "ديوار" ۽ "ڌرتيءَ جا تارا" شامل آھن.

طارق عالم ابڙي جو ڊرامو "چنڊ رھين ٿو دور".

عبدالڪريم بلوچ جا ناٽڪ "روح جا رشتا"، "ڪاش ائين ھجي"، "جوڳي تي جڙاءَ"، "پرچائڻ وارو"، "ٻئنسر ادل جي" ۽ "مھمان" شامل آھن.

عبدالقادر جوڻيجي جا ڊراما "گردش"، "ويندڙ وھي"، "ڳولا"، "پنگ" ۽ "مون ۾ آھين تون" شامل آھن.

علي بابا جا ناٽڪ "روشن تارا"، "پرين ۽ پيچرا"، "سؤ ربيا نوٽ ماڻھو"، "چنڊ ۽ ماني"، "ھي جيون ھي سپنا"، "منو"، "لھرون لس بيٽ"، "دنگي منجھ دريا" ۽ "روپ بھروپ" شامل آھن.

علي محمد جراح جا ناٽڪ "ڪڏھن ائين بہ ٿئي ٿو"، "رستا" ۽ "راھي ۽ ٿانَ جي شوخائي" شامل آھن.

قاضي خادم جا ڊراما "گھُٽ"، "وصيت نامو"، "بہ واتون"، "شڪست"، "منزلون"، "مسافر ۽ موت" ۽ "فاصلو" شامل آھن.

قمر شھباز جا ناٽڪ "انٽرويو"، "پاڇي جي تلاش"، "پنھل ڪان پوءِ"، "پاڇا ۽ پڙلا"، "شڪست"، "ڪنگلو"، "ڪاري"، "واريءَ سندو ڪوٽ"، "دادلو" ۽ مزاحيہ ڊرامو "بہ ۽ بہ - ٻاويھہ" شامل آھن.

ماٽڪ جو ڊرامو "آيل ڙي اولاٽا" شامل آھي.


ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

مراد علي مرزا جا ناٽڪ ”ناسور“، ”گنهگار“، ”اداس پاڇا“، ”اجرو من“، ”سين هنيائون سچ ۾“، ”کھاڙو“ ۽ ”ڪنڊ ۾ زخم زندگيءَ جا“ شامل آهن.
مشتاق سومري جو ڊرامو ”نتيجو“.
منظور قريشي جو ناٽڪ ”لڙڪ لڙڪ زنجير“.
منير احمد چانڊيو جو ڊرامو ”سوداگر“.
ممتاز مرزا جا ناٽڪ ”ستارن ڀنا رات“، ”اندر جنين جواڏ“ ۽ ”سچائيءَ جو عڪس“ شامل آهن.
نور گهلو جو ڊرامو ”روشني“.
نسيم احمد ڪرل جو ڊرامو ”پهرين مراد“.
آغا نادر جو ڊرامو ”روشنيءَ جي تلاش“.
ارشاد قمر جو ڊرامو ”سچ جنهين جو سير“ (مزاحيه ڊرامو).
اسماعيل بن واصف جو ڊرامو ”سڌين سيڻ نه هون“.
امير صديقي جو ڊرامو ”انسپيڪشن بنگلو“.
امير علي جو ڊرامو ”آخري قسط“.
ايوب سرحدي جو ڊرامو ”درد جا پاڇا“.
بانو قدسيه جو ڊرامو ”سرءُ جو پن“ مترجم ممتاز مرزا.
سعيده ميمڻ جو ڊرامو ”زخم زندگيءَ جا“.
شاهد ڪاظمي جو ڊرامو ”سود ۽ ساهه“

۽
شاهد ڪاظمي / نواز علي شوق جو ڊرامو ”سوجهرو“.
عبدالحق ابڙي جو ڊرامو ”دانا ديوانا“.
غلام نبي مغل جو ڊرامو ”شيشي جو گهر“ جنهن ڪي ڊرامائي روپ علي بابا ڏنو.
فيض محمد ٻگهيو جو ڊرامو ”جيئڻ ڪارڻ جيڏيون“ ۽ ”ڪانيو“.
مهتاب محبوب جا ڊراما ”روئي ڏنو رات“، ”سيڻ ڏيڻ“، ”بليٽن“ ۽ ”لالڻ شامل“ آهن.
ناصر مورائي جو ڊرامو ”داءُ“.
يوسف شاهين جو ڊرامو ”مونجهارن جو ماڳ“ شامل آهن.
هاڻي ڪي ٽي اين، سنڌ ٽي وي، ڪي ٽي اين، آواز ۽ مهراڻ ٽي ويز تان پڻ ڪيترائي سنڌي ڊراما پيش ٿيندا رهن ٿا.

♦♦♦♦

**ختم شد**


ڪتب خانہ...واٹس ایپ لائبریری (گروپ ایڈ من: امیر عدنان 03337516944)

## حوالا

1. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، سنڌي ٻولي جي ارتقا، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ. ص 58، سال 2006ع.
2. ايضاً، ص 380
3. ايضاً
4. ايضاً، ص 431
5. ايضاً، ص 432
6. ايضاً، ص 432
7. خواجه، نور افروز ڊاڪٽر، ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر، ص 123، شيخ شوڪت علي اينڊ سنز، سال 2010ع


ڪتب خانو... وٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

# ببليوگرافي


## سنڌي ڪتاب

1. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻولي جي ارتقا“ سال 2006ع، سنڌ لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد، سنڌ پاڪستان..
2. ايضا ۔، ”سنڌي ٻولي جو اڀياس“، سال 1987ع، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو.
3. بلوچ ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ”سنڌي مؤسيقي جي مختصر تاريخ“سال 1978ع شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، حيدرآباد سنڌ.
4. ’پريمي‘ موھن لعل، ”ادبي گل“، سچل سرمست سنڌي ساھت سوسائٽي سنڌ ڏوڪري
5. پرڪاش پريم، ”سنڌي ناٽڪ جي اوسر“ (تحقيقي مقالو)، سال 1993ع، انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي اديپور.
6. پنھور، محمد يوسف – ”سنڌي ناٽڪ جي تاريخ“، سال 1992ع، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو.
7. خواجہ نور افروز ڊاڪٽر، ورھاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر، سال 2010ع شيخ شوڪت ائنڊ سنز ڪراچي.
8. سيد، امتياز علي تاج، ”بمبئيءَ جو ابتدائي اردو ڊرامو خورشيد“،سال 1969ع، مجلس ترقي ادب، لاھور
9. شاھواڻي، غلام محمد، ”ادبي اصول“ (ڀاڱو ٻيو)، ايچ احمد ائنڊ برادرس، پبلشرس بڪسيلرس، شاھي بازار، حيدرآباد، سنڌ.
10. شورام، ڊاڪٽر ۽ سڌاڪرگوڪاڪر، ڊاڪٽر ، ”ناٽڪ اوُر رنگ منچ“ سال 1979ع.
11. شوق، نواز علي، ڊاڪٽر،”مرزا قليچ بيگ“،سال 1990ع، ثقافت ۽ سياحت کاتو.
12. شيدائي مولائي، رحيمداد خان، ”جنت السنڌ“ سال 2000ع سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي
13. صديقي، غلام حيدر ”ننڍي کنڊ ۾ ڊرامي جي تاريخ“، سال 2009ع، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ
14. عباسي، محمد احمد منصور، ”تھذيبن جي عالمي تاريخ“، سال 2005ع، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي.
15. قاضي خادم، ”ادب ۽ روايتون“،سال1992ع، سنڌي اشاعت گھر حيدرآباد.
16. ملڪاڻي، پروفيسر منگھارام، ”سنڌي نثر جي تاريخ“سال 1968ع، ڪونج پبليڪيشن بمبئي.
17. ايضا ۔ - ”ادبي اصول“،سال 2007ع، سنڌي ڪتاب گھر- حيدرآباد، سنڌ.
18. ميمڻ، پروين موسيٰ، ”سنڌي نثر جي ڪن صنفن جو اڀياس“، سال 2008ع، ايچ اي سي پرنٽنگ پريس اسلام آباد، پاڪستان.
19. نظاماڻي، مير محمد ”سنڌي ڊراما“،جلد ٻيو سال 1970ع. آر.ايم فتح ائنڊ برادرس.
20. ايضا ۔، ”سنڌي ڊراما، سال 1982ع، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو.



ڪتاب خانہ ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

21. هڪڙو، انور فگار ، ”شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو“- سال 2009ع انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، سنڌ.

## انگريزي ڪتاب

1. Theodore Hatlen, Drama: Principles & Plays, 1967، Appleton Century Cropts, New York
2. W. Halen Theodore, Drama – Principles & Plays, 1967 ،A.C.C New York
3. Walter Kerr, “Tragedy and Comedy, Simon & Schuster, 1968

## سنڌي رسالا

1. سنڌي ادب رسالو نومبر 1981ع- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو.
2. ڪلاچي تحقيقي جرنل سيپٽمبر 2003ع، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي
3. پيغام رسالو مارچ اپريل 1984ع ڪراچي.
4. ڪينجهررسالو، 1978ع، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو.
5. مهراڻ رسالوسال 1987ع، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
6. سنڌ رسالو (ڇهون ڪتاب)- سال 1992ع، سنڌ اسٽڊي سينٽر حيدرآباد.

## اردو رسالو

1. نقوش: مارچ 1963ع

سنڌ سلامت
ڪتاب گهر



www.sindhsalamat.com
ڪتب خانہ... واٹس ایپ لائبریری (گروپ ایڈ من: امیر عدنان 03337516944)